جيڪي منهنجي مَن ۾ آهي
ڪهاڻيون
نجم عباسي
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

جيڪي منهنجي مَن ۾ آهي

★ ڪهاڻيون ★

نجم عباسي

زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناجم عباسي، آنهن تمام ٿورڙن ڪهاڻيڪارن مان آهي، جي لاڳيتو لکي رهيا آهن. هو ۳۴ سالن کان ۽ ۵۰ ورهين جي چمار کي پهچندي به چڱي رفتار سان لکي رهيو آهي.

هن جا ڇپيل ڪتاب:

(۱) طوفان جي تمنا	۱۹۶۹ع
(۲) پٿر تي ليڪو	۱۹۷۳ع
(۳) ڳاڙهو لالٽين	۱۹۷۴ع

(ليکڪ جا حق ۽ واسطا قائم)

○

قيمت ۵۰-۷ رپيا

جو هنڌ:
ادبيات بڪسيلر تلڪ چاڙهي حيدرآباد

سنڌ پرنٽنگ پريس، آڪال ڀونگا گهٽي، حيدرآباد
محمد آمين شيخ منتظم 'زيب ادبي مرڪز' حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪريان ٿو،
هي ڪتاب،
نالي،
محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو چوٿون ڪتاب

☆

جيڪي منهنجي من ۾ آهي، سو سمورو پين تائين پهچائي نه ٿو سگهان. پهرن ۾ پابندين جا پهاڙ جو موجود آهن.

جيڪي منهنجي من ۾ آهي ، ان مان ڪجهه نه ڪجهه واقعن ، اشارن ، اهڃاڻن ، علامتن، ڪردارن جي جيون، ڪردارن جي ويچارن، ڪردارن جي هلت چلت ۽ ڪردارن جي گفتگوءَ ذريعي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

جيڪي منهنجي من ۾ آهي، ان مان جڏهن ڪجهه نه ڪجهه ڪهاڻيءَ ۾ اوتيندو آهيان ، تڏهن ڪهاڻي پوري ڪرڻ ڪان پوءِ به من جو بار هلڪو نه ٿيندو اٿم، جو ته سڀ ڪجهه ان ۾ اوتي نه سگهندو آهيان ، گهڻو ڪجهه من جو من ۾ رهجي ويندو آهي. ڪهاڻي، من جو بار هلڪو ڪرڻ خاطر به لکبي آهي.

جيڪي منهنجي من ۾ آهي ، سو جي سموري جو سمورو ڪهاڻيءَ ۾ لکي ويندو آهيان تہ گهڻو ڪري اهڙي ڪهاڻي ڇپجڻ لاءِ ڪو نہ ڏيندو آهيان، جي ڏيندو آهيان تہ ڇپجي ڪو نہ سگهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پنهنجن اڳين ڪتابن واسطي ڪهاڻيون تاريخ وار ڪونه ڪنيون هيون. هن ڪتاب ۾ ڀريون تي ڪهاڻيون نيون ۽ آڻ ڇپيل آهن، پوءِ رهيل ڪهاڻيون تاريخ وار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. انهن مان ڪي ٽيهه پنجيهه سال اڳ لکيل آهن ۽ ڪي پاراڻيون آهن، پر انهن مان منهنجي ان وقت جي سوچ جو ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو.
ڪن ڪهاڻين جا ِسرا مٽايا اٿم.

جيئي سنڌ

۲۰- مارچ ۱۹۷۷

نجم عباسي—

۹۵- بي، يونٽ نمبر ۲
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيون

★

١- بزرگ جو بدلو	٩
٢- ٻاهر وارو	١٩
٣- ٻہ خبرون	٣١
۴- دوستي نہ ڏسي دين ڌرم	۴١
٥- ڪنڌ جي چوري	۴٥
٦- ڏوهي بيڏوهي	٥٠
٧- وڏيري جو وارث	٥٧
٨- پهرين رات، پهرين ملاقات	٦٣
٩- شاگرد جو قاتل	٦٨
١٠- حيلو	٧٦
١١- ڏاڙهيءَ ۾ ڪک	٨۴
١٢- ڪڙاڻ	٩٠
١٣- سي ڇا ڄاڻن دل جي دنيا	٩٨
١۴- رڪاوٽ	١٠٥
١٥- ٽولي جو ننگ	١١٠
١٦- سڙي سارو ڏينهن	١٢١
١٧- رقابت جا رنگ	١٣١
١٨- اصلي نالا	١٥٠
١٩- عمر شاديءَ جي سزا	١٦٠
٢٠- سنڌ ۾ طوفان	١٧٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بزرگ جو بدلو

پير سائين ڏاڍو خوش هو. هر ڪنهن کي ڪِلي ڪِيڪاري رهيو هو. مڙني سان مُرڪي ملي رهيو هو. رات جو سوڍيءَ سان گذاريل گهڙين جو خمار ۽ هن جي حُسن ۽ جوڀن جو جادو، اڃا تائين هن جي دل ۽ دماغ تي ڇانئيل هو.

سوڍي، هن جي هڪ مريد، خميسي، جي سورنهن سالن جي ڏاڍي سهڻي ڌيءَ هئي. هوءَ پنهنجي ماءُ ۽ ڪِن ڀين ڀائرن سان، پير جي زيارت خاطر، سندس حويليءَ ۾ وئي هئي. پير جي نظرن تڏي تي ئي هن کي چونڊي ورتو. چوٿين ڏينهن ئي پير جي خليفي وڃي خميسي کي مبارڪ ڏني ته پير سائين مٿس مهربان ٿيو آهي ۽ هاڻي نه رڳو سندس آخرت سنورڻ واري آهي، پر هن دنيا ۾ به سکيو ستابو رهندو، ڇو ته پير سائينءَ سندس ڌيءَ سوڍيءَ کي پنهنجي حرم ۾ داخل ڪرڻ جي عنايت ڪري رهيو آهي.

خميسو هن پير جو پيڙهائتو مريد ۽ مسڪين هاري هو. پير جي اهڙي ڌيان جي لائق ٿيڻ ڪري، هو پنهنجا ڀاڳ ڀلا سمجهڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن ئي سوڍي حويليءَ اندر پهچي وئي. پير کي چار نڪاح ٻڌل زالون هيون. ڪيترين ئي سريتون هئس. سريتن جي به اجازت آهي ۽ انهن جو ڪو ڳاڻاٽو به مقرر ڪونهي. سوڍي به سريت ٿي، هن حويليءَ ۾ گهڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ٻهرين رات هئي، جا پير هن سان گهاري هئي. صبح جو سوير اچي، پنهنجي مسجد ۾ جماعت کي فجر جي نماز پڙهايائين. اڄ هن جا سجدا دستور کان وڌيڪ ڊگها هئا.

پير تسلي قليل ڪري، اچي ڪچهريءَ ۾ ويٺو. پنهنجي ڊگهي چاپٽين مينديءَ رتل ڏاڙهيءَ کي ڦڻيءَ سان سنواريو هئائين. اکين ۾ سرمو پاتو هئائين. ڪپڙن ۽ بدن تي عطر اوتيو هئائين. ان ڪري هن جي آسپاس ڏاڍي سرهاڻ هئي. مٿي تي ڪُلهي سان پٽڪو ٻڌل هوس، جنهن جي پاسن کان مينديءَ لڳل وار نظر اچي رهيا هئا. ساڄي هٿ ۾ تسبيح هئس، جا هر وقت سرندي تي رهي.

پاڻ هڪ اوچي پلنگ تي، نرم ۽ تُلهن وهاڻن کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هو. پاسن کان خاص ۽ معتبر ماڻهن لاءِ ڪرسيون ۽ ڪوچ رکيل هئا. وچ تي عام ماڻهن لاءِ گلم وڇايل هو.

خليفي اچي آهستي پير سان ڪجهه ڳالهايو. پير اٿي، پرواري ڪوٺيءَ ۾ ويو. اتي تَر جو هڪ وڏيرو ويٺو هو. دستوري دعا سلام کان پوءِ وڏيري عرض ڪيو:

”توهان سان خاص خلاصي ڳالهه ڪرڻي آهي، ان ڪري توهان کي هيڏانهن اچڻ جي تڪليف ڏني اٿم. اسان جهڙا گنهگار توهان جهڙن پهتلن جي پناهه نه وٺندا ته ٻيو ڪيڏانهن ويندا.“

”چئه وڏيرا، ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سائين! منهنجي هڪ هاريءَ سنوت نہ ٿي ڏني، سو ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، هن ٿي ماڻهو ٻڇي، هن جو ڪنڌ ڪپائي ڇڏيم. هونءَ تہ اهڙن ٽڪي جي هارين کي ڪير پڇي بہ ڪونہ، گهٽي ڏي ختم ڪرائي ڇڏياسين. پوليس پاڻ ڪان پري ڪانہ وڃي، توهان جي چانوَ بہ اسان جي سر تي، سو ڪير اسان جو وار ونگو ڪندو. پر هينئر ڪي دهريا ۽ ڪميونسٽ اچي جاڳيا آهن، جي ان هاريءَ جي مائٽن کي پيا ڇهڙين ۽ ڀڙڪائين تہ جي هتي جي پوليس توهان کي منهن نہ ٿي ڏئي تہ هلو اسين ٿا توهان سان گڏجي هلون، هلي مٿين عملدارن وٽ پڪاريو ۽ اخبارن ۾ وجهرايو، وڪيل ٻڙي جو بار بہ هو کڻن ٿا، سو ان ڪري ٿورو الڪو ٿي پيو آهي.“

”تون ڪو خيال نہ ڪر. مون تہ پنهنجي حياتي انهن دهرين ۽ ڪميونسٽن خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. اهي هڇارا خواهہ مخواهہ فساد ڦهلائڻ چاهين ٿا، ڇڻ تہ اسين آهيون ڏي ڪونہ. راڇوڙو ۽ شرعي فيصلو ٿئي تہ پوءِ ڪورٽن جا ڌڪا کائڻ جو ڪهڙو ضرور آهي.“

”ها سائين، مان توهان جو هر فيصلو منظور ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”فيصلو منهنجو ٿيو پيو آهي. اهي هاري منهنجا مريد آهن ۽ منهنجي اجازت ۽ صلاح کان سواءِ ڪو قدم ڪونہ کڻندا. پاڻهي مون وٽ ايندا. هنن کي سمجهائي

ڀڄهائي خون بها تي راضي ڪيو. اها بها به مقرر مان ڪندس. مرڻ واري جي قسمت ائين هئي. پوئين ڏيگهه ڪري ڇا حاصل ڪندا؟ سڀ ڪجهه خدا جي هٿ ۾ آهي.“

”سائين بس توهان مالڪ آهيو.... ها سائين، مون توهان لاءِ ريفريجريٽر ۽ توهان جي صاحبزادي لاءِ هڪ ريڊيو خريد ڪيو آهي، سي اڄ سانجهيءَ جو حويليءَ ۾ پهچائي ڏيندس.“

پير مرڪيو.

هو موٽي ڪچهريءَ ۾ آيو.

ٿوري دير کان پوءِ هن کي ٻڌايو ويو ته هندستان مان هڪ عالمن جو وفد سائين ملڻ آيو آهي. هن هڪدم سيني ويٺلن کي اشارو ڪيو ته هليا وڃن.

هو اٿيو ۽ دروازي وٽ، آيلن جي آجيان ڪيائين. هرهڪ سان ڏاڍي حب ۽ قرب سان ڀاڪر پائي مليو. سيني کي اندر آڻي ڪرسين ۽ ڪوچن تي وهاريائين.

وهڻ کانپوءِ، انهن مان هڪ عالم، پان چٻاڙيندي چيو:

”اسان مان ڪي اڳ ئي توهان سان ملاقات جو شرف حاصل ڪري چڪا آهن. پين کي به توهان جو نياز حاصل ڪرڻ جو بيحد شوق هو. توهان جي ديني خدمتن کان ڪو ڪافر ئي اڻ واقف هوندو. اسان نئين حج واري فتني ۽ ان خلاف توهان جي جهاد جون خبرون اتي ٻڌي چڪا آهيون، پر پيو حال احوال ڏيڻ کان پهرين توهان جي زبان مبارڪ مان ان جو تفصيل ٻڌڻ جا خواهشمند آهيون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير ٺٺين سر ٺهي ٺڪي ويٺو ۽ ورائيائين:

”ها ضرور- هتي ڪي خدا جا منڪر، ڏرتيءَ جا پوڄاري ۽ ڏاهر جا چيلا پيدا ٿيا آهن. هنن پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ وڏي چوڻ شروع ڪيو ته: اسان سنڌين جو حج سنڌ ۾ ئي ٿيڻ کپي، اسان جو قبلو هتي سنڌ ۾ ئي آهي ....“

سيني عالمن يڪ آواز چيو ”لاحول ولا ....“

”اڃا پڌو ته سهي- هي ته ڪجهه به ڪونه آهي. هو چوڻ لڳا ته موهن جو دڙو اسان جي تاريخ ۽ تهذيب جو مرڪز آهي- سال بسال اتي گڏ ٿي اسان کي پنهنجي اتحاد جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي- اسان کي بي معنيٰ رسمون ڇڏي، ڪي ٺيٺ قسم جا ڪارناما ڪرڻ گهرجن- مثال طور: پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب تي تقريرون، بحث مباحثا ۽ سيمينار ڪرڻ گهرجن ۽ اتي سنڌي ڪتابن، هنرن ۽ شين جي نمائش ڪرڻ گهرجي، سنڌي ثقافت کي جيارڻ گهرجي، سنڌي راڳ ۽ ناچ جا جشن ملهائڻ گهرجن- اهوئي اسان جو حج آهي.“

وري عالمن جي وات مان نڪري ويو ”خدا جو غضب!“

پير پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو:

”اهي ملحد ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي ڪي پٽيلائڻ لڳا ته هو جنهن پنهنجي حج جو پرچار ڪري رهيا آهن، ان مان ڪيترائي فائدا آهن: هڪ ته ماڻهن جو پيسو بچندو. هو هزارين رپيا خرچ ڪري پرديس وڃن ٿا. سنڌ ۾ حج هجڻ ڪري،

ماڻھن جو ٿورو خرچ ايندو ۽ جيڪو خرچ ايندو، سو پيسو سنڌ جو سنڌ ۾ رهندو. تنهن کانسواءِ پرديس ۾ حج ڪرڻ وارا الاهي پرڏيهي ناڻو ضايع ڪن ٿا ۽ اسان جي غريب ملڪ تي اهو غير ضروري بوجو پوي ٿو. ٻيو فائدو اهو ٿيندو ته حاجين ذريعي جيڪا سمگلنگ ٿئي ٿي، سا نه ٿيندي. ٿيون فائدو هو اهو ٻڌائڻ لڳا ته غير ملڪ ڏي حج وڃڻ ڪري ٻه ٽي مهينا ڇٽ ٿي وڃن ٿا. ان ڪري نه رڳو انهن ماڻھن جي شخصي ڪمائيءَ کي ڌڪ لڳي ٿو، پر ملڪ جي پيداوار تي اثر پوي ٿو. چوٿون فائدو اهو ٻڌائڻ لڳا ته اڪيچار تڪليفون ۽ پريشانيون، جي پرديس ۾ سهڻيون پون ٿيون، تن کان بچي پئبو ....“

ڪن عالمن جي وات مان نڪتو: ”توبهه، نعوذ بالله“

”توهان اجا ٻڌوئي ڇا آهي. ٻڌو جيڪي هاڻي ٻڌائڻ وارو آهيان.“ ائين چئي، پير غمگين مرڪ سان عالمن ڏي نهارڻ لڳو.

وري چوڻ شروع ڪيائين: ”هو ماڻھن کي حج کان بدظن ڪرڻ خاطر طرح طرح جي بڪواس ڪرڻ لڳا. چوڻ لڳا: حج تي وڃڻ وارو ماڻھو اڻ سيتل جهڙو لباس پائي ٿو ۽ مٿو ڪوڙائي مسخرو ٿي پوي ٿو. قربانيءَ جي نالي ۾ جهالت واري زماني جي جانورن جي ٻليدان ڏيڻ واري رسم کي ورجايو وڃي ٿو. هزارين لکين ماڻھو ساڳئي پٿر کي ڇمندا وڃن ٿا. ان طرح ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ايترن ئي ماڻهن جي پڪ لڳل ٿئي ٿي ۽ جن مان
ڪي بيمار به هوندا آهن ۽ انهن جي جيوڙن ۾ پڪ
به ان تي لڳندي رهي ٿي، ۽ ان نموني اهو هڪ
غير صحتمند عمل آهي. انتي حاجي پٽرن کي شيطان سمجهي
پٿريون ڇٽين ٿا. يعني هڪ هنڌ پٽر کي چمن ٿا ۽
ٻئي هنڌ پٽر کي ڇٽين ٿا ۽ اهڙي طرح پٽر کي ڪنهن
هستيءَ جو درجو ڏين ٿا. اها پٽر جي پوڄا نه آهي ته
ٻيو ڇا آهي. پوءِ ڪافرن کي پٽرن جي پوڄا جو طعنو
ڇا لاءِ ..."

ڪن عالمن هڪ آواز ۾ چيو "بس پير صاحب
بس، گهڻو ٿيو، اسان ۾ وڌيڪ ٻڌڻ جي طاقت ڪانهي."

"خدا جي مار پوي انهن ملحدن تي!"

"آسمان ڇونه ڪريو!"

"زلزلو ڇونه آيو!"

"هنن ذليلن جي ايتري بي ڊپائي!"

"بس پير صاحب، اسان کي هاڻي اهو ٻڌايو ته ان
بدعت کي توهان بند ڪيئن ڪرايو؟"

"مونکي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پئي. مون عالمن جو
وفد تيار ڪيو. ان ۾ نه رڳو سنڌ جا عالم هئا، پر
پوري ملڪ جا وڏا وڏا عالم هئا. اسين گورنر، وڏي
وزير ۽ جدا جدا وزيرن سان مليا سين ۽ هنن کي حقيقت
کان آگاهه ڪيوسين ۽ ان حج تي قانوني بندش
وجهڻ لاءِ زور ڀريوسين. اسين ملڪ جي وڏي وزير

سان پڻ ساڳئي مقصد واسطي ملياسين. ان ڪانسواءِ هنن عالمن کان، شاگردن جي ان ٽولي تي ڪفر جي فتوا وٺي اها بہ شايع ڪرايم. ساڳئي وقت مون هٿيار بند مجاهدن جو جٿو بہ تيار ڪيو. ارادو اهو هو تہ جي ان حج عملي صورت اختيار ڪئي تہ رتو چاڻ ڪري بہ ان کي ختم ڪيو ويندو. عام ماڻهو پڻ ان بدعت کي بند ڪرائڻ لاءِ سر جون سٽون ڏيڻ لاءِ تيار هئا. ان لاءِ اسان اخبارن ۽ پمفليٽن ذريعي پرچار ڪيو. ماڻهن ۾ جوش ڪافي وڌي ويو. پوءِ اسان حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ جي فلاڻي تاريخ اندر ان فتني تي بندش جو اعلان نہ ڪيو ويو تہ مجاهد ميدان ۾ نڪري ايندا ۽ ان جي ذميواري حڪومت تي ٿيندي. پوءِ جلد ئي ان تي قانوني بندش وڌي وئي ۽ اهو فتنو دٻجي ويو."

"ها سائين، اهو توهان جو عظيم ڪارنامو آهي. اسلامي تاريخ ۾ توهان کي سونهري لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو ۽ خدا اجر ان ڪانسواءِ ڏيندو."

جڏهن هي مولوين جو ٽولو، ماني کائي ڪاٺي روانو ٿيو، تڏهن پير جا بہ خاص خليفا، اڪيلائي ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا:

"ڏٺو، پير سائين اچوڪن مهمانن کي بہ پنهنجي ڳالهہ جو يقين ڏياري ڇڏيو."

”ڏٺي بخش ڪندو، اسان ٻه ته ان گناهه ۾ برابر جا شريڪ آهيون.“

”حقيقت جي خبر ٻه اسان کي آهي ته چونڊ ۾ شاگردن جي هڪڙي پارٽيءَ پير سائينءَ جي مخالفت ڪئي هئي. جڏهن پير سائينءَ چونڊ ۾ هارايو، تڏهن انهن شاگردن کان بدلو وٺڻ جو پهه پچايائين.“

”ها اڙي، پوءِ پاڻ ٻنهي کي ٻه پنهنجو مددگار بنايائين. انهن شاگردن مان ڪو هڪڙي چٺي ڪنهن تقرير ۾ چيو هو ته موهن جو دڙو، سنڌين واسطي ڪعبي قبلي وانگر آهي. هاڻي وري انهن شاگردن اعلان ڪيو هو ته موهن جي دڙي تي وڏي پيماني تي ڪانفرنس ڪوٺائي رهيا آهن، جنهن ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ تي تقريرون ۽ بحث مباحثا ٿيندا ۽ ميلو ملاکڙو لڳندو. ان تي پنهنجي پير سائين وٺي هلايو ته انهن شاگردن اڳي چيو هو ته موهن جو دڙو سنڌ جو ڪعبو قبلو آهي ۽ هاڻي اتي سنڌين جو حج شروع ڪري رهيا آهن. هن اخبارن، رسالن ۽ پمفليٽن ۾ اهڙي قسم جي ايتري پروپيگنڊا ڪئي ۽ پنهنجي دوست عالمن ۽ پيرن کان ايتريون فتوائون ڏياريون ۽ ايترا بيان ڏياريا، ۽ پنهنجي هٿ جون ٺاهيل ڳالهيون، جي اڇوڪن مهمانن کي ٻه ٻڌايائين، سي ايترا پيرا دهرايائين جو نه رڳو عام ماڻهن کي، پر حڪومت کي ٻه يقين ٿي ويو ته هتي حج جو فتنو شروع ٿي رهيو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ان ڪانسواءِ، وفد وٽي وڃي وزيرن ۽ گورنر سان مليو. نتيجو اهو ٿيو جو نه رڳو ان ڪانفرنس تي پابندي پئي، پر ڪيترن ئي گناهه شاگردن کي جيل ۾ به وڃڻو پيو.“

”اهي اٿئي اسان جي پير سائينءَ جون ڪرامتون.“

حيدرآباد، ٣٠- نومبر ١٩٧٥ ع

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر وارو

رات پنهنجو ڪارو لباس لاهي رهي هئي.

اڪ ڪلاڪ سان ٿي هن کي ياد آيو ته اڄ هن کي ڪم تي وڃڻو ڪونهي. هن گذريل ڏهن مهينن ۾ هڪڙو ڏينهن به موڪل نه ڪاڍي هئي. عيد وارن ڏينهن تي پڻ ڪم ڪيو هئائين. پر اڄ ملڪ ۾ عام هڙتال هئي. هڙتال هوٽلون به بند هيون ۽ هن واري هوٽل پڻ.

هن پنهنجي چپل کٽ تي پاسو ورايو. کٽ چيڪاٽ ڪري ڄڻ چنگهيو. کٽ نه رڳو چپل هئي، پر جهولي پڻ. اهڙي کٽ ۾ رات جو سمهڻ ڪري، صبح جو اٿڻ سان پهرين چيلهه جي سور جو احساس ٿيندو هوس. ننگون ڊگهيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ته محسوس ٿيس ته ساڄي ٽنگ ڦاٽل رليءَ جي سوراخ ۾ ڦاسي پئي هئي. سڄي رات مڇرن جي پٽڻ ڪري منهن ۽ ٻانهن تي دٻڙ ٿي پيا هئس، جي هينئر ڪُري رهيا هئس. پوءِ ڪر موڙي، پنهنجي زال ۽ ٻارن ڏي نهاريائين. اهي پڻ اهڙين ئي چپل واڻ وارين کٽن ۽ ليڙون ليڙون ٿيل ميرين ۽ پراڻين رلين ۾ ويڙهيا سيڙهيا، ڪرونڊڙا ٿيو، ڪونگهرا هڻي رهيا هئا.

هو چيلهه جي سور کي نظر انداز ڪري، اوچتو هڙتال جي باري ۾ سوچڻ لڳو:

گهڻي ڏينهن کان، فقيري ڏنو ۽ ٻئو هو ته هوٽل جي گهڻو ڪري هر ميز تي گفتگو، بحث مباحثي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڪا ٽپڻيءَ جو موضوع اها هڙتال هئي. ڪي ماڻهو ان جي فائدي ۾ ڳالهائيندا هئا ۽ ڪي مخالفت ۾.

هڪڙي ميز تي هن ريت ٽيڪا ٽپڻي ٻڌائين:

”ماڻهو ان تي خوش ۽ حيران آهن ته هيءَ هڙتال ڪيڏي نه زبردست ۽ سرڪاري پڌماني تي ٿي رهي آهي، پر هو اهو نه ٿا سوچين ته ان ۾ نقصان پڻ آهي.“

”ڇا مطلب؟ ڪهڙو نقصان؟“

”قومي نقصان. قومي پيسي ۽ وقت جو زيان. هڪ پورو ڏينهن هن غريب ملڪ جو ڪاروبار بند رهندو. ڪم ڪونه ٿيندو ۽ ماڻهو بيڪار رهندا تنهن ڪان سواءِ عام شهرين کي ڪيترين ئي عام تڪليفن در پيش ايندين. تنهن کان سواءِ هيءَ اسٽرائيڪ ”باهر وارن“ يعني ڪشميرين لاءِ ڪئي پئي وڃي. نيڪ آهي. پر ان کان وڌيڪ ضروري هو ته پهرين پنهنجي ملڪ اندر اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن ها، جو هتي جي رهاڪن کي ڇتو احساس ٿئي ها ته هو واقعي ئي آزاد ٿيا آهن ۽ پر ماريت کان بچيل آهن.“

هنن ماڻهن جي هيءَ گفتگو ٻڌي، فقيري کي دل ئي ۾ ڏاڍي چڙ آئي. ويچاريائين ته هي ڏسڻا وائسڻا ۽ پڙهيل ڳڙهيل تي ڪري به ڪهڙيون نه اجايون ڳالهيون ڪن ٿا. هنن ۾ نه قربانيءَ جو ڪو مادو ئي ڪونهي.

فقيري کي اها به ڄاڻ هئي ته هڙتال واري اها تجويز ملڪ جي محبوب اڳواڻ جي رٿيل هئي، ۽ هن کي

پنهنجي هن محبوب اڳواڻ ۾ پورو ڀروسو هو ۽ هن کي پڪ هئي ته هو ملڪ کي ڪڏهن به غلط راهه تي وٺي نه ويندو. هو ته هن جي حڪم تي جان جي قرباني ڏيڻ کان به تيار هو. ان ڪري ٿي هڙتال واري ڏينهن ڪم نه ملڻ ڪري جو هن کي مالي خسارو پوڻو هو، ان جي به پرواهه نه ٿي ڪيائين.

هو هوٽل ۾ "ٻاهر وارو" هو. يعني هوٽل کان ٻاهر وارن چانهه، ماني ۽ ٻين کائڻ پيئڻ جي شين جي آرڊرن جي پوئواري ڪندو هو. هوٽل جو مالڪ هن کي رهڻ پنيان ويهه پيسا ڏيندو هو. ان مان ڏهاڙي چار پنج رپيا ٿي ويندا هئس. پڌرو آهي ته جنهن ڏينهن ڪم تي ڪونه ايندو هو ته ڪجهه ڪونه ملندو هوس. ان ڪري هو موڪل ڪانه ڪندو ٿي ڪونه هو ۽ جمعي ڏينهن به ڪم ڪندو هو.

هن وقت ته هن کي لوڙ به هئي. هو قرضي هو. ان ڪري بيماري سيماريءَ ۾ به پيو ڪم ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪونه گسائيندو هو پر هڙتال کي پنهنجي محبوب اڳواڻ جو حڪم ۽ ملڪ جي ڀلائي سمجهي، هن هڪ ڏينهن جي ڪم ڏيءَ کان محروم ٿيڻ تي ارمان ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. پاڻ ان پنهنجي قربانيءَ تي خوش هو.

فقيري جي عمر ٽيهه سال هئي. سنهڙو جهڙو ساهه جو مريض. ڊگهڙو ۽ ٿورڙو ڪبڙو، جڻ ڪچڙي ڪانيءَ مڙڻ شروع ڪيو هو. هن عمر ۾ ٿي پاروتي انب وانگر

گهڻيءَ ڀڃجي ويا هئس هن کي هڪ زال ۽ ٽي ٻار هئا. هو لطيف آباد جي وچ ۾ اچي ويل هڪ ڳوٺڙي ۾ رهندو هو. هن هتي جي اصلي رهاڪن جا گهر ڪچا ۽ ڪکاوان هئا، پر ڳوٺڙي جي چوڌاري، لطيف آباد جا عاليشان بنگلا ۽ شاندار ماڙيون هيون، جن ۾ زياده تر ٻين ملڪن ۽ پرڳڻن مان آيل "ٻاهر وارا" رهندا هئا.

اڄ اهو هڙتال وارو ڏينهن هو.

هونءَ ته پنهنجي جو ٽي گاڏين، موٽرن ۽ رڪشائن جو گوڙ شور شروع ٿي ويندو هو، پر اڄ ماٺ ڏي ماٺ هئي. ٽڙڪو ٿيڻ تي به ٻهرين ته رستا ۽ گهٽيون ويران ٿي ڏنيون، ڇو ڪرفيو لڳل هو. پوءِ آهستي آهستي ماڻهو ٻاهر نڪرڻ لڳا ۽ هڙتال جو ڏيک ڏسڻ لاءِ رستن تي گهمڻ لڳا. دڪان ۽ بزاريون، ڪارخانا ۽ ڪاروبار صفا بند هئا.

فقيرو به گهمڻ نڪتو آسمان صاف هو، هوا وڻندڙ هئي ۽ وڻن ۾ بهار جي مند اچڻ جا سانباها ڪري رهي هئي. ڪي ماڻهو ٽولا ٽولا ٿي، گهمي رهيا هئا ڪي دڪانن جي آڏو ٿلهن تي ويهي، ڪچهري ڪري رهيا هئا شهر جا مکيه ۽ وڏا رستا اڄ راند جا ميدان بڻيل هئا، ڇو ته گاڏين جي اچ وڃ صفا بند هئي. ٻار ۽ ڇوڪرا فوٽ بال، ڪرڪيٽ ۽ ٻيون رانديون کيڏي رهيا هئا.

رستي جي ڇپي ڇپي تي گاڏهن ۽ ڪارن ڪيڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا پوسٽر لڳل هئا، جن تي هندستان خلاف نعرا لکيل هئا ۽ ڪشميرين جي حق خوداراديت جي حمايت ڪيل هئي. ڪن چؤنڪن تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويا هئا.

ڪاميابي هڙتال ڏسي، هو دل ئي دل ۾ گد گد ٿيو. پر هڪڙي هنڌ، هڪڙي گهٽنا ڏسي، هن جي دل کي جهٽڪو آيو: هڪڙو گهورڙيو، وڪڻڻ واسطي، ڊگهي لڪڙي تي ڦوڪڻا ۽ ڪاغذ جا ٽوتارا ٻڌيو، ٻارن جو ڌيان ڇڪائڻ خاطر، ٽوتارو وڄائيندو ٿي ويو. هن کي ڪن ماڻهن اچي پڪڙيو ۽ هن جو سمورو سامان ڪسي ڦوڪڻا ڦاڙي ڇڏيائون ۽ ٽوتارا ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيائون. غريب گهورڙيو دانهون ڪندو رهيو ته ”منهنجا ٻار ٻچا رات کان بکايل آهن. مان اهي ٽوتارا ۽ ڦوڪڻا وڪڻي، ٻه ٽي رپيا ڪمايان ها ته ٻچڙن جي بک جو بلو ڪريان ها....“

پر ڪنهن به هن کي ڪونه ٻڌو ۽ هن جي روزگار جو ذريعو تباهه ڪري، هن کي ”غدار“ جو لقب ڏيندا، ومندا رهيا.

اهو ڏسي، فقيري سوچيو ته ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته هي ماڻهو مٺ محبت سان هن مسڪين کي سمجهائين ها، يا اچا به انسانيت جي تقاضا هئي ته پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري هن کي چار پنج رپيا ڏين ها ته وڃي ٻچڙن جو پيٽ قوت ڪري ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهمي ڦري گهر موٽيو ته جوڻس پڊايس ته ڪيس چاتيءَ ۾ اچي سور پيو آهي، جو هر گهڙيءَ وڌي رهيو هو. ڏسندي ڏسندي اهو ساڙيندڙ ۽ چڀيندڙ سور وڌي ويو. ڪابي ٻانهن ۾ به سور جي سوٽ ٿي اپريس. سڄي پيلي پنجي وئي ۽ پگهرجي وئي. پوءِ ته پيڙا ڪري مڇيءَ وانگر تڙڦڻ لڳي. فقيرو گهٻرائجي ويو. گهر ۾ ڪا سٽي ڦڪي هئي، سا پيارياڻين. پر فرق نه پيو. اوڙي پاڙي مان پڇا ڪيائين. ڪٿان اسپرين جي گولي ملي، ڪٿان سوڊا منٽ جي اهي به زال کي ڦڪايائين. پر فائدو ٿيندو نظر ڪونه آيو. تڪليف ۾ واڌارو ٿي رهيو هو ۽ درد سهڻ کان ٻاهر ٿي چڪو هو.

ٿورو پريرو هڪ خانگي ڊاڪٽر جي اسپتال هئي. پر اها پڻ هفتاڙ ڪري بند هئي. ويجهو هڪڙو ڪمپائونڊر سڄهندو هوس. ٻوڙي ان وٽ ويو. ڪمپائونڊر اچي بيمار ضاعفان کي ڏٺو. هن پڊايس ته پانڃجي ٿو ته مائيءَ کي دل جو دورو آهي. هن جي حياتي خطري ۾ آهي. خانگي ڊاڪٽر اڄ ايندءِ ڪونه، جي آيو ته به ايڏي في وٺندءِ جو توکي پنهنجو گهر نيلام ڪرڻو پوندو، تنهن کان سواءِ هو ڪا دوا توکي ڏئي ڪونه سگهندو، ڇو ته سندس اسپتال بند هوندي، وري جيڪا دوا لکي ڏيندءِ سا ملندءِ ڪانه، ڇاڪاڻ ته دوائن جا پڻ هڙئي هٽ بند آهن، ان ڪري ڪنهن نموني هن کي سول اسپتال وٺي وڃ. ريڊيي تي به اعلان ٿيل آهي ته نازڪ حالت وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيمارن واسطي سول اسپتال ۾ ڊاڪٽر ڊيوٽيءَ تي موجود هوندو. بيمار ساڻ هوندءِ ته رستي تي سواري ڪونه روڪيندا ۽ نه پٽر بازي ڪندا.

سواري ملڻ مشڪل مسئلو هو. سول اسپتال پنج ميل پري هئي رڪشا وارا ۽ ٽانگي وارا به هڙتال تي هئا. ان ڪري رستي تي ڪوبه ٽانگو يا ٽئڪسي نظر ڪانه ٿي آئي.

پر واري هڪڙي بنگلي جو نوڪر رڪشا هلائيندو هو. هو ان وٽ ويو هن کي منٿ ميڙ ڪيائين ۽ ڀاڙي جو واسطو وڌائين. گهٽي ريڙهه پيڙهه ڪان پوءِ هو پنجاهه رپيا اگهوات ملڻ جي عيوض رڪشا رستي تي ڪيڻ جو جوکم کڻڻ لاءِ تيار ٿيو. فقيري وٽ ايترا ڏوڪڙ ڪٿي هئا. هن کي ته پنج رپيا به اڌارا وٺڻا پون ها. پر هن کي زال جي زندگي هر بها تي بچائڻي هئي. ان ڪري پٽ سٽ ڪرڻ لاءِ دوستن ۽ واقفڪارن ڏانهن تڪڙو رخ رکيائين.

اني اوچتو پنهنجي هڪ مائٽ جو خيال آيس، جو ان ڳوٺڙي ۾ ئي رهندو هو ۽ رڪشا وهائيندو هو.

سلطان به پهرين ته انڪار ڪيس ته اڄ رڪشا ڪيڻ ۾ رڪشا کي ته خطرو آهي، پر پنهنجي جان به جوکي ۾ وجهڻي آهي. پر پوءِ فقيري جي بيوسي ۽ سندس زال جي زندگيءَ جو سوال ڏسي، هو هلڻ تي راضي ٿيو.

بيمار کڻي، رڪشا اڃا اڌ ميل طيءِ مس ڪيو ته هڪ هنڌ، رستي جي پاسي ۾ ٻيٺل ماڻهن جي ميڙ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪشا تي پٿرن جو وسڪارو ڪري، ان کي بيهڻ تي مجبور ڪيو. رڪشا بيهندي ئي ويهارو کن ماڻهو ان تي الر ڪري آيا.

سلطان کي اجرڪ ويڙهيل، فقيري کي شيشائين ٽوپي ڍڪيل ۽ فقيري جي زال تنبوءَ جهڙي اڇي برقعي ۾ بند ڏسي، سڀ ماڻهو رڙيون ڪرڻ لڳا:

”ماريو غدارن کي!“
”ماريو ملڪ دشمنن کي!“
”هي پارٽ جا ايجنٽ آهن!“
”سائن کي سبق سيکاريو!“

سلطان کي نرڙ تي پٿر لڳو هو، جتان رت ٽيڙيون ڪري وهي رهيو هو. هن ڏاڍي نوڙت مان چيو:

”پائي صاحب! هن عورت کي دل جو دورو پيو آهي، هن جي حياتي خطري ۾ آهي، هن کي سول اسپتال علاج واسطي وٺي پيا وڃون.“

”توهين ڪوڙا آهيو. اسان کي ڪيئن خبر پوي ته اها برقعي ۾ بند مائي سخت بيمار آهي. اوهان هڙتال کي ناڪامياب بنائڻ لاءِ هي سانگ رچايو آهي. توهين پارٽ جا ايجنٽ آهيو، سنڌو ديشي آهيو!“

فقيري اکين ۾ آب آڻي، هٿ ٻڌي نيزاري ڪئي:

”منهنجي حال تي رحم ڪريو، اول ئي ڏاڍي دير ٿي چڪي آهي. منهنجي ۽ منهنجي ٻچن جي سهاري کي بچايو، خدا جي نالي، رسول جي نالي، پنجن تنن جي نالي....“

”بند ڪر بڪواس!“ هي لفظ ان شخص چيا، جو ان هجوم جو سرغنو ٿي ڏٺو. هي همراه، قد جو بندرو، رنگ جو ڪافي ڪارو ۽ بدن جو ٿلهو هو. هن جو وات، زبان ۽ چپ پان ۾ ڳاڙها ناسي هئا. هن جو نڪ مِنو ۽ اکيون چنجهيون هيون، هو ڳالهه ڳالهه ۾ گار استعمال ڪري رهيو هو، ۽ ڳالهائڻ ۾ جڙتو رعب پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. هو هن سرزمين لاءِ ”ٻاهر وارو“ هو ۽ تازو هتي آيو هو.

وري سرغني چيو ”اسان بنگالين کي به ٿونا ڇپايا ۽ هتي توهان کي به سڌو ڪنداسين مون کي پڪ آهي ته هن برقعي اندر توهان خطرناڪ هٿيار لڪايا هوندا. اهي به ته توهان جائي ماڻهو هئا، جن وٽان سنڌ يونيورسٽي اندر تلاشيءَ ۾ هٿيار نڪتا آهن. توهان ملڪ جا ويري آهيو.“

سلطان کي طيش اچي ويو ۽ چيائين:

”تلاشي ته توهان جي گهرن جي ٿيڻ گهرجي، جتي بمن ۽ بارود ناهڻ جا ڪارخانا آهن.“

اهو سلطان ان ڪري چيو جو هن تازوئي اخبار ۾ پڙهيو هو ته هڪ گهر ۾ اوچتو بم ڦاٽڻ جو ڌماڪو ٿيو. ان بعد ٿي پوليس ۽ پاڙي وارن کي پتو پيو ته، ان گهر ۾ بم ٺاهيا ويندا هئا، ۽ هڪ بم ٺاهيندي اچانڪ ڦاٽي پيو هو. ان گهر جو مالڪ بهاري هو، جو بنگال مان آيو هو ۽ بم ٺاهي، پنهنجي قوم وارن وٽ وڪڻندو هو.

سلطان مٿيون جواب ڏئي، ڄڻ هن سرغني جي دل جو چور پڪڙيو هو. حقيقت ۾ واقعي ئي هو گهر ۾ ٻه ناهيندو هو.

سرغني کي ٻاهه وٺي وئي ۽ سلطان کي گهٽڙن کان جهلي، ٻه ٽي ڏؤنشا وهائي ڪڍيائين.

سلطان ۽ فقيرو رڪشا مان لهي بيٺا هئا، باقي بيمار عورت رڪشا ۾ ڍيري ٿي پئي هئي.

فقيري جي اندر ۾ وڏ پئي پياه هن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪيو ٿي ويو. هو جڪ ڪائي رهيو هو. وس پڄيس ها ۽ هٿيار هجنس ها ته سيني کي ختم ڪري، زال کي منزل تي پڄائي ها. هن جي زال هٿن مان وڃي رهي هئي. هن جي جياپي جي جوت اجهامي رهي هئي. هن جا نيڻ لڙڪن ۾ لڙهيل هئا. هن جو دماغ مائوف ٿي ويو هو. هن جي ذهن ۾ هن مهل جيڪي خيال، جذبا ۽ احساس پيدا ٿيا ٿي، تن لفظن جي صورت نه ڪانه ٿي ورتي، پر ڪجهه هن طرح جا هئا:

هي ڪهڙو ڳاهه هو،
جنهن ۾ هن کي ڳاهيو ٿي ويو.
هيءَ ڪهڙي جانده هئي،
جنهن ۾ هن کي پيٺو ٿي ويو.
هيءَ ڪهڙو گهاڻو هو،
جنهن ۾ هن کي پيڙيو ٿي ويو.
ڇو ٿا کسن هن کان

پنهنجي پياريءَ جي حياتي بچائڻ جو حق!
هن جو دوش؟
هنن جو مقصد؟
هنن کي ڏنو ڪنهن اهڙو اختيار؟
هتي هو اوپري ٻولي ڇو ٿا ٻولين؟
هي اهي ئي ته آهن،
جي ٿيا نه سچا پنهنجي ڌرتيءَ سان.
ٿيندا سي سچا
ڪنهن ٻي ڌرتيءَ سان ڪيئن؟
نه بنگال جي ڌرتيءَ سان،
نه سنڌ جي ڌرتيءَ سان،
۽ پنهنجن اهڙن افعالن سان،
ملائڻ چاهين ٿا
ڪشمرين کي پاڻ سان!

ٻوءِ هن کي جهُڙڪي اچي وئي. هڪدم هي چوندي ته ”تون جو اسان جي حياتين لاءِ خطرو بڻجين، تنهن کان اڳ ئي ڇو نه تنهنجو خاتمو ڪري ڇڏجي!“ ان سرغني تي حملو ڪري، ٻنهي هٿن سان هن کي گهوگهو ڏنائين. هن جي هٿن جي پڪڙ اهڙي اوچتي ۽ سوگهي هئي، جو سرغنو هن کان گهڻو ٻلوان هوندي به، ڇڏائي نه سگهيو. هن جا ڏوڏا نڪري آيا ۽ زبان ٻاهر لڙڪڻ لڳي. پر هن جا ٻيا ويهه پنجويهه ئي ساٿي هن جا مددگار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيا ۽ فقيري جا هٿ ڇڏائي، پٺ تي ڪيرائي، هن کي لتون ۽ ڪون هڻڻ لڳا.

پوءِ انهوءَ مان ڪنهن چاقوءَ سان، رڪشا جا ٽيئي ٽاير ڦاڙي، پنڪچر ڪري ڇڏيا ۽ رڪشا کي ڌڪو ڏئي اونڌو ڪري، سرغني سميت سيئي ٽڙي پکڙي ويا.

اڌ مئو فقيرو اٿيو. ڏٺائين ته رڪشا اونڌي ٿي پئي هئي ۽ هن جي زال پري وڃي ڪري هئي، ۽ سلطان ڏوڪنڌاڙي هن کي زور سان سڏي رهيو هو: ”ياچاڏي! ياچاڏي!“

پر هوءَ، جا ڪجهه دير اڳ، مڇيءَ وانگر ڦٿڪي رهي هئي، سا هاڻي چري پري ڪاٺ ٿي، ۽ ڏوڪنڌاڙڻ تي به هن هم ڪو زندگيءَ جو اهڃاڻ پيدا ڪونه ٿيو.

حيدرآباد، ٢٨- فيبروري ١٩٧٥

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ خبرون

اڄوڪي اخبار جي ٻن خبرن رفيق جي جيءَ کي جهوري ڇڏيو. هڪڙي سنڌ سرڪار جي بجيٽ بابت ۽ ٻي، هڪ ٻڇاڙيل ڇوڪري جي باري ۾. رفيق جي نگاهه جي نقطي کان هنن ٻنهي خبرن جو پاڻ ۾ ناتو ٻڌل هو.

ڏهه سال اڳ ڪي خرڪار پٺاڻ، هڪڙو سنڌي ڇوڪرو زوريءَ ٻڇائي ويا هئا. اهو ڇوڪرو هنن جي چنبي مان ڀڄي، ڪنهن نموني، تازو مائٽن وٽ واپس پهتو هو. اڄوڪي اخبار ۾ هن جي ٻڌايل روئداد ڇپي هئي:

”مان مئٽرڪ ۾ هوس ان ڏينهن اسڪول کان موٽي رهيو هوس. تاڪ منجهند ۽ ٽنڊڻ اس هئي. هڪڙي اهڙي گهٽيءَ مان پئي لنگهيس، جنهن ۾ ٻه ٻي ڪا پهر ڪانه هئي. هڪڙي جيپ اچي منهنجي پرسان بيٺي، ان مان ٻه پٺاڻ لٿا ۽ اوچتو اچي مون کي ڪنيءَ کنيائون؛ هنن منهنجي ٻوت تي ڪپڙو ويڙهيو ۽ مان بيهوش ٿي ويس مون کي سرحد صوبي ۾ ڪٺي ويا. هڪڙي پهاڙي جي غار ۾ وڃي واڙيائون. اتي ٻيا ستر اسي ڇوڪرا ۽ مرد ٻڌل هئا. اتي سڀني کي بيرحميءَ سان ماريو ۽ ڪٽيو ويندو هو، ۽ ڇتاءُ ڏنو ويندو هو ته جي ڪنهن ٻه ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي يا ڪتي چغلي هڻي يا ڳجهه پڌرو ڪيو ته هن کي گولي هڻي ماريو ويندو. توري ڳهٽيءَ

غلطيءَ تي وڻ ۾ اونڌو ٽنگي ڏنڊن سان ماريندا هئا.

”جيڪو وقت غار ۾ هوندا هئاسين ته پيرن ۽ هٿن ۾ لوهي ٻيڙيون ٻڌي، جڪڙي رکيو ويندو هو. ٻيڙيون اهڙيون سوگهيون ڪري ٻڌيون وينديون هيون، جو ڪراين ۽ مرن تي زخمن مٿان زخم ٿيندا رهندا هئا ۽ انهن مان سدائين پرُن ۽ رت سمندو رهندو هو اڪثر رات جو خرڪار ايندا هئا ۽ هرويرو به زنجيرن ۾ جڪڙين تي ڇهڪن جو وسڪارو ڪندا هئا جيڪو جيتريون گهڙيون ڪيهون ڪندو هو، ان کي اوترو وڌيڪ ماريندا هئا. جيڪي سهڻا ڇوڪرا هوندا هئا، انهن سان اهي خرڪار زبردستيءَ بدفعلي ڪندا هئا.

”ڪاڌو اڌ پورو ۽ رکو سڪو ڏيندا هئا. سدائين اڌ بکيا رهندا هئاسين. ڪپڙا ۽ بسترو نالي ماتر ڏيندا هئا. ان ڪري پارو پوندڙ سياري جي راتين جو، سارو وقت ڏڪندي ڏڪندي ڪاٽيندا هئاسين. ڪيترا نمونيا جو شڪار ٿيندا رهندا هئا.

” ڏينهن جو ٻنڌن ۽ رستن تي، جتي هنن جا ٺيڪا ڪنيل هوندا هئا، اتي ڪم ڪرائڻ لاءِ وٺي ويندا هئا. اتي پٿر ڪٽڻا پوندا هئا، مٿي ڪوٽڻي پوندي هئي، ڏلها کڻڻا پوندا هئا، ۽ گڏهن تي مٽي ڍوئڻي ۽ لاهڻي پوندي هئي. ڏهاڙي سورنهن سورنهن ڪلاڪ به ڪم وٺندا هئا هنن جا جمعدار هنٽر کنيو بيٺا هوندا هئا، جنهن کي به ڍرو يا سست ڏسندا هئا ته هن کي هنٽر سان ڦٽڪا

هئندا هئا. ڪم ڪندي ساڻا ٿي ڪرندا هئاسين يا بيهوش ٿي ويندا هئاسين ته پاڻ وڏيڪ بيرحميءَ سان ماريندا هئا، پوءِ پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ۽ پيرن سان ٿڏا لڳائي، هوش ۾ آڻي، ڪم جاري رکڻ تي مجبور ڪندا هئا. ڇوڪرن جون ڪي ٽوليون سنڌ ۽ ٻين پرڳڻن ڏي مزوريءَ لاءِ وٺي ويندا هئا.

”ڪو بيمار ٿيندو هو ته هن جو ڪوبه علاج نه ڪرايو ويندو هو هن کي ٻڏل حالت ۾ ڇڏي ڏيندا هئا. جي چڙي چڙهي پوندو هو ته وري هن کان ڪم وٺڻ شروع ڪندا هئا. جي مري ويندو هو ته بنا ڪفن پوري ڇڏيندا هئا. ڪن حالتن ۾ ته جي ڏسندا هئا ته هو ڏاڍو بيمار آهي ۽ هن جي بچڻ جي اميد ڪانهي ته هن کي جهرو ئي پوري ڇڏيندا هئا جي ڪو ڪم ڪرڻ جي لائق نه رهندو هو ته هن کي گولي هڻي ماري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن ائين به ٿيو ته ڪنهن ڇوڪري وجهه ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن کي پٺيان بندوق جو نشانو بڻايو ويو ۽ ڊيڄارڻ لاءِ هن جو لاش ٻين کي ڏيکاري، نئين سر ڌمڪيون ڏنيون ويون.

”هڪ لڳا مان سخت بيمار ٿي پيس. هنن به ڏٺو ته هن ۾ بچڻ جي اميد ڪانهي. ان ڪري شايد فيصلو ڪيو ته هن کي، مري نه مري، رات جو دفن ڪري ڇڏبو. ڪم تي ويندي وقت، مون کي غار ۾ اڪيلو ڇڏي ويا ۽ ٻڙدرن به ڇوڙي ڇڏيائون مون کي پنهنجي

پڇائي سمجهي ٿي اڪيلائيءَ ۾ ڪجهه سوچڻ ۽ همت کان ڪم وٺي اٿي ڪڙو ٿيس ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو، لڪندو ڇپندو، ڪنجهندو ڪرڪندو، جهنگ منهن ڪٽي ڪيم. هڪڙي هند هڪڙو همراهه گڏيو. هن ڪي منهنجي حالت ڏسي ترس آيو ۽ مون ڪي ڪلهي تي کڻي، پنهنجي گهرڻ وٺي ويو. هو هڪ اسڪول جو ماستر هو ۽ رحم دل انسان هو. مون به هن کي حقيقت کان واقف ڪيو. هن مون کي تسلي ڏني ۽ ڏهل ڏڪور ڪندو رهيو. هن جي ئي سهائتا ۽ مهربانيءَ سان مان واپس مائٽن وٽ پهتو آهيان."

هزارين ماڻهن اها "ڇوڪري جي زباني" پڙهي. پڙهندي گهڻن جا لڱ ڪانڊارجي ويا، هنن جي اندر ۾ چڙ ۽ نفرت جي لهر اُڀري. شايد ڪن جي دل ۾، ٿورين گهڙين لاءِ، ڪجهه هن قسم جا ويچار ۽ جذبا اُڀريا: هنن درندن خرڪارن کي شهر جي چوسول ۾ ڦاهي ڏني وڃي.... هي رهزن ڪڏهن اهو به نٿا سوچين ته جي سندن پنهنجو اولاد ائين غائب ڪيو وڃي ۽ ان سان اهڙيون عقوبتون ڪيون وڃن ته سندن ڪهڙي حالت بڻجي؟... هيترن سالن کان هنن خرڪارن جون ڪاروايون جاري آهن، پر حڪومت ڪو اثرائتو قدم کڻڻ ۾ ڇو ناڪام وئي آهي؟

خير، هن اها خبر پڙهي، ان کي وساري ڇڏيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيون خبرون پڙهڻ ۾ وڃي ويا. اهڙيون خبرون ته ايندڻيون رهنديون هيون، ۽ ”گم ٿيل جي تلاش“ جي اشتهارن سان ڪالم ڪارا ٿيندا رهندا هئا. ريڊيئي تي گم ٿيلن جي باري ۾ اعلان به روز روز جو دستور هئا. هنن واسطي اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي. اها ته هڪ تمام رواجي خبر هئي.

پر رفيق واسطي اها رواجي خبر ڪانه هئي. خبر پڙهندي پڙهندي، هن جي نيڻن مان ڳوڙهن جو سيلاب جاري ٿي ويو هو. پوري خبرپڙهڻ کان پوءِ هو سڏڪا ڀري رئڻ لڳو.

رفيق، آبادي رٿابندي کاتي ۾ ضلعي آفيسر هو. هو هميشه آفيس مان گهر پهتو هو. هو غمگين ۽ اداس هو هن جي چهري تي اڳين رونق ۽ چمڪ نه رهي هئي هن جي وک ۾ اڳين ڪڙائي تڙاڌي ڪانه هئي. هن جي هر چر پر چستي ۽ جياپي جي جوت کان خالي هئي.

گهر ۾ گهڙڻ سان، هن جون نظرون پاڻمرادو پنهنجي گم ٿيل پٽ جي ڪٽ ڏانهن کڄي وينديون هيون. هو جڏهن به آفيس مان موٽندو هو ته سندس اهو پٽ ان کٽ تي ليٽيو پيو هوندو هو يا ڪتاب پيو پڙهندو هو ۽ مرڪي پيءُ جي مرحبا ڪندو هو.

هن جي پٽ کي گم ٿئي ڇهه مهينا ٿي ويا هئا. پر اڄ به هن جي ماءُ هن جا ڪتاب، ڪپڙا، ميز ۽

ڪپڙ تہ ڌاهي جوڙي رکندي هئي، پر هن جو بسترو بہ روزانو اٿڻ چنبدي ڦوڪي وڇائي ڇڏيندي هئي، ڇو تہ پٽ اڄهو اسڪول مان ايندو ۽ اچي ليٽندو.

رفيق آفيس مان موٽندو هو تہ اها آس ڪئيو ايندو هو تہ شايد پٽ موٽي آيو هوندو ۽ مان گهر ۾ گهڙندس تہ هو پنهنجي کٽ تي ليٽيل نظر ايندو. پر هن جي کٽ خالي ڏسي، هن جي آس ٽٽي پوندي هئي.

ماءُ روز انهيءَ اميد ۾ هوندي هئي تہ مڙس ايندو تہ اچي پٽ جي ملڻ جي خوشبري ٻڌائيندو، شايد ڪٿان آسرو مليو هوندس، شايد ڪٿان سراغ مليو هوندس. مڙس جي گهر ۾ داخل ٿيڻ تي انهن اميدن سان هن جي اکين ۾ نهاريندي هئي، پر هن جون ويران ۽ مايوس اکيون ڏسي نااميديءَ مان پنهنجون ڳوڙهن سان ڇلڪيل اکيون جهڪائي ڇڏيندي هئي.

اڳي جڏهن هو آفيس مان اچي، هٿ منهن ڌوئي، لٽا ڪپڙا مٽائي وهندو هو تہ پٽ اچي سندس پاسي ۾ وهندو هو ۽ ان ڏينهن جون پنهنجيون ڪاميابيون ۽ ڪارناما ٻڌائيندو هو ۽ اسڪول، سائين ۽ ماسترن جا حال احوال ڏيندو هو. پيءُ، پٽ جون ڳالهيون دلچسپيءَ سان ٻڌندو هو ۽ هن جي خوشين ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ هن جي ڪاميابين تي هن کي آفرين چوندو هو.

هن جو پٽ ڏاڍو هوشيار محنتي ۽ ذهين هو. هو ڪلاس ۾ سدائين پهريون نمبر ايندو هو. هيڻڙ هو مٿڙڪ ۾ هو.

هو ٻيءَ کي چوندو هو ”بابا مان ڊاڪٽري پڙهندس مان سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت ڪندس مان سنڌ جو ڊاڪٽر بڻجندس.“

اسڪول ۾ فوجي سکيا شروع ٿي ته هن جي پٽ ڏاڍي شوق ذوق ۽ باقاعدگيءَ سان ان ۾ حصو ورتو. هو ان سکيا تان موٽندو هو ته اچي ٻيءَ کي چوندو هو:

”بابا خبر آئو مان سنڌ جو سپاهي آهيان ۽ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جو سپاهي تڏهن ٿبو، جڏهن تون چاهين. ان ڪري ئي ته فوجي سکيا ۾ باقاعدي حاضر رهندو آهيان.“

هو ڏاڍو سمجهو ڇوڪرو هو. هڪ ڏينهن ٻيءَ کي چيائين:

”بابا مان ڏاڍي محنت ڪريان پيو جيئن انٽر سائنس ۾ تمام سٺيون مارڪون کڻي سگهان. ورنه ڊاڪٽري ڪورس ۾ چونڊجي نه سگهندس. مون کي خبر آهي ته ڪن پرڳڻن وارا ڇوڪرا ڪوڙا ڊوميسائيل هٿ ڪري سنڌ جي ميڊيڪل ڪاليجن جون ڪيتريون سيٽون هٿ ڪيو وڃن. ان ڪري جي منهنجيون مارڪون تمام سٺيون هونديون، ته پوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا پڪ ملندي“.

اڄ به هو خالي ڪٽ ڏسي، زال جي اجڙيل اکين کان نظرون چورائي، اچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽيو.

اخبار ۾ ”پڇاڙيل ڇوڪري جي زباني“ پڙهي پاڻ روڪي نه سگهيو ۽ ڦٽي هيان رئڻ لڳو. ٻئي ڪمري ۾ زال، پنهنجي ڇهن سالن جي ڌيءَ کي ماني کارائي

رهي هئي. ٻن مڙس جي رڙ جو آواز ٻڌو. هن کي خبر هئي ته رڙ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. هوءَ به ٻار ڪڍي رڙ لڳي. گذريل ڇهن مهينن کان اڳين ٽيندڙ آيو هو. هاڻي ته هڪ ٻئي کي آٿت ڏيڻ جي روايت به ڇڏي ڏني هئن.

رفيق کي تصور ۾ پنهنجي پٽ سان اهي عذاب ٿيندا نظر آيا، جي ڇوڪري پنهنجي بيان ۾ ٻڌايا هئا. هن جي اندر ۾ ڪاوڙ جو ٻرندڙ جبل اٿلڻ لڳو، نفرت جو ڪورو ٻرڻ لڳو، بدلي جي باهه ڀڙڪڻ لڳي. هن جوش ۾ سوچيو ته اهي ظالم، اهي درندا منهنجي هٿ چڙهن ته ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏيان، اهڙو پيڙي، اهڙو عذاب ڏيئي ماريان، جو دنيا جا ٻيا اهڙا درندا سبق سکن.

هن خيال ڪيو ته پناڻ ٻار ٻيجائڻ جي ڪردار سان اهڙو ڳنڍيل آهن، جو ڪوبه پناڻ پنهنجي روايتي لباس ۾ ڏسبو آهي ته اهو انديشو جاڳندو آهي ته هي ٻار ٻيجائيندڙ نه هجي. هن کي خبر هئي ته هن جا ڪيترا سنڌي دوست، پناڻ نوڪر يا پناڻ چوڪيدار محض ان ڊپ کان نه رکندا آهن ته متان ٻار نه چورائي وڃي.

وڏا ته ٺهيو پر ٻارڙن کي به اهو احساس آهي. هن هڪ ڀيري ٻن پنجن ڇهن سالن جي ٻارن جي گفتگو ٻڌي:

”هو ڏس پناڻ پيو اچي.“

”اڙي ها، هل ته اندر گهر ۾ هلون“

”ڇو؟“

”اهي لالا پنهنجا ٻارن کي بيهوش ڪري کڻي ويندا آهن ۽ ڪٿي ڇڏيندا آهن.“

هن جي سوچ ۾ ڪڙاڻ اچي وئي: ڌاڙيل اسان جا ٻار چورائيندا ۽ پچائيندا رهيا آهن. اسان جي جگر جا ٽڪرا اسان کان کسيندا رهيا آهن. پنهنجي پرڳڻن جا ڌنڌا اسان جا ٻار کڻي ويندا آهن. پوءِ انهن مان ڇوڪرين کي نچائي وڏو ڪري چڪلي ۾ وهاري ڪمائيندا آهن، ۽ ڇوڪرن کي لولو، لنگڙو ۽ اپاهج بنائي هنن کان پنڻ جو ڌنڌو ڪرائي دولت هٿ ڪندا آهن. هائي وري هيءَ خرڪاري، جا نئين ملڪ ۾ وجود ۾ آئي آهي....

اهڙا واقعا اڳي به ٿيندا هئا پر پاڪستان ۽ خاص ڪري ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ هن درندگيءَ جا دروازا کلي پيا آهن. پنهنجي پرڳڻن وارن کي هتي عام جام اچڻ ۽ واپار ۽ ٺيڪيداري ڪرڻ جي کلي موڪل ملي وئي آهي. اڳي سامان واريون ٽرڪون صرف پنهنجي پرڳڻي ۾ هلي سگهنديون هيون، پر ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ اها روڪ ٽوڪ ختم ٿي وئي ۽ ٽرڪون ڪراچيءَ کان پشاور تائين بنا ڪنهن بندش جي اچي وڃي سگهن ٿيون....

ٽرڪن جي انهيءَ آزاد چرپر ڪري هتي نشئي ڊرائيور ڪيترائي حادثا ڪري ماڻهو مارين ٿا، جنسياتي جرم ۽ بدمعاشيون ٿين ٿيون، سمگلنگ ٿئي ٿي، نشيدار شيون هتي آنديون وڃن ٿيون ۽ انهن جو واهپو وڌيو

آهي انهن ٿي ترڪن ۽ جهپن ۾ هتي جي ٻارن ۽ وڏن کي زوريءَ پڄائي ڪيو ٿو وڃي.

جڏهن هن جي طبيعت ۾ ٿوري ڦاپر آئي، تڏهن هن خيال مٽائڻ لاءِ وري اخبار پڙهڻ شروع ڪئي. سنڌ جي ساليانيءَ بجيٽ جي تجويزن جو اعلان ڏنل هو. هن پڙهيو ته ايندڙ سال لاءِ اسي ڪروڙ رپيا ترقياتي ڪمن واسطي رکيا ويا هئا. ترقياتي ڪمن ۾ درياهه جا بند مضبوط ڪرڻ، رستا ناهڻ ۽ اسپتالن جي اڏاوت شامل هئا.

ايڏي رقم ڪڏهن به اڳ ان مقصد واسطي نه رکي وئي هئي. هن کي ته خوش ٿيڻ کپندو هو ته سنڌ ۾ ترقي ٿيندي. پر اها خبر پڙهي هو اداس ٿي ويو. اهو ان ڪري نه، ته انهن ڪمن جا ٺيڪا گهڻو ڪري غير سنڌي ٺيڪدارن کي ملندا ۽ سنڌ جي دولت جو وڏو حصو ٻين پرڳڻن ۾ پهچندو، پر هن جي اداسيءَ جو سبب اهو هو ته انهن ڪمن جا ٺيڪا خرڪارن کي به ملندا ۽ پوءِ الائي ڪيترا معصوم پنهنجي ماءُ پيءُ جي گود کان محروم ٿيندا، الائي ڪيترن مائٽن جي زندگي زهر بڻجندي!

حيدرآباد، ١٥ - جون ١٩٧٥ع

☆

دوستي نه ڏسي ڏين ڏرم

هڪ رات دير سان، جڏهن دنيا ۾ اونده انڌوڪار هو، چوڌاري چپ چاپ هئي، ڪو سپنن ۾ سمايل هو، ڪو خوابن ۾ خماريل؛ ڪڙمي ۽ ڪاسبي ڏينهن جي ڏکن کان آجا ٿي، ننڊ جي نعمت سان نوازيل هئا؛ سعيد پنهنجي کٽ تي ڪونگهرا هڻي رهيو هو.

اوچتو هن جي ننڊ ڦٽي پيئي، ۽ هو اٿي ويٺو. ڪو خراب خواب ڏٺو هئائين. هن کي مونجهه محسوس ٿي ۽ هو سڙڪ تي ٻاهر نڪري آيو. وري گهر ۾ گهڙيو. وري ٻاهر نڪتو. هو عجيب بيچينيءَ ۾ مبتلا هو. هن سپنو ڏٺو هو ته سندس سنگتي سندر کي ڪو قتل ڪري رهيو آهي، ۽ هو کيس مدد لاءِ پڪاري رهيو آهي. هو سپني مان سجاڳ ٿي پيو ۽ هاڻي بيقراريءَ جي عالم ۾ نه سمهي ٿي سگهيو، نه ويهي ٿي سگهيو. پوءِ ان گهڙيءَ سندر جي گهر پهچڻ جو پهه ڪري، هن جي گهر جو رخ رکيائين.

سندر جي گهر جو در کليل ڏسي، پنهنجي سپني جي سچي هجڻ جو گمان پيس. اتي ئي ڪن تي ڪنهن جي ڪيڪ جو آواز پهتس. وڌي در وٽ ويو ته وري ٻي چيٽ آئي، جا ٻڌنديئي سرير مان سيسرات نڪري ويس. آواز سڃاتائين ته سندر جو هو. پوءِ ته بيتاب ٿي، گهت هڻي گهر ۾ گهڙي ويو. سندر جي ڪوٺيءَ طرف وڌيو. هن جي آهٽ تي اندران ڪو ڪاري پوشاڪ ۽ ٻُتَ ٻدل ماڻهو ٻاهر نڪتو. سعيد وجهي هن جي مٿان پيو. پوءِ ته ڪشتي شروع ٿي ويئي، پر اهو رهزن پنهنجي جند ڇڏائي، ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعيد هن جو پڇڻ نہ ڪيو ، ڇو تہ سندر جي حالت ڏسڻ لاءِ دل دڪ دڪ ڪري رهي هئس . اوڙي پاڙي مان ڪوبہ واهر لاءِ ڪونہ آيو. شايد ايترو گوڙ ڪونہ ٿيو جو پاڙيسري جاڳي پون.

سندر جي حالت ڏسي، سعيد جو هيانءُ ڇڄي پيو ، مٿي ۾ گهرو گهاءُ هوس، جنهن مان رت ريلا ڪري وهي رهيو هو. هو بستري تي بيهوش پيو هو. سعيد همت نہ هاري. هن جي مٿي واري زخم تي زور سان ڪپڙي ٽڪر ٻڌائين، هن کي رلي ويڙهي، پاڻ ڊاڪٽر ڏي ڊوڙيو.

ڊاڪٽر آيو . چيائين حالت هيٺي آهي ، تنهنڪري هن جي هر طرح خبرداري ڪئي وڃي. سندر سانده اٺ ڪلاڪ بي سرت رهيو . نہ ڳالهايائين ، نہ ڪاڏائين ، نہ پيتائين ۽ نہ وري چريو. سعيد هن جي ان حالت ۾ جا ٽهل ٽڪور ڪئي سا پنهنجو رت بہ نہ ڪري . سارو وقت هن جي مٿان ويٺو رهيو. دوا درمل ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪانہ ڪيائين. انتظار ۽ اميد مان هن ڏي نهاريندو رهيو تہ ڪڏهن ٿو سندر چري، اکيون کولي ۽ ڳالهائي.

نيٺ اٺن پهرن کان پوءِ، اکيون هيڏانهن هوڏانهن ڦيري نهاريائين. سعيد سڪ مان هن جو نالو وٺي سڏ ڪيو. سندر پڇيو "ڇو، مون کي ڇا ٿيو آهي؟" سعيد جي بدن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي آئي، ۽ پريل ڳلي سان هن کي آٿت ڏنائين.

سعيد، صبح سانجهي هڪ ڪري هن جي ٽهل ٽڪور ڪندو رهيو. نہ ڪاڏو وٺندو هوس نہ پوري ننڊ ڪري سگهندو هو.

سعيد جي مائٽن کي اها ڳالهه پسند ڪونه هئي. هڪ ڏينهن هن جي ننڍڙي ڀيڻ، هن جي پويان آئي. سعيد ته اڇڻ سان ئي سندر جي خدمت چاڪري، بسترو درست ڪرڻ ۽ دوا پيارڻ ۾ مصروف ٿي ويو. ڀيڻس پر ۾ ويٺي رهي. جڏهن سعيد واندو ٿيو، تڏهن ڀيڻ، ڀاءُ کان پڇيو:

”ادا، هي ڪير آهي؟“

”هي منهنجو ڀاءُ آهي ۽ تنهنجو ڀي ادا آهي.“

”تون هن جي ايتري سنڀال ڇو ڪري رهيو آهين؟“

”چاڪاڻ ته منهنجو دوست آهي، منهنجو ڀاءُ آهي.“

”پر هي ته هندو آهي.“

”هندو به انسان آهن، مسلمان به انسان آهن. هو به اسان جهڙو انسان آهي. هو اسان وانگر خدا جو خلقيل آهي. جهڙيون خدا جون نعمتون اسان تي، تهڙيون هن تي. وڏي ڳالهه ته اسين ٻئي سنڌي آهيون؛ هڪ ديس، هڪ وطن، هڪ زبان، گڏ رهون، گڏ راند روند ڪريون. اهڙو ڪو ٻيو ناتو ٿي سگهي ٿو!“

سندر جي حالت ڪانه سڌري جيئن پوءِ تئن پڻو پوندو ويو. نيٺ ڏهن ڏينهن جي موت ۽ حياتيءَ جي ڇڪتاڻ کان پوءِ، هن جا پساهه پورا ٿيا. سعيد جي دنيا اونداهي ٿي ويئي هن ٻار وانگر سڏڪا ڀريا، ضاعفن وانگر پار ڪڍيا، مردن وانگر ماتم ڪيو. ماڻهو هن جي دوستيءَ جي سچائي ڏسي حيران ٿي ويا. سندر جي مائٽن جا به زخم ڇٽي ويا، مگر سعيد جو زخم ناسور بڻجي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندر هڪ چٺي پنهنجي پيڻ وٽ ڇڏي ويو هو، جا هڪ ٻئي شهر ۾ رهندي هئي، ۽ هن حادثي کان پوءِ، هن جي گهر اچي ٽڪي هئي. هن کي چيو هئائين ته جي هو مري پوي ته اها چٺي وڃي مکيءَ کي ڏئي. هاڻي پيڻس ائين ڪيو. اها پڙهي، مکيءَ جو وات ڦاٽي ويو. سندر وصيت ڪري ويو هو ته سندس ساري ملڪيت، هن جي موت کان پوءِ، سعيد کي ملي.

مکيءَ عجب کاڌو، ڳوٺ وارن عجب کاڌو، هندن عجب کاڌو، مسلمانن عجب کاڌو، سڄي سنسار عجب کاڌو....
هڪ هندو پنهنجي ملڪيت هڪ مسلمان کي بخشي! سو به اهڙي زماني ۾ جڏهن هندو ۽ مسلمان هڪ ٻئي جي رت جا پياسي بڻجي چڪا هئا.

ٿورن ماڻهن کي احساس ٿيو ته سعيد ۽ سندر جي دوستيءَ سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ جو ناتو امر بڻائي ڇڏيو هو.

هنن جي دوستي رڳو شخصي لاڳاپن تائين محدود ڪانه هئي، پر ٻئي هم خيال هئا، ٻئي اديب هئا، ٻئي شاعر هئا، ٻئي قومي ڪارڪن هئا. هنن شعرن، ڪهاڻين ۽ مضمونن رستي ماڻهن کي مذهبي ويڇا وساري، فقط انسان، هم وطن هم زبان، پاڙيسري ۽ سنڌواسي ٿي رهڻ تي زور ڏنو هو. پر ماڻهن هنن کي ڪونه سمجهيو، ۽ هڪ مسلمان هڪ هندوءَ کي، هڪ ڪافر کي فقط ان ڪري مارڻ ۾ ثواب سمجهيو ته هو هڪڙي مسلمان کي ڪاري رهيو هو. اهڙي مسلمان ڏي، اهڙي خيال هيٺ، سندر تي خوني حملو ڪيو هو.

★

نواب شاهه، ٨ - مئي ١٩٤٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ جي چوري

غريبن جو رت چوسيندڙ ۽ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻن سان دوکيبازي ڪندڙ اسٽيج تي اچي هميشه اها هام هڻندا آهن ته: اسين مسڪينن جا مددگار ۽ قوم جا خادم آهيون. پر هاٿيءَ جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا کائڻ جا ٻيا. اهڙا شخص جو ڪجهه چوندا آهن، سو نه ڪندا آهن، ۽ جو ڪجهه ڪندا آهن، سو نه چوندا آهن.

اهڙي قسم جي انسانن مان حميد به هڪ هو. هو وڏيرو هو، پر عام وڏيرن وانگر اڻ پڙهيل ڪين هو. انگريزي تعليم به ڪافي حاصل ڪئي هئائين. ملڪيت گهٽي ته ڪانه هئس، پر چالاڪ ۽ چتر زبان هجڻ ڪري، وڏي عزت ۽ شان مان سان گذاريندو هو. چونڊن وقت جيڪو پاسو زور ڏسندو هو، چمڙي وانگر ان پاسي وڪ وڌائيندو هو، ۽ پنهنجو ڪيسو گرم ڪندو هو، پر تقرير ڪرڻ وقت، هارين جي همدرديءَ ۾ گويا روئي ڏيندو هو، ۽ لڙڪ لڙي پوندا هئس. پنهنجي چتر زبانيءَ سان مخاطب کي موهي وجهندو هو. آفيسرن ۽ عملدارن کي پنهنجي وڪڙ ۾ ڦاسائڻ ته هن جي کابي هٿ جو کيل هو.

ننڍا ڪامورا ته ٺهيو، پر خود ڊپٽي ڪمشنر تي به پنهنجو اثر جمائي ڇڏيو هئائين. هن کي اهڙيون ته اوپاريون لهواريون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، جو ڊپٽي ڪمشنر کي يقين ٿي ويو ته وڏيرو صاحب غريبن جو سچو خيرخواهه ۽ بي غرض قومي ڪارڪن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ وزارت، مسلمانن کي واپار جو وجهه ڏيڻ لاءِ، پنجاهه سيڪڙو ڪپڙي جا ڊيپو مسلمان دڪاندارن کي ڏيارڻ جو اعلان ڪيو. وڏيري صاحب، هن موقعي کي پنهنجن عزيزن ۽ اڻ سڌي طرح پاڻ کي ورسائڻ لاءِ غنيمت ڄاتو. ڊپٽي ڪمشنر وٽ هن جي هلندي پڇندي هئي. هن جا ڪيترائي دوست ڊيپو ڪيپر بڻجي ويا. پنهنجي سوٽ سراج کي به ڪپڙي جو ڊيپو وٺرائي ڏنائين. ٿوري وقت ڪان سفارش سان سراج تعلقي جو ڪنڊ لاءِ هول سيل ڊيلر مقرر ٿيو. ساري تعلقي جي ڪنڊ ڦهلائين هن وٽ پهچندي هئي، ۽ اتان سڀ ڊيپو ڪيپر کڻائي ويندا هئا. حقيقت ۾، وڏيرو ۽ سراج هڪ گهر جا ڀاتي هئا.

سراج هينئر سيٺ صاحب سڏجڻ لڳو.

هيءَ هڪ مڃيل ۽ ڏٺل حقيقت آهي ته ڪهڙو به شريف ماڻهو، ڊيپو ملڻ بعد گهڻو ڪري پهرين نمبر جو حرامخور ۽ بي‌ايمان بڻجي ٿو پوي. ڪيترا اهڙا شخص ڏٺا ويا آهن، جن جي اول ته غريب پڻ واڪاڻ ڪندا هئا، پر ڊيپو وٺڻ بعد، اهي ساڳيا شخص ايتري قدر ته بدنام ٿيا آهن، جو غريب ته جنسي هٿ ڪيو پيا ڪين پڙهن.

سيٺ صاحب ته وڏيري کان به ٻه رتيون ڪسر هو. ڏاڇي هٿي ڏهه ته ٿوڏو هٿي ٽيرهن، وارو قصو هو. ظالم زميندار ته اول ئي هو، وري ڊيپو به آسانيءَ سان ملي ويس. پوءِ ته غريبن کي مڏي ڪاتيءَ سان ڪهڻ لڳو. ڪپڙي خريد ڪندڙ کي، ڪپڙي ٽڪر کان محروم موٽڻو ٿي پيو.

هن کي ڪپڙي جي هڪ ٻي بزار جو نالو ٻڌايو ٿي ويو....
چور بزار .... بليڪ مارڪيٽ.
غريبن پڪاريو:

خدايا، رحم ڪر، اسان کي بچاءِ،
ظلم جا ڪڪر هي، تون مٿان هٽاءِ!

پر دانهن ۽ فرياد ڪرڻ وارا! ياد رک، فقط لڪي ڇپي ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ آهون ڪرڻ مان ڪجهه حاصل نه ٿيندو. تو کي عمل جي ميدان ۾ ٽپي، پنهنجي ٻانهن جي زور سان، انهن ڪڪرن کي هٽائڻو آهي. مان ڏسان پيو ته تنهنجي اکيائڙن ۾ پيرن هيٺان ڌانڌيا آهن، پر تون محسوس نه ٿو ڪرين، ڇاڪاڻ ته تون ظلم ۽ ڏاڍ سهي سهي نود ٿي ويو آهين.. پر ائين به نه آهي.... ڇو تو تون آهه ۽ دانهن به ڪرين ٿو .... تڏهن تو کي پنهنجي طاقت جو احساس ۽ نتيجي تي اعتبار ڪونهي. جي ائين آهي ته مان تو کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته تون اهو آهين، جو دنيا کي آگ لڳائي سگهين ٿو، تون مانيٽي بحر ۾ طوفان برپا ڪري سگهين ٿو، تون دنيا کي بکَ ماري سگهين ٿو، تون سنسار جي رهاڪن کي ننڱو بنائي سگهين ٿو .... ۽ تنهنجي انقلاب جو نتيجو خوشگوار هوندو .... آتا! ۽ پنهنجي ڏندي جي ڏات کان ڪم وٺ!

اسان سيٺ صاحب کي وساري ڇڏيو. جڏهن سڄي تعلقي جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ هن وٽ اچي لهندي هئي تڏهن هو هرهڪ ڳوڻ مان به ايائي سير ڪڻڪ چورائي ڪيندو هو. ائين ڪرڻ سان

ٻہ ھن کي ڪيترائي مڻ کنڊ جا ملي پوندا ھئا. ڊپوءَ ڪيپر سيٺ جي ھن حرڪت کان واقف ھوندي بہ ڪجھہ ڪونہ ڪڇندا ھئا . ان جو سبب سيڪو سمجھدار سمجھي سگھي ٿو. سيٺ صاحب، وڏيري جي ھشي ڏيڻ تي کنڊ ۽ ڪپڙو بليڪ مارڪيٽ ۾ وڪڻي ڏاڍا جاوا ڪيا . ھو چوندو ھو تہ جنھن جو ڊپٽي ڪمشنر يار ، تنھن کي ڇا ڪندي پبلڪ جي پڪار!

عيد جو ڏڻ ويجھو ھو . کنڊ آئي . سيٺ جو گدام کنڊ جي ڳوڻين سان سٿجي ويو. ھو دل ئي دل ۾ ڪڳيون ھڻڻ لڳو . عادت موجب ، پوري منجھند جو ، جنھن ويل ھرڪو آرامي ھوندو آھي ، پنھنجو ماڻھو ڪٺي ، کنڊ واري گدام اندر گھڙيو. لوھي در چڱي طرح اندران بند ڪيائين. ھينئر ھو پنھنجي ڪرت کي لڳو.

دور انديشي ڪري، ڳوڻيون ھڪ ٻئي مٿان اھڙي نموني رکائيندو ھو، جو ڪيس کولڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي.

ھرھڪ ڳوڻ مان اھو ماڻھو ، کنڊ سان ڀري ڪيندو ويو. ڳوڻين مان کنڊ نڪرڻ ڪري، انھن ۾ ڪجھہ خال پيدا ٿي پيو. نتيجو اھو ٿيو جو ڪي ڳوڻيون ھيٺ جھڪي پيون ۽ ڪي ٿورو پاسيرو ٿي پيون. اچانڪ ھڪ ڳوڻ سندس قبضي مان نڪري وئي، ۽ اچي ھن جي مٿان ڪري.

سندس پٺ ڪنھن ڪم واسطي ڪيس ڪوٺڻ آيو . در کڙڪايائين . سڏ ڪيائين پر ڪوبہ جواب نہ آيو. پنج ڏھہ منٽ رکي، وري آيو. پر وري بہ ساڳي حالت ڏٺائين. اني

دل ۾ اچي ڦقڙي پيس. پنھنجن وڏن کي واقف ڪيائين. انهن به گهڻي رڙيون واڪا ڪيا. پر جواب ڪونه مليو. نيٺ پڪ ٿين ته ڏاهو ڪانءُ به ٽنگو ڦاٿو آهي. پاڙيسرين کي مدد واسطي پڪاريائون. هيءَ خبر بجليءَ وانگر شهر ۾ پکڙجي ويئي. ماڻهن جا هشام اچي گڏ ٿيا. گدام جو دروازو به ڪو حيدرآباد جي قلعي جي دروازي جهڙو مضبوط هو، سو ڪنهن به ريت کلي نه سگهيو. آخر چٽ پٽ لڳا.

اهي ٿي پورهيت، مزور، هاري ۽ مسڪين ماڻهو، جن کي هو ڪپڙي ٽڪر ۽ کنڊ لپ کان به محروم ڪندو هو، يا بلئڪ جي وڏي اگهه تي وڪڻندو هو، سي هن جي حياتي بچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا هئا.

★

خانوهڻ، ۲۰- ڊسمبر ۱۹۴۴ع

سماهي مهراڻ: آڪٽوبر ۱۹۴۷ع

ڏوهي بيڏوهي

هن ملڪ ۾ ٻه مذهب هئا. هڪڙو هو ڇٹني مذهب، جنهن جي مڃيندڙن جو تعداد ڪروڙن ۾ هو؛ ۽ ٻيو هو ٻٹي مذهب، جنهن جا پوئلڳ ٻه چار لک ماڻهو هئا.

هنن مذهبن وارا هڪ ٻئي جا جاني دشمن هئا، ۽ موقعي ملڻ تي هڪ ٻئي جو گلو ڪپڻ کان به نه مڙندا هئا.

هر مذهب وارو پاڻ کي حق تي ۽ ٻئي مذهب واري کي گمراهه سمجهندو هو. مذهبي ويڇن ڪري ئي هنن جا پاڻ ۾ جهڳڙا ٿيندا هئا، ۽ حد رتو ڇاڻ تي پهچندي هئي.

ڪجهه جي انبار کي چوچڙي لڳائڻ وارا، ۽ پرندڙ باهه تي گاسليٽ هارڻ وارا، انهن مذهبن جا اڳواڻ ئي هئا. مذهبي پيشوائن جو زندگيءَ جي مسئلن سان ته واسطو ئي ڪونه هو. هنن جي سوچ ويچار جو مرڪز اهوئي هو ته ڪيئن ٻئي مذهب جي گهٽتائي ڪري، پنهنجي مذهب واري ڪُٽ خلق جي خوشنودي حاصل ڪجي.

مذهبي ڇڪتائن کي زنده رکڻ ۾ ئي هنن جي زندگي هئي. اهوئي ذريعو هو، هنن جو پاڻ کي اهميت ڏيڻ جو. ان واسطي هنن پيشوائن کي ڪا گهٽي محنت ۽ جفاڪشي به ڪرڻي ڪانه پوندي هئي. ماڻهو جذباتي ۽ جاهل هئا، ۽ مذهب جي نالي ۾ رت جو ڦڙو ڦڙو وهائڻ لاءِ بيتاب. هي مذهبي رهنما فقط ايترو ڪندا هئا، جو عبادت خانن ۾، جتي ماڻهو خودئي پوڄا جي غرض سان اچي ڪٺا ٿيندا هئا، اتي جوش ڀريون تقريرون ڪري، عوام کي غير مذهب وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خلاف پڙڪائيندا هئا. هو هنن کي پنهنجي وڏن جي
ڪارنامن ۽ ابن ڏاڏن جي بهادريءَ جا هتراڏو داستان ٻڌائي
جوش ڏياريندا هئا. هو عوام کي ٻڌائيندا هئا ته ڪيئن نه
هنن جي وڏن، غير مذهب وارن کي ڌوڙا چٽايا ۽ هنن کي
ناس ۽ نابود ڪرڻ خاطر، پنهنجيون حياتيون قربان ڪري
پنهي جهانن ۾ سرخرو ٿي ويا.

هو ڪتاب پڻ لکندا هئا ۽ انهن ۾ به اهڙي قسم جون
ڪهاڻيون ۽ فرضي قصا گهڙي عوام ۾ فساد جو روح
ڦوڪيندا هئا.

ڪيتري عرصي کان وٺي، ڇٽي ۽ ٻئي مذهب وارن جا
پاڻ ۾ جهڳڙا ۽ لڙايون هلنديون ٿي آيون. پر اها به حقيقت
هئي ته انهن ۾ تباهه ۽ برباد ٿيندڙ مرندڙ، ۽ ماريندڙ صرف
عام ماڻهوئي هئا. اهي غريب ئي هئا، جيڪي قتل ٿيندا هئا ۽
جن جا ڪٽنب دربدر ٿيندا هئا. شاهوڪار ۽ تونگر ماڻهو
ديوتائن کي راضي ڪرڻ ۽ ڌرم جي شيوا ڪرڻ لاءِ وڏيون
وڏيون رقمون ڏيندا هئا ۽ بس.

اها به حقيقت هئي ته انهن فسادن ۾ ڪنهن به مذهبي
اڳواڻ جو وار به ونگو ڪونه ٿيو هو.

انهيءَ ديس ۾ بک ۽ بيماري به هئي، غربت ۽ مهانگائي
به هئي. سرمائيدار ۽ زميندار طبقي جو ظلم به هو. مگر اڄ
ڏينهن تائين، ڪنهن به انهن خلاف آواز ڪونه اٿاريو هو.
ڪٿي به اهو ستياگرهه ڪونه ٿيو ته هو پيٽ بکيا ۽ انگ
اگهاڙا آهن، هنن کي روٽي ۽ روزگار کپي. ڪنهن به رشوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ زمينداري ظلم بند ڪرڻ لاءِ، بغاوت جو آواز بلند نہ ڪيو. ڪنهن بہ ان لاءِ پنهنجي جان قربان نہ ڪئي تہ "اسين بہ انسان آهيون، ۽ اسين بہ سک ۽ آزاديءَ جي جيون گذارڻ ٿا چاهيون." جيتوڻيڪ هو غلام هئا ۽ ظلم ستم جي گهاڻي ۾ پيڙجي رهيا هئا.

دراصل اها بہ هنن کي مذهب جي تعليم هئي تہ شاهوڪار ۽ غريب بنائڻ وارا ديوتائون آهن، قسمت ۾ جو لکيو آهي، اهوئي ٿيندو، ان جي خلاف ڪجهہ ڪرڻ ديوتائن کي ناراض ڪري ٿو.

مذهبي مهندار بہ هنن کي اهوئي تاڪيد ڪندا هئا تہ ديوتائن کي غريب پيارا آهن. زميندارن ۽ دولتمندن سان ريس نہ ڪريو، انهن خلاف بغاوت ڪري امن ۾ رخنو نہ وجهو. حالانڪ ٻئي طرف اهي ئي اڳواڻ مذهبي اختلاف وڌائي، ملڪ ۾ صلح سلامتيءَ جا دروازا سدائين لاءِ بند ڪري رهيا هئا.

اهڙيءَ ريت، حياتيءَ جي مسئلن جي باري ۾، هو عوام کي صبر شڪر جي هدايت ڪندا رهندا هئا.

آقا هاشُو، مُني مذهب جو وڏي ۾ وڏو روحاني رهبر هو. هزارين لکين دلين تي حڪمران هو. لکين ماڻهو هن جي اشاري جا منتظر رهندا هئا. آقا، ٻني مذهب جي ماڻهن کي ڏسي پيو ڪڙهندو هو تہ هي اتي ۾ لوڻ برابر تعداد ۾ بہ اسان جي پاڪ ڌرم جي بيحرمتي پيا ڪن. هن خيال ڪيو تہ چونہ ڪا اهڙي تجويز سوچجي، جو ٻني مذهب وارن جو هن سر زمين تان لڏو ئي پٽجي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن هڪ ڳجهي ٽولي تيار ڪئي هئي. سازش سٽي وئي ته ڪنهن مقرر ڏينهن تي مخالف مذهب جي سرڪردن کي قتل ڪيو وڃي. هن ٽوليءَ وارا پاڻ کي وڏا ڀاڳ وارا تصور ڪرڻ لڳا، ڇو ته هڪ ته هو آقا هاشوءَ جهڙي روحاني رهبر جو حڪم، ٻيو وري ديوتائن جي راضپي ۽ سورڳ جي لالچ.

آقا جو قول هو ته مذهب جي حفاظت ڪندي، جو فتح پائي ٿو، اهو ”غازي“ آهي، ۽ جو مري ٿو، اهو ”شهيد“. ٻنهي حالتن ۾ هو ديوتائن جي راضپي ۽ بهشت جو حقدار آهي.

هڪ ڏينهن اوچتو حملو ڪيو ويو. ٻئي مذهب جي ڪيترن ئي پيشوائن کي ماريو ويو. هنن به جوابي جنگ شروع ڪري ڏني. پوءِ ته ٻاهه ڀڙڪندي وئي. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ فساد ڦهلجي ويا.

معصوم ٻارن کي ماريو ٿي ويو، ڪمزور عورتن کي ڪُٺو ٿي ويو، عورتن جي عصمت ٽوڙي ٿي وئي. پر سيٺيون ۽ سرمائيدار، زميندار ۽ جاگيردار هر طرح محفوظ هئا.

آقا هاشوءَ جي گهر جي چوڌاري سوين چيلا چونڪي ڏئي رهيا هئا. هن کي ذري ذري جون خبرون پهچنديون هيون. هن پنهنجي جماعت جي ”غازين“ (جن مخالف مذهب جي ماڻهن جو گلو ڪپيو هو) کي مبارڪون ٿي ڏنيون ۽ ”شهيدن“ جي حق ۾ دعا ٿي گهري. پين کي هو همٿائي رهيو هو ته منڪرن کي ماري، ديوتائن جو راضپو حاصل ڪريو. هن مالي مدد جو به مڪمل انتظام ڪري ڇڏيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن فسادن ۾ آسمان جي اک چا چا نہ ڏٺو!

ان ڏٺو: هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ هڪ معصوم ٻار، جنهن کي ميري قاتل گنجي ۽ چڙيل ڀريل هٿي ۽ جنهن جا ٻير اگهاڙا هئا، هن کي هڪ هٿ ۾ ڪتاب هو ۽ ٻئي هٿ ۾ جوئر جي ماني ۽ جو سڪو ٽڪرو، جو هو ڏاڍي حرص ۽ شوق مان کائيندو وڃي رهيو هو، شايد اسڪول ڏانهن؛ هن ۾ هڪ اهڙي معصوميت هئي، جو فرشتا پڻ هن جي پوڄا ڪن. پر مخالف مذهب جي هڪ انسان.... انسان نہ پر هڪ وحشي ۽، هن ابهم کي متي تي اهڙي لت هنئي، جو ويچارو ٻار رڙ بہ ڪري ڪونہ سگهيو، ڦٿڪي بہ ڪونہ سگهيو.

آسمان جي اک ڏٺو: هڪ ڳڀرو نوجوان، جو شايد مزور هو. هن کي انن ڏهن ڄڻن، جن جي هٿن ۾ لٺيون ۽ تلوارون هيون، اچي گهيرو ڪيو. نوجوان ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪيون تہ "مون کي ٻہ ننڍڙيون ڀينر آهن ۽ هڪ معصوم ڀاءُ آهي، مان هنن جو سڀ ڪجهہ آهيان، منهنجي مرڻ کان پوءِ هو سڀ دربدر ٿي ويندا، تباهہ ٿي ويندا." پر هنن درندن ٿهڪ ڏنا ۽ هن کي ڏاڍو برو عذاب ڏئي ماريائون. هن جو عضوو عضوي کان جدا ڪري ڇڏيائون.

آسمان جي اک ڏٺو: هڪ کير پياڪ ٻار کي هن جي ماءُ سامهون قتل ڪيو ويو. ماءُ بيهوش ٿي ڪري پئي ۽ وري نہ اٿي.

آسمان جي اک اجا بہ گهڻو ڪجهہ ڏٺو. ان اٿ مار

ڏني ، باهيون ڏنيون ، انسان جو عام قتل ڏنو ، اڪيچار ڪٽنب دربدر ٿيندي ڏٺا.

هنن فسادن ۾ ۱۵ هزار ماڻهو مئا ۽ لکين رپين جو مالي نقصان ٿيو.

ملڪ جون حالتون خراب ٿي ويون. بک ۽ بيروزگاري وڌي وئي. امن ۽ سلامتي ڪانه رهي. ڪنهن به پاڻ کي محفوظ نه ٿي سمجهيو. ماڻهو تنگ ٿي پيا. ان وحشانيت کي نندڻ لڳا. سڀني مذهبن جا عام ماڻهو يڪراءِ ٿي، انهن فسادن کي بند ڪرائڻ لاءِ حڪومت کان زوردار مطالبو ڪرڻ لڳا. ملڪ جي اخبارن پڻ نفرت ڦهلائيندڙ ۽ مجرمن خلاف سخت ڪارروائيءَ جو مطالبو ڪيو. سياسي ليڊرن جون صلح لاءِ اپيلون شايع ڪيون ويون.

ملڪ جي حڪومت آخر فسادن کي ڇنجو ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ڪيترائي ڏوهاري ۽ قاتل گرفتار ڪيا ويا. آقا هاشوءَ کي به هٿڪڙيون پهرايون ويون. مجرمن کي مختلف سزائون مليون پنجاهه کان زيادهه ڏوهارين کي ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.

پر جڏهن آقا هاشوءَ کي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي، تڏهن ملڪ ۾ شور مچي ويو. ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جلسا ڪري ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. امير خواهه غريب، زميندار توڙي هاري ڪامورا به ته عوام به، سڀ هڪ آواز سان حڪومت تي زور بار آڻڻ لڳا ته:

”آقا هاشو بي قصور آهي، فساد بين ڪيو، خوني ٻيا

آهن ، آقا تہ ديوتائن جو سچو پوڄاري ، انسان ذات جو خيرخواھہ ، مذھبي تعصب کان دور ، سراپا نور ۽ نيڪيءَ جو مجسمو آهي . هن کي ھڪدم بنا شرط شروط آزاد ڪيو وڃي !“

★

خانواهڻ ، ٢٨- مئي ١٩٥٣ع
فردوس : آڪٽوبر ١٩٥٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيري جو وارث

ڳوٺ ۾ شادمانو هو. وڏيرو ڪبڙخان ڪتو نه ٿي پڳو. نندي وڏي کي وڏا وڏا پاڪر پائي پئي مليو. غريب غربي جي دل ڪولي مرحبا ٿي ڪيائين. مسڪين هاري، جن کي سدائين چڙٻون ڏئي ڳالهائيندو هو، انهن کي به اڄ کلي ڪيڪاري رهيو هو.

دهلن ۽ شرنائن جو شور فضا ۾ گونجي رهيو هو. ميهرخان ٻنون وڄائي رهيو هو، ۽ ٻه چار جوڳي مرلين مان سُرَ ڪڍي رهيا هئا. ناچڻيون به گهرايون ويون هيون ۽ ملاکڙي جو بندوبست پڻ هو.

وڏيري جي اوطاق تي عام دعوت هئي. سخاوت ۾ آمريڪا وارو ڏيکاءُ پئي ڏنائين. خوب خير خيراتون ڏني رهيو هو. ناچڻين، مڱڻهارن ۽ ڳائڻين تي دل گهريون گهورون پئي ٿيون. ملهن تي به نوٽن جي ورڪا ٿي رهي هئي.

ڊاڪٽر کي جا عزت ۽ جو شان مليو، ان کي ڏسڻ وارا رشڪ جي نگاهه سان ڏسڻ لڳا. هو وڏيري جي موڪليل صفا نئين موٽر ۾ اچي لٿو. هن جي وهڻ واسطي هڪ تمام قيمتي هنڌ وڇايو ويو هو. وهڻ شرط وڏيري هن جي ڳلي ۾ گينين جو هار پهرايو ۽ اعلان ڪيو ته اها نئين موٽر ڊاڪٽر صاحب کي سوکڙي ڪري ڏني ٿي وڃي.

وڏيري چار شاديون ڪيون هيون.

پهرين زال هن جي سوٽ هئي. ٻئي قوم جوانيءَ ۾ هئا. وقت ڏاڍي عيش ۾ پئي گذريو. پر ڏهه ورهيه لنگهي ويا، اولاد جي اميد پوري نه ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيري کي فڪر ويڙهي ويو. مال ملڪيت جي هن وٽ ڪمي ڪانه هئي. ست پيڙهيون ويٺيون کائين. پر جي اولاد نه ٿو ٿئي ته پوءِ خاندان ٿي ختم. ملڪيت جو وارث ته پيدا ٿيڻ کپي.

تعويز ۽ ڦيٽا به ڪرايا ويا، جهڙن پيرن ۽ مماتي ولين جي درن تي به نذرانا ڏنا ويا، دعائون به پنيون ويون ۽ باسون به باسيون ويون. زال جو علاج ڪرائڻ ۾ به هن ڪين گهٽايو. پهرين ته ڀراڙيءَ جي داين ۽ طبيبن جون سڀئي ٽوٽڪا آزمايون. پوءِ شهر جي وڏين وڏين ڊاڪٽرياڻين وٽ هزارين روپيا هارياڻين. پر ٻار نه ٿيڻو هو سو نه ٿيو.

سنڌي عورت سان آخر هو ڪيستائين نباهي ٿي سگهيو. هن ٻي شاديءَ جو پهه پچايو.

ٻي زال به نڌي نيٺي هئي. نئين شاديءَ سان اولاد جون نيون اميدون جاڳيون. ڇهه ست سال گذري ويا، پر گود خالي رهي. هن جي علاج تي به ڪافي دولت خرچ ڪئي وئي.

آخر ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، هن ٽين شاديءَ جو اعلان ڪيو. وڏيرو ماڻهو هن لاءِ هزارين زالون، ٻلي ڪان ٻليون، رڳو هن جي اشاري جي دير هئي. ٽين زال جو به اهو حشر ٿيو، جيڪو پهرين ٻن جو. وڏيري کي زال ذات تي ڏاڍي چڙ ٿي آئي. زالن سان سختيءَ سان پيش اچڻ لڳو. راڄ ڀاڳ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ته چوندي چوندي سنڌي عورتون ٽا منهنجي مٿي ۾ هڻن.

وڏيري جي عمر پنجاهه کان چڙهي چڪي هئي. هو

صفا نااميد ٿي وئي هئي. هن کي اهائي اڻ تڻ رهندي هئي ته ”مون کان پوءِ هيڏي ساري اناج ملڪيت جو وارث پيدا نه ٿيو ته اها ڌارين جي هٿ چڙهي ويندي. منهنجو خاندان ٿي چٽ.“

نيٺ هن هڪ بار وري بخت آزمائيءَ جو خيال ٿيس. اسلام ڇٽن ڏالن جي ته اجازت ڏني آهي. هو ٽي ڪري چڪو هو، باقي اڳو پوءِ چوٿين به ڪري ڏسجي. هن جاچي جوچي اهڙي ويڙهي مان ڇوڪري چونڊي، جنهن ۾ ڪابه عورت سنڍ ثابت نه ٿي هئي.

چوٿين شادي کي به ڇهه اٺ مهينا ٿي ويا، پر چاڙهو نظر ڪونه آيو. اتي ڪنهن سياڻي صلاح ڏنس ته ”ممڪن آهي ته وڏيرا صاحب، تو ۾ ڪو نقص هجي. ان ڪري شهر ۾ وڃي، ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کان چڪاس ڪراءِ“

وڏيري جي دل کي به اها ڳالهه آئڙي. وڃي نڪتو ڊاڪٽر وٽ. مڪمل چڪاس ٿي. ڊاڪٽر هن کي نتيجي کان آگاهه ڪيو: وڏيري جي بدن ۾ ٻار پيدا ڪرڻ وارا جيوڙائي ڪونه هئا.

وڏيري علاج بابت پڇيو ۽ يقين ڏياريو ته خرچ ڪيترو به ايندو، هو ارهو نه ٿيندو. ڊاڪٽر ٻڌايس ته انهيءَ نقص جو علاج ذري گهٽ ناممڪن آهي، پر ڪوشش ڪري سگهجي ٿي، شايد ڪجهه ٿي پوي وڏيري کي ٻڏندڙ ماڻهوءَ وانگر ڪک جو سهارو به لڪ جو هو.

ڊاڪٽر هٿئي ۾ ٻه پيرا سيون هڻندو هو ۽ مهيني ۾

۽ پيرا مادي جو خوردبينيءَ سان معائنو ڪندو هو. في دل گهري ملندي هئس.

علاج کي ڇهه مهينا ٿي ويا هجن. هڪ ڏينهن وڏا وڏا قدم پريندو ۽ مرڪندو، وڏيرو ڊاڪٽروٽ آيو. اچڻ سان چيائين:

”ڊاڪٽر صاحب، مبارڪ! توهان جون ڪوششون ڪامياب ٿيون. في الحال توهان لاءِ پوري مهنهن آندي اٿم، جا ٻاهر بيٺي آهي.“

وڏيري جي ڳالهه ٻڌي هو منجهي پيو. هن اڃان اڳئين هفتي تپاس ڪئي هئي ۽ هن کي ذري جو به فرق نظر نه آيو هو. پوءِ مبارڪ جي نوبت ڪيئن آئي!

خوش خلقي ڏيکاريندي، وڏيري کان پڇائين، ”ڪهڙي بيگم“

وڏيري وراڻيو ”ننڍي ۾ ننڍي يعني چوٿين.“

وڏيري علاج جاري رکيو، جئن مڪمل فائدو ٿئي. ڊاڪٽر به خاموشيءَ سان دوا ڏيندو رهيو ۽ چڪاس به ڪندو رهيو، پر هن جو ذهن خاموش نه هو.

اڄ وڏيري جي اُن وارث جي ڇٽي هئي.

هيئنر به هن محفل جي شور شغل ۽ شاهاڻي پلنگ تي ويٺي ويٺي، ڊاڪٽر ساڳئي سوال تي سوچي رهيو هو. هن کي پنهنجي علم تي پورو ڀروسو هو. هو ان لاءِ قسم کڻڻ لاءِ تيار هو ته وڏيري جي جسم اندر اولاد پيدا ڪرڻ وارا جيوڙا نه منڍ ۾ هئا ۽ نه ان وقت هئا جنهن وقت هن جي زال کي اميد واري ٿي هئي ۽ نه اڄ تائين ٿيا هئا. اهڙي حالت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو پيءُ بنجڻ اڻ ٺهڻي آهي . پر اها پرواهه آهي ڪهڙي؟ وڏي ڳالهه ته وڏيري جون پهريون ٽيئي زالون اهڙا ڪاميون اهڙيون ويٺيون هيون جهڙيون اول هيون .

وچ محفل ۾ وڏيري کي اندر حويليءَ ۾ وڃڻ لاءِ ٽڪڙو سڏ ٿيو. جڏهن هو موٽي آيو ته هن جو رنگ ئي ڦريل هو. هن جي منهن ۾ نرڙ جا گهنج وڌيڪ گهرا ٿي ويا هئا. هن جي چهري تي نه اڳين رونق هئي نه خوشي ، هن جون نگاهون زمين ۾ کتل هيون. سڀ ويٺل ان تبديليءَ تي حيران هئا. هنن جي دلين ۾ اهو سوال ضرور اٿيو ته آخر اندر حويليءَ ۾ ڇا ٿيو ؟

وڏيري جو ڊرائيور، جو ڊاڪٽر کي واپس ڇڏڻ هليو، تنهن وات تي هن کي سموري ماجرا ٻڌائي : وڏيري جون زالون وڙهيون هيون . ڳوٺ ۾ نواز نالي هڪ ڇوڪرو هو. وڏيري جي چوٿين بيگم هن سان مڱيل هئي، پر پوءِ وڏيري هنن جي مرضيءَ خلاف زوريءَ هن سان شادي رچائي هئي. وڏيري جي بيگمن کي ڪنهن نموني خبر پئجي وئي ته چوٿين بيگم نواز سان ڦاٿل آهي. نوڪرياڻين پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. جڏهن هن کي اميدواري ٿي ۽ وڏيري جو هن تي پيار ۽ توجهه تمام گهڻو وڌي ويو، تڏهن سڀ ڀاڄيون جلڻ لڳيون . نواز واري قصي جي خبر ته هين پر وڏيري جي ڊپ کان ٻاهر ڦاٽڪيڻ جي همت نه ٿين. پر پاڻ ۾ سازش سٽيندييون رهيون ۽ موقعي جي تلاش ۾ رهيون ته ڪيئن ننڍي بيگم کي بدنام ڪجي ۽ وير ونجي .

ان ڏينهن اوچتو هن ڳالهه ڦاٽ ڪاڍو، جڏهن واري-وٽيءَ تي وڏين بيگمن نندي بيگم کي ظاهر ظهور طعنا ڏيڻ شروع ڪيا. ڳالهه وڌندي سخت جهيڙي جي صورت اختيار ڪئي ۽ حويليءَ ۾ موجود ٻين جون سڀئي عورتون به ان راز مان واقف ٿي ويون.

پڇاڙيءَ ۾ ڊرائيور ڪلندي چيو ”سو سائين، گستاخي معاف ڪجو، توهان جي دوا ته ڪو اثر ڪونه ڏيکاريو، اصل علاج ڪرڻ وارو ته ٻيو ڪو هو.“

ڊاڪٽر مرڪي ڏنو.

★

لاڙڪاڻو، ١٠- آڪٽوبر ١٩٥٣ع
خادم وطن: ٢٥- آگسٽ ١٩٦٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين رات، پهرين ملاقات

هن جي ماءُ ڇوڪريءَ کي ٻه ٽي ڀيرا ڏسي چڪي هئي. هوءَ مطمئن ٿي نظر آئي. هن اڪبر کي هر نموني تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

اڪبر پنهنجي پيءُ ماءُ سان شاديءَ جي مسئلي تي کلي دل سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

هن کي اهڙي زال کپندي هئي، جنهن ۾ ڀاڳ هجن يا نه پر هوءَ سهڻي ضرور هجي. هن صورت کي سڀ شئي کان سرس اهميت ٿي ڏني. هن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ڇوڪريءَ جون عادتون خراب آهن يا هوءَ بدتميز ۽ بدتهذيب آهي ته ان جي پرواهه نه آهي. اهي چيزون اهڙيون آهن، جن کي ڪداري سگهجي ٿو. عادتون مٽائي، تميز ۽ تهذيب سيکاري سگهجي ٿي. جي سگهڙ نه آهي ته سگهڙ پائي سيکاري سگهجي ٿي. هن کي يقين هو ته جنهن جوانڙيءَ وٽ سونهن سوڀيا ۽ دلربائيءَ جي دولت آهي، ان کي هو پنهنجي پيار سان گهڻو ڪجهه بڻائي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن بدصورت عورت سان پلؤ اٽڪي ويو ته پوءِ ڇا ٿي سگهندو؟ بدصورتي ته هڪ لا علاج مرض آهي!

هو چوندو هو: ”مان ٻيا سڀئي عيب نظر انداز ڪري سگهان ٿو، پر حسن جي ڪمي مون واسطي سهڻ کان ٻاهر آهي. سهڻي زال ته دنيا جي وڏي ۾ وڏي نعمت آهي.“

هن ڇوڪريءَ جي خاندان ۽ مالي حالت بابت ڪا به دلچسپي ڪانه ڏيکاري. شاديءَ جي معاملي ۾ هن انهن چيزن کي غير ضروري ٿي سمجهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترين ڇوڪرين ۽ عورتن کي ڏسندي ڏسندي، هن پنهنجي ٽيهن واري سٿ جو هڪ تصور قائم ڪري ڇڏيو هو ”اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪندس جنهن جو قد ڊگهو، رنگ پورو، بدن سنهون، بيهڪ سهڻي، اکيون وڏيون، ڇاتي ايريل ۽ چهرو دلڪش ۽ مسڪراهٽن سان ڀرپور هوندو.“ هن دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هو.

جڏهن هن جي ماءُ ڇوڪري ڏسي آئي، تڏهن ورائي ورائي هو مٿين خوبين بابت هن کان پڇندو رهيو ماڻس به هن کي يقين ڏياريندي رهي ته ”ڇوڪري سدا ملوڪ آهي تمام ڊگهي ته نه آهي پر قد پورو پنو اٿس، رنگ صاف، منهن موڪرو ۽ نڪ نقشا وڻندڙ.“

هوءَ ته ڪنوار جي سڀاءَ مان نه پئي ڄاڻي پر اڪبر کي خاطري ٿي نه پئي ٿي: شادي حياتيءَ ۾ صرف هڪ ڀيرو ٿي ڪجي جيڪڏهن ڇوڪري منهنجي معيار مطابق حسين نه نڪتي ته پوءِ ته مون کي خودڪشي ڪرڻي پوندي پنهنجي تڙڦائيندڙ تمنائن ۽ خوبصورت آرزوئن جو انهي ريت خون آءُ ڪيئن برداشت ڪري سگهندس. اما تي ڪهڙو اعتبار هوءَ ته چاهي ٿي ته پٽ جو پرڻو اڄ ٿئي ته سڀاڻي پيو ڏينهن ٿئي. ممڪن آهي ته پنهنجي انهيءَ خواهش جي تڪڙي تڪميل جي شوق ۾ ٻين ڳالهين کي نظر انداز ڪري ڇڏي. اهڙي حالت ۾ ڇوڪريءَ جي خامي به هن کي خوبي نظر ايندي هوندي. تنهن کان سواءِ پوڙهي اما کي منهنجي جوان جذبن جو ڪهڙو اندازو.

جڏهن ماڻس ڇوڪريءَ جي ماڻتن جي ڏن دولت جو ذڪر ڪرڻ لڳي، تڏهن هن کي شڪ ٿيڻ لڳو ته متان اما شاهوڪار گهر تي هرڪجي وڃي هجي ۽ ڇوڪريءَ جي شڪل صورت جي حقيقت لڪائيندي هجي. هنن پوڙهين تي ڪهڙو ڀروسو!

پيءُ کي چيائين. ”بابا، ڇا مان فقط هڪ ڀيرو به پنهنجي ٿيڻ واري زال کي ڏسي نه ٿو سگهان؟“

پڻس جواب ڏنو ”پٽ، اهو ته ناممڪن آهي. اسان جي سوسائٽيءَ ايتري ترقي اڃا ڪانه ڪئي آهي.“

اڪبر پيچ تاب کائڻ لڳو. دل ئي دل ۾ چيائين: ڪهڙا نه بي پرواهه ۽ جاهل آهن اسان جا پيءُ ماءُ، ۽ ڪيترو ظالم ۽ غير موزون آهي هي سماج. زندگي ڀر جو سوال آهي ۽ اسان کي رڳو هڪ ڀيرو به هڪ ٻئي کي ڏسڻ جو موقعو نه ٿا ڏين.

هن کي ياد آيو ته هن هڪ اخبار جي هڪ اشتهار کان متاثر ٿي، هڪ ڪتاب، سٺ رپيا خرچ ڪري ۽ ڪيترين تڪليفن بعد، لنڊن مان گهرايو هو. پڙهڻ تي هن کي معلوم ٿيو ته اهو ڪتاب هن لاءِ صفا بيڪار ۽ فضول هو. ان تي هن ڪتاب جي مصنف ۽ مشتهر کي دل کولي گاريون ڏنيون هيون. هي رشتو به ته هن کي اشتهار تي ئي قبول ڪرڻو پوندو.

ڇوڪريءَ جي ڳڻن ۾ هن جو هڪ سنگتي رهندو هو. ان کان پڇا ڪيائين، پر هو به ان کان وڌيڪ ٻڌائي نه

سمجهيو ته ”ڇو ته ڇوڪري شڪل جي چڱي آهي.“ پر چڱي شڪل جو ته ڪو مطلب ئي ڪونهي. سڀڪنهن جي پنهنجي پنهنجي پسند آهي. هڪ انسان هڪ جي نظر ۾ من موهڻ آهي ته ٻئي جي نگاهه ۾ ڪوجهو. انهيءَ معاملي ۾ ٻئي جي راءِ سان ٻڪراءُ ٿي نه ٿو سگهجي.

هن جي هر ڪر قائم رهي.

آخر ڀاڻ ڪي آئت ڏنائين ته ماءُ منهنجي دشمن ته ڪانهي، هؤ به جهانديده آهي، ضرور دل ۾ پڇي ٿي ته ان ڇوڪريءَ کي پنهنجي نُنهن بنائڻ جو فيصلو ڪيو هونداءِ. منهنجا بيءُ ماءُ به منهنجي پسند جو خيال نه رکندا ته پيلا ٻيو ڪير رکندو. هو ته هن تي هن پاڻهن لاءِ زور بار ڏئي رهيا هئا.

”پڇڙا، جهڙي زال تون چاهين ٿو، ڇوڪري ان کان به ڪي رنيون وڏيڪ آهي، گهٽ نه. سچ ٿي چوان ته ڪنوار ڏسي اوڙو پاڙو رش ڪندو.“ ماءُ چيو.

اڪبر پنهنجي قبوليت ڏئي ڇڏي. هن جو مڱڻو ٿيو. گهر جون عورتون ۽ ٻار ڪنوار ڏسي آيا هئا. هن پاڇائيءَ، نندي ڀائٽي ۽ ننڍڙي ڀاءُ کان، جدا جدا، ڪنوار جي جسم ۽ نڪ نقشي جي باري ۾ پڇا ڪئي. هر ڪنهن چيو سٺي آهي. پر اڪبر جي تسڪين مشڪل هئي. هن خيال ڪيو ته ممڪن آهي ته مون واري ڪنوار ڪٿي سچ پچ بدشڪل ۽ بي ڊولي هجي، پر ته ڏهن به هيئنر منهنجا مائٽ منهنجي دل ٽٽڻ جي خيال کان مون سان هن جي ڪنهن به عيب جو ذڪر نه ڪندا، خاص ڪري جڏهن رشتو طئي به ٿي ويو آهي.

هن جي هر ڪر ۾ ٻيچيني ۾ ڪو فرق نه آيو. ڪڏهن ڪڏهن ته هن کي افسوس به ٿيڻ لڳندو هو ته غلطي ڪري تڪڙ ۾ قبوليت ڏنم . گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙي تعليم يافته کي اهڙي طريقي سان مڱڻي قبول ڪرڻ نه گهرجي ها. اها جوا آهي، هڪ بدترين جوا. وقتي ته وري اميد جا سونهري ڪرڻا به نظر ايندا هئس ۽ پاڻ کي تسلي ڏيندو هو ته سيٺي جو چون ٿا، منهنجي زال ضرور منهنجي خوشنما خوابن جو تعبير هوندي .

اها رات به آئي . اها گهڙي به آئي. هن پنهنجي ڪنوار کي پهريون پيرو ڏٺو هو. ڪوئلي جهڙي ڪاري ته ڪانه هئي، پر هن جو رنگ ڪارائڻ ڏي مائل ضرور هو. هن جي بندري قد ۾ قدرت ڪنهن گمان جي گنجائش ئي ڪانه ڇڏي هئي. ڪنوار جو منهن بي نقاب ڪرڻ تي، هن کي، هن جو نڪ اهڙو نمايان نظر آيو، جو هڪدم هن جي اڳ اخبارن جي ڪارٽونن جا نڪ نچڻ لڳا. انهيءَ نڪ ٿارپيڊو بڻجي، هن جي جيون جي جهاز کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ڪنوار جو چهرو هن کي بيحد بدنما لڳو.

هن جا سپنا ٽٽي پيا ۽ خيالن جي دنيا اٿجي وئي.
هن دل ئي دل ۾ چيو ”اما، تون اندي آهين!“

★

چام شورو، ١- مارچ ١٩٥٥ع
فلمي دنيا: مئي ١٩٥٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگرد جو قتل

هو اسپتال ۾ رهڻ کان انڪار ڪرڻ لڳو.

مون کي هن جي ضد جو ڪو ظاهري سبب ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هو مشڪل سان ڳالهائي ٿي سگهيو ۽ ڳالهائڻ جي وچ وچ ۾ پنهنجي سڪل چپن تي زبان ٿي ڦيريائين. ڏاڍو ضعيف ۽ زرد ٿي نظر آيو. اکيون ڏرا ڏئي ويون هئس ۽ هن تي نيم بيهوشيءَ جي حالت ڇانيل هئي. هن جي مٿي جا وار اٿيا ۽ ڪنڊڙيل، چهري تي ڏاڙهيءَ جو ڀڀ اسريل، منهن تي تڪليف کان وڌيڪ فڪر جا اهڃاڻ، پيڙا کان سرس پريشاني.

هٿ لڳائڻ تي هن جا عضوا تاندين وانگر ٿرندي لڳا. هن کي مدي جو تپ هو.

هن جي گهڙيءَ گهڙيءَ مون ڏانهن گهورڻ ڪري، مون هن جي نيڻن ۾ ڇتائي ڏٺو. انهن نماڻن ۽ نبل نيڻن ۾ ڇا هو!.... التجا؟ بي آرامي؟ بيوسيءَ خوف؟ هراس؟

تپ تپاسڻيءَ ۾ هن جو تپ ڏسندي، سندس ساٿين کي چيم ”هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرايو. هتي رهڻ سان ئي هن جو ٺيڪ علاج ٿي سگهندو.“

مريض چيو ”نه ڊاڪٽر صاحب! مان هتي رهي ڪونه سگهندس. مون کي ڪا اهڙي دوا ڏيو جو اڄ جو اڄ بخار ٽٽي پوي. مان هينئر ئي هاسٽل واپس ويندس.“

”تنهنجو اسپتال ۾ رهي علاج ڪرائڻ ڏاڍو ضرور آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سائين .... سائين! مان ڏاڍو لاچار آهيان، مان توهان کي ڪيئن سمجهايان ....“

هن جي نيل نيڻن جون پوريون پنبڻيون، ماڪ ۾ پيل ڪنڊڪ جي سنگ جي بڄڻ وانگر پُسي ويون.

”ادل نون اسپتال ۾ رهڻ کان ڇو ٿو گهبرائين. مڙيئي خير آهي، جلدي نونبو ٿي ويندين.“ مون هن کي آٿت ڏنو.

”سائين امتحان ۾ باقي ٻه هفتا آهن، مون کي پڙهڻو آهي.“ هن جي پنبڻين جي ماڪ، لار ٿي نڪتي.

هو انجنيريءَ جو شاگرد هو، ۽ هن جو هي پويون امتحان هو. هن سان گڏ آيل دوستن کان معلوم ٿيم ته تيز تپ جي حالت ۾ به پڙهندو ۽ محنت ڪندو رهيو آهي. ايتري قدر جو اسپتال مان دوا وٺڻ به نه آيو ته اهو وقت به ڇو ضايع ٿئي.

شاگردن لاءِ هي وقت ڏاڍو نازڪ هوندو آهي. ساري سال جي قسمت جو فيصلو امتحان واري هفتي ۾ ٿي ٿيندو آهي. ان ڪري هنن واسطي سال جي پڇاڙيءَ وارا ڏينهن ڏاڍا اهم هوندا آهن. پورن ٻارهن مهينن جي ڪاميابيءَ جو مدار، هن وقت جي محنت ۽ مطالعي تي هوندو آهي.

هو به اول ڪتبن کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پهرين ڏينهن ڪنبلو ۽ ڪنجهندو رهيو. پر ٻارهين بجي رات کان اڳ پڙهڻ جي پچر نه ڇڏيائين. ٻيو ڏينهن پڻ سارو وقت ڪتابن ۾ گم رهيو. بخار ته ساندهه رهندو پئي آيس، ۽ جيئن پوءِ تيئن ان ۾ شدت ايندي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ جڏهن غنودگيءَ جي حالت طاري ٿيس ۽ وقفي وقفي لڳو تڏهن سندس دوست اسپتال ۾ کڻائي آيس. هيئنر به هو اسپتال ۾ رهڻ لاءِ راضي نه هو.

هن حالت ۾ هن کي جسماني خواهه دماغي آرام ۽ ناپير جي ضرورت هئي. گهمڻ ڦرڻ يا ذهني پريشاني يا دماغي ڪم، هن جي حياتي خطري ۾ وجهي سگهيا ٿي.

ڪجهه سمجهائي، ڪجهه دم دلاسو ڏيئي ۽ ڪجهه مجبور ڪري، هن کي وارڊ ۾ داخل ڪرايو ويو.

واپس ويندڙ سنگتين کي هو حسرت سان ڏسي رهيو هو، ڄڻ ته موڪل جو گهنڊ وڳو هو، پيا شاگرد گهرن ڏانهن ٿي ويا، پر سبق ڪچي هئڻ ڪري ماستر سزا طور هن جي موڪل بند ڪري، هن کي ڪلاس ۾ روڪي رکيو هو.

رات جو آءُ هن کي ڏسڻ ويس. ان وقت هن کي تمام تيز بخار هو. هو پنهنجي هوش حواس ۾ نه هو. ڏٺم ته ڪي ڪتاب ۽ نوٽبڪ هن جي وهاڻي هيٺان پيا هئا، جي شايد هن جي ڪنهن هم ڪلاسيءَ هن جي منٿ ميڙ ڪرڻ تي آڻي ڪيس ڏنا.

هو وقفي به رهيو هو: ”مان ضرور پاس ٿيندس .... مان اسپتال ۾ ڪونه رهندس .... هتي آءٌ ڪيئن پڙهي سگهندس.... ٿيئري آف اسٽرڪچر ڏاڍي ڏکي آهي .... واٽر سپلاءِ اينڊ ڊرينيج به پڙهڻي آهي.... اريگيشن جو چئپٽر اڌ ۾ ڇڏيو اٿم....

ڊاڪٽر مون کي ٻڌي ٻڌايو ته ڏسو بيماري آهي .... ڏسو ٻيا سڀ امتحان هال ۾ لکي رهيا آهن ....''

ٻئي ڏينهن صبح جو، جنهن وقت هن جو ٽيمپريچر قدري گهٽ هو، ان وقت نرس کي چيائين ''سسٽر، مان هاڻي ٺيڪ آهيان، ۽ واپس هاسٽل ويندس.''

نرس هن کي سمجهائيندي چيو ''تون ڪافي ڪمزور آهين، تو کي هلڻ چلڻ نه گهرجي، ٽيمپريچر به اڃا آهي.''

پر هو ضد ڪرڻ لڳو ته ضرور ويندس. مون کي سڏايو ويو. منهنجي به نه ٻڌو ميجي. آخر ٻن ڏينهن جو پورو بيماري ڇڏيم ته هن کي هند ٽان اٿڻ نه ڏين. هو وري ڪتاب ڪولي پڙهڻ لڳو، پر ريڍي ريڍي اهي پڻ هن جي قبضي مان ڇڏايا ويا.

ان جي ٽئين ڏينهن تي هو اسپتال مان غائب ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن پنهنجي هڪ گهري دوست کي آزي نيزاري ڪئي ته ''هاڻي مان پاڻ کي گهڻو بهتر ٿو محسوس ڪريان. تون مون کي هاسٽل وٺي هل. آءٌ واعدو ٿو ڪريان ته اتي ڪتاب کي هٿ ڪونه لڳائيندس. تون وڏي آواز سان پڙهجانءِ ته آءٌ رڳو ٻڌندس. اهڙي طرح منهنجو به دور ٿيندو رهندو.''

هن جو دوست، هن جي ڳالهائڻ جي طريقي ۽ نمائين نظرن کان ڏاڍو متاثر ٿيو. هن تي کهل اچي وئي. ٽانگو وٺي آيو ۽ ٻن کان نظر بچائي، هن کي سهارو ڏيئي، وارڊ مان ٻاهر ڪڍي ويو.

حقيقت هيءَ هئي ته ان حالت ۾ بيمار کي نازڪي ڇوڙ ۽ جهنگ جو خيال به بستري تي ليٽندي ليٽندي ڪرڻو هو، ڪئي رهيو بند ڪرڻ، ڏاڪڻ لهڻ ۽ ٽانگي جا لوڏا! ان ڪري آنديءَ جي ڦٽ ڦاٽڻ جو انديشو رهيو. هو پنهنجي پيرن تي نه پر متي تي ٻانڊ کي ڪهاڙو هڻي رهيو هو. هو هڪ سال بچائڻ جي فڪر ۾ ، زندگيءَ جي خاتمي جو سامان پيدا ڪري رهيو هو....

مون کي خيال آيو: ”هڪ شاگرد، جو ڪنهن حادثي ڪري ، يا اوچتي بيمار ٿي پوڻ سبب، يا پروگرام وغيره جي غلط فهميءَ جو شڪار ٿي، يا گاڏي گسي وڃڻ ڪارڻ امتحان ۾ حاضر ٿي نٿو سگهي، سچو امتحان ته پري رهيو، پر رڳو هڪ پيپر ۾ نه وهڻ ڪري به هو ناپاس ٿي پوي ٿو، پوءِ ڀلي ته ساروسال ڪلاس ۾ باقاعدي حاضر رهيو هجي، ذهين هجي ۽ سدائين ايمانداريءَ سان محنت ڪئي هجيس!“

ٻن ڏينهن کان پوءِ هن کي وري اسپتال ڪڍائي آيا. صفا بيهوش هو. هيٺئن، هو جهڙو جنازو نظر اچي رهيو هو. سرءُ جي سڪل پن جهڙو رنگ . بي رونق ۽ بي رنگ چهرو ، سڪل سڙيل ۽ بيحس بدن. هڏن مٿان چمڙي چڙهيل هئي ۽ بس .

امتحان جي ڀوت هن جي دل ۽ دماغ کي بيڪار بنائي ڇڏيو هو. ڪتابن هن جو رت پي ڇڏيو هو: اکر وڇون ۽ واسينگ بنجي هن جي نس نس ۾ زهر ڀري چڪا هئا. هن جي چهري تي مون کي اهو ڀيانڪ پاڇو نظر اچي رهيو هو جو مرندڙ انسانن ۾ ڏسندو رهيو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش جاري رهي. هو وقفي وقفي سان
بڙبڙائيندو رهيو. هو هوش ۾ نه هو. اهوئي ته ”بابا ، مان امتحان ۾ ضرور ويهندس .... بابا
مان امتحان ۾ ضرور پاس ٿيندس!“

آنڊي جا زخم ڦاٽي چڪا هئا. پيٽان رات اڇي رهيو
هو، ۽ پيٽ بري طرح ڦوڪجي ويو هوس . آپريشن جي
لائق به ڪونه هو. ڪابه دوا ۽ تدبير ڪارگر نٿي ٿي. بيمار
جي حالت پڙڻي پوندي ويئي .

هڪ ڏينهن پرهه ڦٽيءَ مهل مون کي وارڊ ۾ سڏ ٿيو .
شاگرد پوڻن پساهه ۾ هو .

سانتيڪي ۽ اداس وارڊ ۾، هن جي کٽ جي پاسي ۾
وارڊ بواءِ، نرس ۽ ٻيو وارو مريض بيٺا هئا. صبح جو امتحان
ٿيڻو هو، ان ڪري هن جي هم ڪلاسين ۽ جگري دوستن
مان ڪوبه اتي موجود ڪونه هو. انهن مان ته پوين ٻن ڏينهن
۾ ڪوبه هن جي سار سنڀال لهڻ ڪونه آيو هو. هن جو ڪو
مائٽ مٽ به ڪونه آيو هو . شايد امتحان جي مصروفيت
ڪري ، هن جي ڪنهن به سنگتيءَ هن جي والدين کي
بيماريءَ جو اطلاع ڪونه موڪليو هو . ان ڪري ڪوبه
هن خاطر ڏڻيءَ در اها دعاگهرڻ وارو ڪونه هو ته ”منهنجي
ٻچي بي بيماري مون کي ملي ۽ هو جواني ماڻي!“

نرس، وارڊ بواءِ ۽ ساٿي مريض جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.
مون نرس کي ، هن کي ڪورامن جي سئي هڻڻ
لاءِ چيو.

هن جي وهاڻي هيٺان ڪتاب ڏسي ، مون کي روحاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدمو پهتو. اهي ڪتاب ئي ته هن نو عمر ۽ امنگن سان ڀرپور شاگرد جا خوني آهن! هو ڪتابن جي بوجي هيٺ دٻجي ۽ چيپاٽجي ويو هو .... پر نه، ڪتاب ڪنهن جي موت آڻي نٿا سگهن.... تڏهن هن مضبوط ارادي جي مالڪ ۽ باهمت نوجوان جو قاتل ڪير آهي؟

وهاڻي هيٺان ڪتاب، هٽائيندي، انهن مان هڪڙو اڌ ڪليل خط ڪري پيو. مون اهو پڙهي ڏٺو. هن جي پيءُ وٽان هو.

هن طرح هو:

”پيارا پٽ! تنهنجي امتحان ۾ باقي ڪي ڏينهن وڃي بچيا آهن. اميد ته تون خوب محنت ڪندو هوندين. ڌڻي توکي ڪاميابي عطا ڪندو. توکي هي ٻه چار جملا هڪ بار وري اهو ياد ڏيارڻ لاءِ لکي رهيو آهيان ته توکي هن سال ضرور پاس ٿيڻو آهي. توکي ته خبر آهي ته ڪهڙين حالتن هيٺ آءٌ تنهنجي تعليم جاري رکي سگهيو آهيان. سالن جا سال پنهنجي ڪٽنب کي پيٽ پيٽ سان ٻڌي ۽ چپل ڦاٽل چوڙي گذارڻو پيو، پر توکي ضرورت جي رقم موڪليندو رهيس.

”گذريل سال، جڏهن مون کي پينشن تي لهڻو پيو، تڏهن مون وٽ هڪڙي ڪاري ڪوڏي به بچيل ڪانه هئي. ان وقت کان وٺي توکي پڙهائڻ ۽ گهر جي خرچ پکي هلائڻ واسطي مون کي قرض کڻڻو پيو. هيل تائين ٻه هزار کن اڌارا وٺي چڪو آهيان. قرض صرف انهيءَ آسري کنيم ته تنهنجو ٻيو سال آهي ۽ پوءِ تون نوڪريءَ تي چڙهندين،

خدا گهريو تہ گنج ٿي پوندا ۽ سڀ تڪليفون دور ٿي پونديون.

”پينشن جا مون کي اسي رپيا در ماهہ ملنديۡ، اها بہ سال ٿي ويو، پر اڃا منظور ڪانہ ٿي آهي. آفيس ۾ اهڙو اڏنڌ ڏنڌ لڳو پيو آهي، جو ان جي منظوريءَ ۾ اڃا بہ ٿي سال لڳي وڃن تہ شڪ نہ آهي.

”هين ڪمن ڪارڻ واسطي بہ پئسن جي ضرورت پوندي جيئن تہ تنهنجي ڀيڻ جي شادي، جاءِ جي مرمت، گهر جو خرچ وغيره. تنهنجو ڀاءُ بہ هن سال هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيندو، هن کي بہ هاڻي پيسا ڏيڻا پوندا. پٽ، هاڻي اهي هڙئي بار تو تي آهن. اسان جي ڪٽنب جون تو ۾ ئي اکيون آهن.

”دل لائي پڙهندو رهجانءِ امتحان پورو ٿئي تہ هڪدم گوٺ هليو اچجانءِ. سيني کي تنهنجي سڪ لڳي آهي. تنهنجي ننڍي ڀيڻ توکي ڏاڍو ياد ڪندي آهي. هن لاءِ ڪا سٺي واچ وٺي اچجانءِ....

مون مريض طرف نهاريو، ۽ ڀاڳمرادو منهنجو هٿ هن جي نبض تي پهتو.... هو پري پهچي چڪو هو تمام پري!

☆

چام شورو، ١٨- مارچ ١٩٥٥ع
ٽماهي مهراڻ: ٣- ١٩٧٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيلو

ڊاڪٽر پنهنجي پراڻي مريض کي سڃاڻڻ ۾ دير ڪانه ڪئي. ويهن ورهين جو سڪل ۽ سنهڙو ڇوڪرو، رنگ ڪارو جهڙو دانگيءَ جو ترو، بدن بيحد گدلو. اڻين تي ڏسڻ ۾ آيو ته هن کي جمڻ وقت دائيءَ جو وهنجاريو هو، ان ڪانپوءِ هن وري وهنجڻ جي غلطي نه ڪئي هئي. هُن جا ڪپڙا به جڻن جسم تي آيا هئا، تڻن بدن تان لهڻ جي بيوفائي نه ڪئي هئائون. اهي نه لٿا هئا ۽ نه ڌوتا هئا. ڪپڙا نه وڳو ميرا هئا، پر هنڌان هنڌان ڦاٽل ۽ ليڙون ٿيل پڻ. هن جو مٿو اگهاڙو، وار وڌيل ۽ اٽيا هئا، ۽ پير جتيءَ کان محروم هئا. هن جي ڪپڙن، بت ۽ وات مان نڪ ساڙيندڙ بدبوءِ اچي رهي هئي. هو انسان نه، پر گندگيءَ جو ڍير هو.

هو ٻه ٽي ڀيرا اول به هن اسپتال ۾ رهي ويو هو. ٻيرين دفعي دستن جي بيماريءَ ڪري ؛ هڪ گهورازڙ، جنهن جو هوڪو هو ته ”جو ڪائي سو به پڇتائي، جو نه ڪائي سو به پڇتائي!“ تنهن ڪنا ۽ ڦٽل انب آني ۾ چار تي وڪيا. ڪلاڪ کي ڏاڍو حرص ٿيو، ۽ ڇهن آنن جا سورنهن انب وٺي، هڪ ئي وقت هڙپ ڪري ڇڏيائين. ان سانجهيءَ جو اچي گهمرا ٿيس. سڄي رات هل هلان هئي. صبح جو ڪنهن واٽهڙوءَ کي رحم آيو، جنهن هن کي کڻي، سول اسپتال تائين پهچايو. هو ڏهه ڏينهن کن اسپتال ۾ رهايو ويو.

ٻئي ڀيري مليريا جي سخت حملي ڪري، اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. سڪر پلا مڇرن جو گهر، وري هن کي

سمهڻو پوندو هو ڪيل ميدان ۾ ۽ ڪني پاڻيءَ جي ڪسين پرسان. سو مڇر به پرائو پٽ سمجهي پيا پٽيندا هئس. ٿورو گهڻو بخار ته پيو واري سان ٿيندو هوس، پر ان دفعي صفا نازڪ حالت تي وڃي هئس.

ڪلوءَ جڏهن کان هوش سنڀاليو، هو هڪ واپاري سيٺ وٽ نوڪر هو. سيٺ وٽان معلوم ٿيس ته هن جا پيءُ ماءُ به هن وٽ نوڪر هئا. هڪڙو ڪچو گهرڙو، جنهن ۾ هو رهندا هئا، اهو هڪ پيري بارش ۾ ڪري پيو. ان حادثي ۾ هن جا پيءُ ماءُ ٻئي دٻجي مري ويا. مگر ڪلو، جو ان وقت پنجن سالن جو هو بچي ويو.

جڏهن هن جي عمر چوڏهن سال هئي، تڏهن هو سخت بيمار ٿي پيو. سيٺ به پاڻ تان بار لاهي، هن کي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو. اتي هو موت ۽ حياتيءَ جي درميان ٻه مهينا پيو رهيو. ڪوبه هن جي سار سنڀال لهڻ ڪونه آيو. جڏهن اسپتال مان نڪتو ۽ سيٺ وٽ ويو، تڏهن هن نوڪري ڏيڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيس، ڇو ته سيٺ اول ئي هن جي جڳهه تي ٻيو نوڪر رکي ڇڏيو هو، ۽ ٻيو ته ڪلو ڏاڍو ڏٻرو ٿي ويو هو ۽ گهڻي ڪم ڪرڻ جي لائق نه هو.

هن ٻين هنڌن تي پڻ هٿ پير هنيا، پر ڪوبي سڪي وانگر ڪٿي به قبول ڪونه پيو. ڪيس ڪيترائي ڏينهن بکون ڪاٽڻيون پيون. نيٺ هن پنڻ شروع ڪيو ۽ پنڪندو پنڪندو ڪراچيءَ کان سکر پهتو.

هتي هو بيڪس پنندو هو، ۽ وقتي اسٽيشن تي هلڪو ملڪو بار ملي ويندو هوس، ته مزوري پڻ ڪندو هو. نه مائٽ نه يار، نه مددگار، گرمي سردي، مڇر مکيون، بک بيروزگاري ۽ ٻيا اڪيچار اهڙا هن جا دشمن هئا، جن سان هن کي اڪيلي سر مقابلو ڪرڻو پوندو هو، هن جي اڪثر هار ٿيندي هئي.

هو جيل به ڪاٽي چڪو هو.

هڪ ڏينهن بک بيحد هلاڪ ڪيس، نه هٿ ۾ ڪو پئسو هوس، ۽ نه ٻين سان ڪو گهيو ٽڪر مليس. سو هڪ حلوائي جي دڪان تي پيڙ ڏسي، دڪاندار کان نظر بچائي، مٺائي ۽ جي مٺ ڀري وٺي ڀڳو. ماڻهن ڏسي ورتس ۽ پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيائونس، ٻه مهينا جيل جي سزا مليس.

ٻئي دفعي دڪان تان قميص چورايائين، پڪڙجي پيو ۽ ٽئين دفعي هڪ اڄهي ڇوڪريءَ جي ڪنن مان سونيون واليون لاهيندي پڪڙي وڌائونس.

ڪڏهن ڪڏهن رات جو بيگاهه وقت تي آواره گردي ڪندي، پوليس شڪي حالت ۾ گهمڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪري هن کي ڪاٺ ۾ وجهندي هئي.

هڪ لڳا رستي ويندي موٽر هن جي مٿان چڙهي ويئي ڪاٻي ڄنگهه جو هڏو ڀڄي پيس. ٽي مهينا کن اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل رهيو. هن حادثي ڪري حياتيءَ ڀر لاءِ منڊو ٿي پيو.

اڄ انتهائي سرد رات هئي، ڪي مزور هن کي ڪٿي آيا هئا. هو هڪ پراڻي ۽ ڦاٽل فراسيءَ ۾ ويڙهيل هو. بيهوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هن جا لڱ ٻت ٿي ٻريا، ۽ هو ٽڪڙو ساهه کڻي رهيو هو. هن سان گڏ آيل فقط ايترو ٻڌائي سگهيا ته هن کي معصوم شاهه جي مناري پرسان ان حالت ۾ ڏٺو ويو هو.

هن کي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. هو ڇڙهي ته پيو پر ٽن هفتن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ مس مس وڃي ڇوٽڻ جهڙو ٿيو. ٻه هفتا ٻيا به گذريا. هاڻي هو گهڻو بهتر هو ۽ گهمڻ ڦرڻ به لڳو هو.

هڪڙي ڏينهن چڪر ڏيندي ڊاڪٽر چيس: ”ڪاوءِ، هاڻي توکي موڪل آهي، ڀلي وڃ!“ ڊاڪٽر کي احساس ئي ڪونه ٿيو ته ڄڻ ته هن جج بڻجي، ڪلوءَ کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا جو فيصلو ٻڌايو هو.

هن چيو: ”پر سائين، مان اڃان پوريءَ طرح چاق نه ٿو آهيان ڪنهن به آهي، پاسي، ۾ ٿورو سور به رهي ٿو ۽ ضعيف به ڏاڍو ٿي ويو آهيان.“

هينئر ڊاڪٽر هن ڏي غور سان نهاريو. ڪلوءَ جو چهرو مرجهائجي ويو هو، ۽ هن جي نيڻن ۾ غم ۽ نا اميديءَ جا بادل پرجي آيا هئا.

ڊاڪٽر اخلاق جو معصوم شاهه جي مناري جيڏو اوچو ۽ دل جو سنڌو درياءَ جهڙو ڪشادو هو. هن محسوس ڪيو ته ڪاوءَ کي اسپتال ۾ رهائڻ گهرجي ۽ هن کي ڊسچارج ڪونه ڪيائين.

ٻئي ڏينهن هو وڏيڪ بيمار ٿي پيو. وري کٽس تي پيس ۽ ڪنگهه ۾ واڪارو ٿي پيو، پر ترت ئي هن جي حالت

تسلي بخش ٿي وڃي، دم ۽ دلاسي سان زياده ۽ دوا دارون ۽
سان گهٽ.

جنهن وقت ڊاڪٽر ڪونه هوندو هو، ان وقت هو خوش ۽ کلندي نظر ايندو هو. هيڏانهن هوڏانهن گهمندو ڦرندو هو. پڻ بيمارن سان ڪچهريون ڪندو هو. بستري داخل بيمارن سان ڏاڍي همدردي ڪندو هو: هنن کي وقت تي دوا جي اچر پيارڻ، پاڻي ڏيڻ، مٿي ۽ جنگهن کي زور ڏيڻ آرام پهچائڻ، پان بيڙي يا چانهن وٺي اچڻ، ڳالهيون ٻولهيون ڪري سندن دليون وندرائڻ، ڪو مريض نازڪ حالت ۾ هوندو هو ته هن جي ڪٽ جي پرسان ويٺو هوندو هو ۽ هرڪا ٽهل ٽڪور ۽ سهائتا ڪرڻ لاءِ خوشي ۽ ڦڙتائيءَ سان تيار رهندو هو.

هوند وارا مريض هن کي ڪيسي خرچي ڏيندا هئا، سگريٽ بيڙي پياريندا هئا، ڪي بيمار مائٽن جي آندل کاڌي مان هن کي کارائيندا هئا.

هو نرسن جي به مدد ڪندو هو. جڏهن هو بيمارن کي سهون هٿڻ يا ٽمپريچر ڏسڻ لاءِ هڪ بستري کان ٻئي بستري ڏي وينديون هيون، تڏهن هو هنن جي سامان جي ٿالهي کڻي، پٺيان پٺيان هلندو هو. جڏهن هو بيمارن جو هٿ منهن ڌئارڻ ۽ پٺي صابڻ سان صفا ڪرڻ لاءِ اينديون هيون، تڏهن هي صابڻ، ٽوال، گينڊي ۽ جڳ کڻي هلندو هو. ان ڪري مريض هن کي چرچي طور ”نرس جو نائب“ ڪري ڪوٺيندا هئا، ۽ هو ان تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپتال جا وارڊ بواءِ وري هن کي ڏڪيون ڏيئي، هن کان ڪم وٺندا هئا، جهڙوڪ: پائيءَ جا دلا ڀري اچڻ، ڪتين ڪٽڻ، هنن بسترن جي چند ڦوڪ، چادرون ۽ ڇوون بدلائڻ، شيشيون ڌوئڻ وغيره. هن کي اهي ڏڪيون ڏيندا هئا ته ڊاڪٽر کي چوندا سون ته هي هاڻي چڱو ڀلو آهي، ان ڪري هن کي اسپتال مان روانو ڪيو ويجي.

ساڻي بيمارن کي پنهنجا تجربا پڻ ٻڌائيندو هو:

”مان جيلن ۾ به رهيو آهيان ۽ اسپتالن ۾ به، ٻنهي هنڌ کاڌو پيتو، ڪپڙا ۽ اجهو آهي. پر اسپتال ۾ وڌيڪ آرام آهي. هتي رهڻ واسطي صاف سٿرا ۽ ڪشادا ڪمرا آهن. سمهڻ لاءِ نرم ۽ گرم بسترا آهن، پر جيلن ۾ آهن اونداها ڪمرا، سمهڻو سخت زمين تي آهي ۽ ڪاڪوس ڏاڍا گندا آهن. هتي اسپتالن ۾ ڪم ڪرڻو ڪونه ٿو پوي، سپاهين جو مار موچڙو به ڪونهي، کاڌو پڻ بهتر ملي ٿو ۽ آزادي آهي.“

هو پنهنجي تجربن کي فلسفيانو رنگ ڏيئي چوندو هو:

”مان جيلن ۾ چڱا ڏينهن گذاريا آهن ۽ اسپتالن ۾ به ڪجهه عرصو رهڻو پيو آهي. ٻنهي هنڌن ڪيترين ئي هڪ جهڙيون ڳالهيون آهن. ٻنهي هنڌ خاص ڪپڙا پائڻ لاءِ ڏنا وڃن ٿا. جيل ۾ جيلن وارا ڪپڙا ۽ اسپتال ۾ بيمارن وارا ڪپڙا، ٻنهي هنڌن ملاقاتين تي پابنديون هونديون آهن، ۽ پنهنجن کان پري رکيو ويندو آهي، ۽ خاص وقتن تي پاس ملڻ سان ئي ٻاهريان ماڻهو اندر اچي سگهن ٿا. ٻنهي هنڌن مان ماڻهو جٿرو ٻاهر نڪري سگهي ٿو ۽ هن جو لاش به

نڪري سگهي ٿو. اسپتال ۾ علاج ڪرائيندڙ ماڻهو بيماريءَ جي ڪري مري سگهي ٿو، ۽ قيديءَ کي قاسيءَ جي سزا ملي سگهي ٿي، ۽ پوءِ هن جو لاش ڏي اتان مائٽن کي ملندو. پنهي هنڌن عذاب ۽ پيڙا ڏني وڃي ٿي. جيل ۾، قيديءَ کي ٿوري گهٽي قصور تي سپاهي سخت سزائون ڏيندا آهن، اهڙيون جو ڏسي نه سگهجن. هتي علاج جي نالي ۾ ماس ۾ سيون ٽنبيون وڃن ٿيون، آپريشن جي چمرڦاڙ ڪئي وڃي ٿي، ٽڪا ڏنا وڃن ٿا، ڪوڙيون دوائون پياريون وڃن ٿيون، ان ڪري پنهي جاين تي اڪثر ڪري درد جون دانهون ۽ ڪوڪون ايرنديون رهن ٿيون!"

هو نرسن ڏي اشارو ڪري، اک پٽي چوندو هو "باقي هتي جيڪي هي سفيد حورون آهن، سي جيل جي دوزخ ۾ ڪونه آهن!"

انهن ڳالهين ڪري هو وارڊ جي بيمارن ۾ هردلعزيز بنجي ويو هو.

جڏهن ڊاڪٽر جي اچڻ جي مهل ٿيندي هئي، تڏهن ڪرونڊڙو ٿي پوندو هو ۽ اهڙيءَ ريت ڪنجهندو هو، ڄڻ ته سخت سور اٿس.

جنهن وقت ڊاڪٽر پڇندو هوس: "ڏي خبر ڪيئن آهين؟" ان جي جواب ۾ طوطي وانگر اسٽ پڙهائيندو هو، جيئن هوٽل جو بيرو، هڪ ئي ساهيءَ ۾، کاڌن جا نالا پڙهائي ويندو آهي.

"سائين، سڄي بت ۾ سخت سور اٿم، اڄ ته پيٽ ۾

وڪڙ پيا پوون ، ساري رات ڪنھون ڪنھون ڪندي ڪاٽي اٿم، ھڪ منٽ بہ ننڊ ڪانہ آئي، مٿو پيو ڦري قبضي بہ ٿي پئي اٿم ....“

ھن کي اھين چوندو ٻڌي، پر وارا مريض مرڪڻ لڳندا ھئا. ڊاڪٽر سڀڪجھہ پاڻ ٻڌي ويو ھو پر ھو اخلاق جو معصوم شاھہ جو منارو ۽ دل جو سنڌو درياھہ ھو .

ھڪ شام ٽي چڪر ڏيندي ، ڊاڪٽر نرس کي چيو:

”سسٽر، سڀاڻي صبح جو ڪلوءَ کي ڊسچارج ڪيو وڃي ته چار آپريشن جا ڪيس ضرور داخل ڪرڻا آھن ۽ بسترا خالي ناھن.“

ٻئي ڏينھن پرھہ ڦٽيءَ مھل وارڊ بواءِ اچي ڊاڪٽر کي جاڳايو. ڪلوءَ جي حالت خراب ھئي.

ھو بيھوش ھو ۽ وقلي رھيو ھو ۽ ساھہ ڏاڍي تڪليف سان کڄي رھيو ھوس .

ڊاڪٽر ڏٺو تہ ھن جو ٽمپريچر ١٠٥ ڊگريون ھو، ٻئي ڦڦڙ نمونيا جو شڪار ٿي چڪا ھئا.

ڊاڪٽر حيران ھو تہ راتو رات ھي ڪيئن اھين ٿي ويو.... پر پر وارن مريضن کي خبر ھئي تہ ڪلو وچ سياري واري سخت سرديءَ ھوندي بہ رات جو کليل ھوا ۾ ٿڌي پاڻيءَ سان وھنتو ھو .

آدم جنت مان نہ نڪرڻ لاءِ نئون حيلو ھلايو ھو .

☆

چام شورو، ٢- اپريل ١٩٥٥ع
ٽماھي مھراڻ : ١- ١٩٧٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڙهيءَ ۾ ڪک

هن کي سزا ڪاٽيندو ڏسڻ لاءِ هزارن جو هجوم اچي ڪٺو ٿيو هو. سڀني کي ڏاڙهيون هيون: ڇنبيل، ڦوڪڻيل، ڦٽي ڏنل ڏاڙهيون.

احمد خان ڪمپائونڊر جو نوجوان پٽ بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽرن چيو ته مدي جو تپ اٿس. ڪلورو مائسٽين دوا کان سواءِ چاڙهو ڪونه هو.

ڪلورو مائسٽين جي اڻاڻ هئي. بليڪ مارڪيٽ ۾ به ڏاڍي مشڪل سان ٿي ملي. احمد خان ان حقيقت کان بي خبر نه هو ته هيءَ دوا حاصل ڪرڻ ست سمنڊ پار ڪرڻ برابر هو. هو دوائن جي اسٽور جو انچارج هو ۽ هن کي معلوم هو ته اها دوا اسپتال ۾ موجود ڪانهي. هن سول سرجن کي عرض ڪيو. سول سرجن دڪاندار ڏانهن اسپتال جي ڪنڊي اها دوا ڏيڻ لاءِ آرڊر موڪليو. ظاهر آهي ته دڪاندار کي ان حالت ۾ ڪنٽرول واري قيمت ملي ها. ان ڪري هن سچي نه ڪئي. ماڻهو موٽي آيو.

احمد خان کي صلاح ملي ته خانگي طرح تلاش ڪري، ۽ ڪجهه پيسا وڌيڪ ڏيڻ تي شايد اها دوا ملي وڃي. ٻه چار دڪاندار هن جا واقف هئا. هن ڪيترائي دفعا هنن جا ڪم ڪيا هئا. انهن کي وڃي منٿ ميڙ ڪيائين. پر هو قسم کڻي ويا ته ان دوا جي هڪ ٽڪي به اسان وٽ ڪانهي.

هو ڏاڍو فڪرمند ٿي پيو. هن جي پٽ جي حالت بگڙندي ٿي وئي. هن پنهنجي هڪ دوست کي دوا جي گولا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ موڪليو. هن هٽي وٽي ڦيرو ڪيو. هڪ دڪاندار ٻڌائڪ جي اڳهه تي دوا ڏيڻ قبول ڪئي. دوا جي شيشيءَ جي رواجي قيمت ارڙهن رپيا هئي، پر هن دڪاندار ڏهه تي گهريا. گهٽ ۾ گهٽ ٻن شيشين جي ضرورت هئي، احمدخان وٽ ايترا پيسا ڪٿان آيا. هن جي پگهار هئي اسي رپيا ۽ ڪاڌو وارا هئا ست ڄڻا. هو منجهي پيو ته ڇا ڪرڻ گهرجي. خيال ڪيائين ته ڏينهن ٻه ڏسان، شايد بخار ٽٽي پوي. ڊاڪٽر جي مشوري سان مڪسچر ۽ ٻيون دوائون ڏيندو رهيو. ٻه ڏينهن ٻيا به گذري ويا. مريض جي حالت هيٺ ٿيندي ٿي وئي. ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، سڱتين وٽان ٻئي سٺ رپيا ڪٺا ڪيائين.

هن جو دوست ان دڪاندار وٽ ويو. هن جواب ڏنس ته رهيل کهيل ڪلوروومائسٽين به ختم ٿي وئي.

وري ٽئين سر ڪوشش ڪئي وئي، پر دوا نه ملڻي هئي سا نه ملي. ڪمپائونڊر جا ڇهه ڇڙي ٻيا. هو پنهنجي جگر جي ٽڪر جي حياتي هٿن مان ويندي ڏسي، هنجون هارڻ لڳو.

انهيءَ ڏينهن ڏي اسپتال ۾ هن کي معلوم ٿيو ته ڪليڪٽر جي زال به مدي جي بخار ۾ مبتلا آهي. حالتن جي مدنظر هڪ ڊاڪٽر، هڪ صوبيدار ۽ ٻه سپاهي ڪلورو مائسٽين حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتا. هو دوا وٺي آيا.

ڪلورو مائسٽين احمد خان جي حوالي ڪندي، ڊاڪٽر هن کي هدايت ڪئي ته ٻين دوائن سان گڏ اها به استعمال جي ترڪيب وغيره سمجهائي، پٽيوالي هٿ ڪليڪٽر ڏانهن موڪلي ڏئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد خان کي پنهنجي پٽ جو آب حيات هٿ ۾ هوءِ هن سر ترڪيءَ تي رکي، اهو ٺڳائڻ جو پڪو ارادو ڪيو. ان وقت هو ڪجهه سوچي به نه ٿي سگهيو. هن ٻنهي دوائن تہ پنهنوالي کي ڏنيون، پر اها دوا پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين.

ٻن ڇئن ڪلاڪن اندر ئي هن جي چوري ظاهر ٿي پئي. هڪدم هن کي گلي کان ڪٺي پڪڙيائون. هن گهڻوئي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ عذر ٻهانا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بيسود، تلاشي ورتي وئي ۽ هن جي گهر مان اهو آب حيات هٿ ڪيو ويو.

پوڙهي احمد خان کي پوليس چوريءَ جي الزام ۾ پڪڙي ڪاٺ ۾ وڌو. ڪيس هليو ۽ فتوا ملي تہ هن جو ڪابو هٿ ڪٽيو وڃي.

هن کي پنهنجي پياري پٽ جي موت جي خبر بہ پهتي. هو قيد جي ڪوٺڙيءَ ۾ گهڻو ڪجهه سوچڻ لڳو: آخر مون کي سزا ڇو ٿي ڏني وڃي؟ ڇا واقعي ئي مون اهو جرم جو ڪم ڪيو؟ هو اهو تہ پڇڻ ئي ڪونہ ٿا تہ مون ائين ڇو ڪيو؟ منهنجي پٽ جا خوني، دوائن جي چور بازاري ڪندڙ تہ اڄ بہ آزاد گهمي رهيا آهن ۽ ڏينهان ڏينهن ساوا ٿيندا وڃن. مون مجبور ٿي ۽ پٽ جي حياتي بچائڻ خاطر دوا لڪائي تہ اسان جي اسلامي حڪومت مون کي ڪهڙي نہ سخت سزا ڏئي رهي آهي. منهنجو هٿ ڪپيو ويو تہ پوءِ مان دوائون ڪيئن ناهي سگهندس، ڪمپائونڊريءَ جي لائق ڪٿي رهندس، پوءِ تہ مون کي نوڪريءَ کان بہ جواب

ملندو. منهنجا ٻچا ته بک مرندا. مان مزوري به ڪري ڪونه سگهندس. هڪ غريب، جو مفلسي، بک ۽ بيروزگاريءَ کان مجبور ٿي چوري ڪري ٿو، تنهن جا آقي باقي هٿ به ڪپيا وڃن ته پوءِ هو ڪيئن پيٽ پريندو ۽ ٻار ٻچا پاليندو؟ هٿ پير ته غريب جي زندگيءَ آهن. سزا جو مقصد ته ”سڌارڻ“ هجڻ گهرجي ۽ نه ”ڪارڻ“. علاج ته ان سبب جو ٿيڻ گهرجي، جنهن ڏوهاريءَ کي اهو ڏوهه ڪرڻ تي لاچار ڪيو.

هن کي ياد اچي ويو ته هن جي ڪٽنب وارا، هن جي جيل ۾ اچڻ بعد، ڏايا ڏکيا ڏينهن ڪاٽي رهيا آهن. ڪمائڻ وارو ته فقط هي هو. بيحت ڪيئن آئي جو اهڙي وقت ڪم اچي ها. هن جي زال، زيور ۽ گهر جو بيو سامان وڪڻي خرچ هلائي رهي هئي. ٻارن هڪ ويلو کاڌو ٿي ته به ويلا ٻاڦون پئي کاڌن. هو وچارڻ لڳو ته پلا منهنجن ٻارن ٻچن ڪهڙو ڏماهه ڪيو آهي، جو هنن کي اهڙي سخت سزا ملي رهي آهي. هو پيٽ بکيا ٿا رهن، تن تي پورو ڪپڙو ڪونه اٿن، پيار ڪرڻ وارو هنن کان ڇني جدا ڪيو ويو آهي، ڪو اوهي واهي ڪونه اٿن. سمجهو ڪٿي ته آءٌ مجرم آهيان، پر منهنجي گهر وارن ڇا ڪيو آهي؟ منهنجن هٿن ڪپجڻ کان پوءِ به ته هو ڏکيا ٿيندا، ماڻ هنن جي ڪهڙيءَ ريت پرگهور لهي سگهندس؟ منهنجا معصوم ٻار نه پوري تربيت حاصل ڪري سگهندا ۽ نه پوري تعليم پرائي سگهندا. هنن جي سڄي زندگيءَ جي ستيا ناس! پر آخر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي جرم ۾؟ منهنجي وفادار ۽ سچار زال کي هيئر جيڪو اڌيو سڌيو ٽڪر ملو ٿي، ان کان به هوءَ محروم رهندي. آخر هن ويچاريءَ ڪهڙي چوري ڪئي، ڪنهن جو ڇا بگاڙيو؟

آخر سزا وارو ڏينهن به آيو. ان کي سزا ڪاٽيندو ڏسڻ لاءِ هزارن جو هجوم اچي ڪٺو ٿيو هو. سڀني کي ڏاڙهيون هيون: ڇنڊيل، ڦڪيل، ڦٽي ڏنل ڏاڙهيون. هنن جا چهرا ٻهڪي رهيا هئا ته دنيا جو بهترين قانون عملي صورت ۾ هنن جي سامهون هو. هو خدا جي شان جا نغما ڳائي رهيا هئا، جنهن هنن کي اهڙي حڪومت عطا ڪئي هئي.

جڏهن ئي جلاد هن جي هٿ وڍڻ واسطي ڪهاڙي مٿي کڻي، تڏهن ئي احمد خان جي وات مان زور سان دل ڏاريندڙ رڙ نڪري ويئي ۽ هو سجاڳ ٿي پيو. رڙ ٻڌي، گهر جا ڀاتي ڇرڪ ڀري اٿيا ۽ پڇندا هن جي کٽ وٽ آيا. هو پگهر سان شل هو، هن جو بدن ڏڪي رهيو هو، هو اکيون ڦاڙي خالي ۽ خوف ڀريل نظرن سان مائٽن کي گهورڻ لڳو. پر ستت ئي هوش حواس ۾ اچي ويو. تڏهن جا نشا ٽٽي پيس.

مائٽن مان ڪنهن پڇيس: ”خير ته آهي، تو ايڏي رڙ ڇو ڪئي؟“

هن پنهنجي ڇوڏاري نظر ڦيرائي ورائيو ”هڪ خوفناڪ خواب ڏسي رهيو هوس.“

حقيقت هن ريت هئي ته احمد خان ڪمپائونڊر ان رات ئي مسجد ۾ مولويءَ جي واتان اسلامي نظام جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبيون ڀڏي آيو هو. مولويءَ چور ۽ زانيءَ جي سزائن جو ذڪر به ڪيو هو. هو پاڻ اسپتال مان دوائون چوري ڪري وڪڻندو رهندو هو. اهي ڳالهيون سوچيندي سوچيندي، هو سمهي پيو هو ۽ ننڊ ۾ به اهڙو سپنو ڏٺائين.

هينئر اهو محسوس ڪري ته سڀ ڪجهه صرف سپنو هو، هن سامت جو ساهه کنيو.

☆

چاڪ شورو، ٤- آگسٽ ١٩٥٥ع
ماهوار هلال پاڪستان: ڊسمبر ١٩٥٨ع

هو چوڻ لڳو ”مان ميمڻ محلي ۾ رهندو آهيان، جتي ميمڻ مسجد آهي. هيءَ ڪاٺياواڙي ميمڻ سيٺين تعمير ڪرائي هئي. هنن دل کولي هن چڱي ڪم ۾ چندا ڏنا. ان دولت مان چندا، جيڪا هنن چور بازار ۾ ڪمائي هئي. مولويءَ هنن کي ان جا ٻه فائدا ٻڌايا هئا. هڪ ته ڪجهه حصو نيڪ ڪم ۾ ڏيڻ ڪري هنن جي باقي بيشمار دولت هنن لاءِ پاڪ ۽ حلال ٿي ويندي. ٻيو فائدو هي هو ته هنن ديندار بندن ”خدا جو گهر“ بنائي، لامڪان خدا واسطي مڪان مهيا ڪيو هو، جنهن جي عيوض خدا هنن کي جنت ۾ عاليشان محل الاٽ ڪندو. ان کان بهتر تجارت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ دنيا جي سرخروئي ته آخرت جي به ڪاميابي!“

هن جي لهجي ۾ طنز ۽ غصو هو. مون کي بعد ۾ معلوم ٿيو ته منهنجي هن دوست، ڊاڪٽر اختر، جي هن تلخيءَ جو ڪارڻ ڇا آهي؟

هو اٺ ڪلاڪ بيمارن جي درميان ڪم ڪري، منجهند جو ٿڪو ٽٽو گهر اچي آرام ڪرڻ لاءِ ليٽندو هو. اڃا اک مس لڳندي هئس ته بانگ جو بلند آواز گونجي اٿندو هو. هن جي ننڊ ڦٽي پوندي هئي، ۽ ان کان پوءِ هو ننڊ ڪري نه سگهندو هو. رات جو به دير دير تائين مولوي، لائوڊاسپيڪر تي وعظ ڪندو رهندو هو، رواجي طرح نوين ڏهين بجي تائين ۽ جمعي رات يا اسلامي ڏينهن تي اڌ اڌ رات تائين سوير صبح جو، جڏهن هن کي مٺڙي ننڊ ايندي هئي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهو خوابن جي حسين دنيا ۾ مدهوش، اڌ وقت وري اهڙئي لائوڊ اسپيڪر تي بانگ جو آواز هن جي ننڊ ڦٽائي، هن جي طبيعت خراب ڪري ڇڏيندو هو.

ڳالهه ڪندي ڪندي، هن جو چهرو ڪاوڙ کان لعل ٿي ويندو هو. چوندو هو: "هنن ملن کي اهو به خيال نه ٿو پوي ته پاڙي ۾ ڪو بيمار هوندو، جنهن کي درد ۽ پيڙا ۾ ڦٿڪندي مس مس ننڊ آئي هوندي، ڪو شاگرد هوندو، جو امتحان ويجهو هجڻ ڪري پنهنجي دل ۽ دماغ ڪتاب ۾ لڳائڻ ۾ رڌل هوندو، ڪو مزور ڏينهن جو ڏهه ڪلاڪ گڏهه وانگر ڪم ڪري، ان وقت ٿڪن ۽ تڪليفن جي دنيا کان چند ڪلاڪ دور، ننڊ جي آغوش ۾ آرامي هوندو، ۽ ٻيا به اهڙا انسان انهن لائوڊ اسپيڪرن ڪري ڪيئن نه پريشان ٿيندا هوندا."

هو اهين به چوندو هو ته "پاڪستان کان اڳ مسجدن ۾ لائوڊ اسپيڪرن جو نالو نشان به ڪونه هوندو هو. اهي ئي ملا، جيڪي اڄ ڳاٽ ڦاڙي ڦاڙي لائوڊ اسپيڪرن تي حديث ۽ قرآن پڙهي رهيا آهن، ساڳيائي اڳ لائوڊ اسپيڪر تي قرآن ۽ حديث جو هڪ لفظ به واتان ڪڍڻ حرام سمجهندا هئا. رات جو ٻارهين بجي کان پوءِ هوٽلن ۾ ريڊيا ۽ لائوڊ اسپيڪر استعمال ڪرڻ جي قانوني منع آهي، پر هي انهن قانون جي گرفت کان به ڇٽل آهن."

مسجد ۾ ڏينهن وعظ ۽ تقريرون اختر ٻڌندو هو. ٻڌندو نه هو، پر ٻڌڻيون پونديون هئس، ڇو ته لائوڊ اسپيڪرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري آسپاس وارن گهرن ۾، ڪنن ۾ ڪپهه وجهڻ جي باوجود به زوردار آواز ٻڌبو هو.

”انهن تقريرن ۾ ڇا هوندو آهي؟“ اختر چيو ”اهي آسماني ڳالهيون جن جو جيئرن جاڳندڙن انسانن جي مسئلن سان ڪو واسطو ڪونه هوندو آهي.“

اهي هئا خيال ڊاڪٽر اختر جا. هو ايتري قدر ته بيزار ٿي پيو هو، جو پنهنجا اهي خيال ۽ تلخي عام ماڻهن آڏو به ظاهر ڪري ڏيندو هو. ان ڪري ڪن ڪٽر ماڻهن هن سان بدتميزي ڪئي هئي ۽ ڪن ڌمڪيون ڏنيون هيون.

حج جي رات هئي. مولوين جا وعظ ۽ مولود فضا ۾ گونجي رهيا هئا. اختر نوين بجي کان کٽ تي بيقراريءَ مان پاسا ورائي رهيو هو. سخت چڙ اچي رهي هئس، ڇو جو هر طرف هو. تقريرن ۾ قرباني ۽ حج جون برڪتون بيان ٿي رهيون هيون ۽ هو سوچي رهيو هو: حج جي موقعي تي اڪثر وچڙندڙ بيماريون ڦهلجن ٿيون. ڪيترائي انسان اتي مرن ۽ گرميءَ جي جهولن جو شڪار بڻجن ٿا. صرف پاڪستان مان ٽي ٽيهه هزار ماڻهو هر سال حج تي وڃن ٿا. جيڪڏهن سراسري في ماڻهو هڪ هزار رپيا خرچ ٿيو وڃي ته ملڪ جا ٽي ڪروڙ رپيا. انهن کان سواءِ رسالي ”سلام اسلام“ جي تخميني مطابق قربانيءَ جي جانورن تي هڪ ڏينهن ۾ دنيا جا مسلمان اٽڪل ڏهه ڪروڙ رپيا خرچ ڪن ٿا. اهو خرچ آخر ڇا لاءِ ڪيو ٿو وڃي؟ حج جو مقصد ڇا آهي؟ بس ڪي رسمون آهن جي پوريون ڪيون ٿيون وڃن....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانورن جو بليدان ڏين، پٿر کي شيطان سڏي پٿر هڻن، ۽ پٿر کي آسماني چيز سمجهي چمن. جي پين منهن وارا اهڙو بليدان ڏين يا پٿرن کي هستي سمجهن ته اهي ٿيا ڪافر ۽ جهنمي، باقي هي ٿيا حق تي!.... قرباني انهيءَ لاءِ آهي ته ملا ڳاون وڪڻي جاوا ڪن، ۽ حج ان واسطي آهي ته حاجي سون، واچون ۽ بوسڪي سمگل ڪري پيٽا پيسا ڪمائين. وري اهو سرٽيفڪيٽ به ملي ٿو ته "توهان جا اڳيان گناهه مڙئي معاف ٿي ويا ۽ توهين هاڻي صاف پيٽان ڄاول ٻار وانگر معصوم آهيو." ان سند جي سهاري گهڻا حاجي پيرين ٻي ايمانيون ۽ بدمعاشيون شروع ڪري ٿا ڏين.

هن دل ۾ چيو: ايڏي وڏي رقم هوند صحيح نموني استعمال ڪئي وڃي ته جيڪر اسان جا وڏا مسئلا حل ٿي وڃن.

پر هن جي سوچ ويچار ۽ ٻرو ٻلو چوڻ ڪو اثر ڪونه ڪيڪاريو. ملان جو آواز بلند کان بلند تر ٿيندو ويو. ڏهه وڳا. هن کي پڪ هئي ته هڪ ٻي ٻجي کان اڳ هي قصو ختم نه ٿيندو.

وقت ڪيئن ڪاٽجي؟ هن کي ياد آيو ته اڄ شڪيلا نائيٽ ڊيوٽيءَ تي آهي. هوءَ نرس هئي. جڏهن اختر سان ٻه ڏين اڳ وقت ٿيس، تڏهن عرصو به هن کي چوڻ لڳي ته "نرسون ڪريل اخلاق ڪري بدنام آهن، اهو ان ڪري جو اهو پيشو صرف ڪرستان ڇوڪريون ڪنديون هيون، هاڻي مسلمان ڇوڪريون به ان ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ اميد ته جلدئي اهو بدناميءَ جو داغ هن ڌنڌي تان ڌوپي ويندو.“

اها ڳالهه ٻڌي اختر مشڪيو هو. پوءِ جڏهن هوءَ هن ڏانهن جهڪندي وئي ۽ هن سان راهه رسم وڌائيندي رهي تڏهن به هو مشڪندو رهيو.

اختر کي شڪيلهه پسند هئي. هن کي هن جو ٻولائتو ۽ خوبصورت جسم ڏاڍو وڻندو هو. هو هن جو قرب حاصل ڪري بيحد مسرت محسوس ڪندو هو. ڪجهه ڏينهن کان هو هن سان تنهائيءَ ۾ ملڻ جي موقعي جو منتظر هو.

سرجيڪل وارڊ ۾ سڀ مريض ساڻت پيا سمهيل هئا. جهڪي روشنيءَ ۾ ڪن بيمارن جي ڪونگهرن جو آواز ڏاڍو پُراسرار لڳي رهيو هو. هو وارڊ ساڻ لنگهي، نرس واري ڪمري ۾ گهڙيو. اوچتو اختر کي ڏسي، شڪيلهه ٻهار ٻهار ٿي وئي. هوءَ مرڪڻ لڳي ۽ هن جا چپ جنبش ۾ اچي ويا.

رات جو ڪم ته گهٽ ڪونه هوندو هو، البت وقت گذارڻ مشڪل هو. ڪجهه سيرڻ هٽيون هيون، ڪنهن مريض کي ڪا ٿوري گهڻي تڪليف ٿي پوي ته هن کي دوا جو وزن پيارڻو هو، يا سخت تڪليف جي حالت ۾ ڊاڪٽر کي اطلاع ڏيڻو هو، ۽ رات جو ڪو مريض داخل ٿئي ته هن جي بستري وغيره جو بندوبست ڪرڻو هو. ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي ڪجهه ننڊ ڪري وٺندي هئي، يا سڀئي اُٺندي هئي ته ڪو ناول پڙهندي رهندي هئي. هينئر به هڪ جاسوسي ڪتاب هن جي پرسان پيو هو.

”هلو ڊاڪٽر، اڄ ڪيئن اُکري پيا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مُلن جو اچي مڪو مٿو آهي، ننڍڙي حرام ڪري ڇڏين. ان ڪري سڪون جي تلاش ۾ هتي آيو آهيان.“

”تون ڪڏهن ڪڏهن الائي ڪهڙيون ڳالهيون ڪندو آهين، منهنجي ته سمجهه ۾ ئي ڪونه اچن.“ ائين چوندي هوءَ هن جي ويجهو آئي ۽ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتائين. پوءِ هو آمهون سامهون ڪرسين تي ويهي رهيا.

هو ڳالهيون ڪندا رهيا. شڪيله بجليءَ جي چلهي تي چانهه تيار ڪئي. ڪمري ۾ هلڪن ٽهڪن جون ٽلڙيون وڄنديون رهيون. ٻه واري وارڊ جون ٻه نرسون ڪچهري ڪرڻ آيون. چانهن جو ٻيو دور چالو ٿيو. ٽهڪن ۾ اضافو ٿي ويو. اختر هينئر پوري موج ۾ هو.

اڌ منو ڪلاڪ ترسي هو واپس ويون.

هڪ وڳو، اختر چيو ”هاڻي مان وڃان ٿو.“

پر شڪيله هن کي روڪي وهاريو. خود اختر جي دل به اٿڻ تي ڪانه ٿي ٿي.

گردي ۾ پٿريءَ واري بيمار کي درد جو دؤرو اٿيو. هو مڇيءَ وانگر تڙڦڻ لڳو. هن جون رڙيون ٻڌي شڪيله هن وٽ آئي. ڊيوٽيءَ واري ڊاڪٽر کي سڏائڻ جو ضرور ڪونه هو. اختر ويٺو هو. هن چڪاس ڪري سئي لڳائي. ٻنهي ڄڻن مريض کي آٿت ڏنو. هن کي جلدئي آرام اچي ويو. هو ٻنهي کي دعائون ڪندو وري ننڊ جي گود ۾ پهچي ويو.

بيمار کي درد کان ڇوٽڪارو ڏئي ۽ آرام پهچائي مان

ڊاڪٽر اختر کي سدائين روحاني خوشي حاصل ٿيندي هئي. هيئر به مريض کي آرام پهچائيندو ڏسي، هن جي منهن تي سرهائيءَ جو سوجهرو ڇانئجي ويو.

شڪيلا کلي چيو "ڏسو، توهان جي هن گهڙيءَ هتي هجڻ ڪري، بيمار کي فوري امداد ملي وئي. جي توهان نه هجو ها ته وارڊ بواءِ ڊاڪٽر هاشم، جو اڄ رات ڊيوٽيءَ تي آهي، تنهن کي سڏڻ وڃي ها، هن کي جاڳائي ها. اها ته خبر اٿو ته ڊاڪٽر هاشم ڪيڏو نه ٿولهو آهي. ننڊ مان اٿڻ ۾ الاهي دير وٺندو، اکيون مهٽيندو، اوباسيون ڏيندو، ڪُرڪندو، ٻڙ ٻڙ ڪندو، پوءِ وري ڪافي دير غسلخاني ۾ ويندو، تنهن کان پوءِ ڏلندو ڏلندو وارڊ ڏي ايندو ۽ اچي بيمار کي ڏسندو. يعني ان ۾ هو پورو ڪلاڪ لڳائي ها، تيستائين هي مريض اڇندو پڇندو ۽ تڙڦندو رهي ها. توهان هن کي ڪيڏي نه پيڙا کان بچائي ورتو، ڪيترو نه ثواب ٿيو هوندو توهان کي."

"گهڻ ۾ گهڻ حج ڪرڻ جيترو ثواب ته مليو هوندو"

"ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي."

رات گهڻي گذري چڪي هئي. هر طرف خاموشي هئي. ٻاهر وارنڊي ۾ فرش تي هڪ وارڊ بواءِ ۽ پنگي ستا پيا هئا.

مريضن جي ننڊ گهري ٿيندي وئي، پر هن جوڙي جا جوان جذبا بيدار ٿيندا ويا. هو هڪ ٻئي جي قريب ٿيندا ويا، تمام قريب.

جنهن وقت هو واپس گهر پهتو، ان وقت ٽي وڳي چڪا هئا.

عمارت جي ٻاهران چوڪيدار در کوليندي پڇيو "صاحب اڄ ايترو دير تائين ڪٿي ويا هئا؟"

اختر هن ڏي گهوري، جواب ڏنو: "حج ڪرڻ!"

چوڪيدار ڪجهه به نه سمجهندي چيو "ها صاحب، خدا شل هر ڪنهن کي نصيب ڪري."

✶

جام شورو، ١٦- آگسٽ ١٩٥٥ع
انسان: ٦ جون ١٩٦٠ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي چپا چاڙهن دل جي دنيا

هميشه ٻه ليٽندي، هو هڪ خوبصورت پلنگ جي ٻني تي لڳي رهيو هو: ”اڄ ٻه اڪٽوبر ٻرين پنهنجا سارپا.“ هن جو بيمار پيلو چهرو اندروني امنگ ۽ مسرت ڪري مسڪراهٽ سان پرنور هو.

ادريس مدي جي تپ ۾ مبتلا هو. مائٽن هن واسطي اسپتال ۾ خلاصو ڪمرو ورتو هو. ڪيترائي مرد ۽ عورتون، واري ڦيري سان هن جي سار سنڀال لهڻ ايندا هئا. هن کي هتي ٽيهه ڏينهن رهڻو پيو. منهنجي هن سان گهرائپ ٿي وئي ۽ ايتري قدر جو هو مون کي پنهنجا ذاتي معاملا ۽ راز به ٻڌائڻ لڳو.

هڪ ڏينهن چيائين: ”ڊاڪٽر صاحب! توکان سواءِ هڪڙو ٻيو به منهنجو ڊاڪٽر آهي، جنهن جا نسخا ٻه باقاعدگيءَ سان مون کي ملندا رهن ٿا. اهو به ٻڌايانءِ ٿو ته هن جا نسخا، تو واريءَ دوا کان وڌيڪ آرام ڏين ٿا.“

ائين چئي هو مون ڏي مرڪي نهارڻ لڳو. هن جو ڪمزور چهرو خوشيءَ کان ٻهڪي رهيو هو. پوءِ پنهنجي حياتيءَ جو محبوب ترين راز ٻڌايائين.

اهو ڊاڪٽر هو هن جي سوٽ بصران. هوءَ ڏينهن ۾ ٻه دفعا هن ڏي چٺي لکندي هئي. ان ۾ سدائين ساڳي سٽ هوندي هئي ته ”ملڙا! توهين ڪيئن آهيو؟ ڪڏهن گهر موٽندين؟ مان تنهنجي واٽ پيئي واجهايان.“ اهي چٺيون ادريس جو ٿيو ٻاهر ڪڍي ايندو هو. هن ٻڌايو ته جڏهن ڏينهن کان هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپتال ۾ داخل ٿيو هو، تنهن ڏينهن کان، بصران باقاعدگيءَ سان اهي پرديت پريا پرزا موڪليندي ٿي آئي. هو پاڻ به ڪيس جواب لکندو رهندو هو. هن بيماريءَ، سچ پچ ته ادريس لاءِ نئين نرالي خوشيءَ جو موقعو ميسر ڪيو هو، هن جي پيار جي بوٽي کي سڪ ۽ تڙپ جو ريج ڏنو هو.

بصران بابت ڳالهائيندي ٽڪيو ٿي ڪونه هو. هو به هن کي سدائين هڪ ئي سٽ لکندو هو: ”اڄ پڻ اکڙين پرين پنهنجا ساريا.“

هڪڙي ڏينهن هن وٽ هڪ ڊگهي اڇي ڏاڙهيءَ وارو بزرگ رهاڻ ڏنو. هن جي وڃڻ کان پوءِ پڇيومانس ”هي ڪير هو؟“ کلي جواب ڏنائين ”حورن جو مڙس!“

”اهو ته سندس منهن مهانڊي مان ئي پڌرو هو، پر تو سان ڪهڙو رشتو اٿس؟“

پوءِ ادريس پوري تفصيل سان هن جي باري ۾ ٻڌايو: اهو مولوي، ادريس جي پيءُ جو سوٽ هو. هو ڪو نڙڪو ملو نه هو، پر قرآن جو حافظ ۽ عربيءَ جو وڏو عالم هو. سٺ حج ڪري چڪو هو. هن جي پرهيزگاري ۽ خدا ترسي ساري تر ۾ مشهور هئي. ڪٽنب جا ڀاتي هن جو بيحد احترام ڪندا هئا، ڪنهن کي به مجال نه هئي، جو هن جي حڪم کي اورانگهي. هو نه فقط سندن مائٽ هو، پر روحاني مرشد پڻ. رڳو ادريس ئي اهڙو شخص هو، جو هن سان هر معاملي ۾ چڪريون کائيندو هو. ٻئي هڪ ٻئي سان ڏاڍا بحث مباحثا ڪندا هئا. مولوي هن جي آزاد خيالي ۽ ترقي پسنديءَ تي

طنز ڪندو هو، ته ادريس وري هن جي تنگ نظري ۽ قدامت پرستيءَ تي . هي سائنس ۽ عقليت جو حامي، ته هو وري وهم پرستي ۽ اعتقاد پرستيءَ جو مبلغ . عزيز قريب ادريس جي هن بي ادبيءَ“ تي باهه ٿي ويندا هئا.

ادريس چوڻ لڳو ”مان ڪو هن ڪي هرويرو ’حورن جو مڙس‘ ڪونه ٿو ڪوٺيان. هن کي حورن واريون حديثون بيان ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي . هرهڪ بهشتيءَ کي ستر حورن ملڻ واري حديث هو خوشيءَ پرڻي اهڙي ۾ ۽ چپ چٽيندي، ور ور ڪري پيو ٻڌائيندو آهي. جنت شادين واريون آيتون ۽ حديثون، ۽ نبين ، صحابين ، امامن ۽ خليفن جي گهڻين زالن ۽ سريتين جو ذڪر هو ڏاڍي تفصيل سان دهرائيندو رهندو آهي. هر ڪچهري، وعظ ۽ خطبي ۾ اهي هن جا وڻندڙ موضوع آهن. خود ڪيس ٽي زالون آهن.“

هن جي اسپتال ڇڏڻ کان پوءِ به اهي ٻيا ملندا هئا ـ هو گهڻو ڪري ٻصران جي پيار ، ۽ پنهنجي خوشگوار مستقبل جي باري ۾ ڳالهيون ڪندو ۽ سڻون سڻندو هو . ٻيا مولويءَ کي دليلبازيءَ ۾ شڪست ڏيڻ جو احوال ٻڌائيندو هو.

ادريس ڪراچيءَ ڪاليج ويل هجي. هڪ ڏينهن ٻصران جو پيءُ مون وٽ آيو ۽ چيائين ته ”ٻصران جي طبيعت ٺيڪ نه ٿي رهي، هن کي هلي ڏسو.“

اهو به ٻڌايائين ته ”ڏورا ٿا پونس ، جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿي، ڪڏهن روئي ۽ وڪلي پئي ، سارو جسم ڏڪندو ۽ ڇرڪيون

پئي هئي. ماڻهن جو خيال آهي ته جِنُ اٿس، تعويذ به ڪڍهائي ڪرايا اٿئون، پر فرق ئي ڪونه ٿو پئي.»

ظاهر هو ته بصران کي هسٽيريا هئي. پهرين منهنجو ڌيان ان طرف ويو ته شايد ماڻهن شاديءَ ۾ دير ڪئي آهي، تڏهن ٿا اهي دورا پون، سو اشارو ڏنو مان ته ڇوڪريءَ کي جلدئي شينهن ڪلهي چاڙهي ڇڏيو. ان تي هن جي پيءُ چيو ته هن جي پرڻي جون ڳالهيون هلن پيون. مون وري ويچاريو ته شاديءَ جو ٻڌي، ڇوڪريءَ کي خواهه مخواهه جي گهٻراهٽ ۽ وهم جاڳيا آهن، جنهنڪري اهي دورا ٿا پون، نه ته گهوٽ ته هن جو دل گهريو آهي.

پوءِ سگهوئي هن شهر مان منهنجي بدلي ٿي وئي ڇهن مهنن بعد ڪراچيءَ وڃڻ ٿيو. رستي ويندي، ڪنهن ڏاڍي حُب ۽ گهرائيءَ مان اچي ڀاڪر پاتو. ڏٺم ته ادريس هو. ڏاڍو بدلجي ويو هو. مدي جي تپ وقت به اهڙو ڏٻرو ڪونه ٿيو هو، جهڙو هاڻي نظر اچي رهيو هو. تپ دوران ضعيف هوندي به هن جي چهري تي هميشه رونق رقص ڪندي رهندي هئي. پر غور سان ڏسڻ تي محسوس ٿيم ته هيئر ادريس بيحد اداس هو. ڇا هو مدي جي بخار کان به وڌيڪ خطرناڪ ڪنهن بيماريءَ جو شڪار بڻيو آهي؟

هن مون کي زياده سوچڻ يا پڇڻ جي مهلت ڪانه ڏني. چيائين: ”ڊاڪٽر مون پاڻ توسان ملڻ ٿي چاهيو، توکي اهو ٻڌائڻ لاءِ ته زندگيءَ جي ميدان ۾ مولوي مون کي ملهه ماري ويو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پڇيومانس ”اهو وري ڪيئن؟“

جواب ڏنائين ”بصران جي شادي هن سان ٿي وئي!“

”هان!....“ منهنجي وات مان رڙ نڪري ويئي.

ڳالهه اعتبار جوڳي ڪانه هئي. مولويءَ جهڙي ديندار ۽ خدا ترس بزرگ اهڙو انڌير ڪيئن ڪيو هوندو؟ پر اها ته حقيقت هئي. ادريس جو اداس چهرو، ويران نگاهون ۽ مايوس مرڪ منهنجي سامهون هئا.

”جن“ وارو معاملو به هاڻي منهنجي سمجهه ۾ اچي ويو، ته شاديءَ جو ٻڌي، بصران کي دورا ڇو ٿي پيا.

ادريس چيو ”توکي ته خبر آهي ته بصران ۽ مان پاڻ ۾ راضي هئاسين. اسان ٻنهي جي ماءُ پيءُ جي به ننڍپڻ کان اها تمنا هئي. وڪالت پاس ڪرڻ کان پوءِ، اسان جي شادي ٿيڻي هئي. پر مان پوءِ ان مولويءَ تي، اوچتو هن کي اچي شوق جاڳيو، ۽ پنهنجي ان خبيث خواهش جو اظهار عزيزن سان ڪيائين. هو ٻلا ڏين جو سڌهي روح روان ۽ دنيا توڙي آخرت جو سنواريندڙ، سو بصران جو پيءُ اها پنهنجي خوش نصيبي سمجهڻ لڳو، ۽ منهنجي ماءُ ڳوڙها تي به ڪن ڪونه ڏنائين. منهنجي پيءُ ماڻ ٻڌي ان سوال تي منهنجو ساٿ نه ڏنو.“

پوءِ هن مون کي ڏري پوري ٻڌايو ته ڪيئن هن جي ماڻهن، هن جي ”مبارڪ رشتي“ جي مخالفت ڪرڻ تي ملامت ڪئي.

مون پڇيومانس ”پوءِ ٻلا تو مولويءَ کي شرمندو ڪري ڇڏيو؟“

جواب ڏنائين ”پاڻو، ڳالھ ئي نہ پڇ. مولويءَ ئي مون کي ٻہ ٽيون ڀاڳيون ڀڳيون هجن. دل ۾ ٿي چوي تہ ڪچو ڪٽي ڇڏيانس. هڪ ڏينهن وچي پڪڙيو مانس. نيٺ اهو ٻہ چيو مانس تہ وڏو ايڏو لوڪ ٻنيو پيو هلين، ڏيءُ جيڏي معصوم ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ۾ تنهنجي بزرگيءَ ۽ خدا خوفي ڪيڏانهن ٿي وڃي؟ ان تي اميد جي خلاف، مولوي چڙيو اصل ڪونہ مون تہ سمجھيو ٿي تہ غصي کان پاڳل ٿي پوندو، ڇو تہ هن جي شخصيت تي سنئون سڌو حملو ڪيو هوم. مگر هن بزرگاني شفقت سان منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي ڏاڍي نرماڻيءَ سان مرڪي چيو: ’پٽ‘ مان اهو ڪو گناھ جو ڪم تہ ڪونہ ٿو ڪريان. اسان جي پيغمبر صلعم بہ بيبي عائشہ سان ان وقت وهانءُ ڪيو هو، جنهن وقت بيبي نون ورهين جي هئي ۽ حضور جن جي عمر پنجاھ کان مٿي هئي.

”ڊاڪٽر صاحب، مان مڙڻ وارو ڪين آهيان. ان جو بہ اهڙو جواب ڏنو مانس جو قمر تائين ڪين وسرندس.... سائين ڪيئن بہ هجي، پر نبين ۽ اوتارن کي بہ ڪنهن جي دل جي دنيا اجڙڻ جو حق ڏئي نہ ٿو سگھجي.“

هو ڪي ساعتون سانت ۾ ويٺو. وري چيائين ”هاڻي هڪ ڳالھ ڪري اندر ۾ وڍ پيا پون. ڳوٺ وڃڻ حالي تہ ڇڏي ڏنو اٿم، پر ٻڌان پيو تہ ٻصران جا هستريا جا دورا، جي شاديءَ کان اڳ ۾ شروع ٿيا هئا، سي هاڻي هيڪاري وڌي ويا آهن. مان تہ سمجھان ٿو تہ وقت آخر منهنجا زخم

مِٺي ڇڏيندو، پر ٻصران جو روڳ دائمي آهي. هن جي حياتيءَ جو لمحو لمحو عذاب ۾ گذرندو....“

مون اڄ پهريون دفعو هن خوبصورت نوجوان جي معصوم اکڙين مان آنسو وهندي ڏٺا. اهي معصوم اکڙيون اڄ به پنهنجي پريءَ کي ساري رهيون هيون.

★

نئون، ٣٠- سيپٽمبر ١٩٥٦ع

انسان: ٩- مئي ١٩٦٠ع

رڪاوٽ

مولويءَ سان منهنجو رت جو رشتو ته ڪو نه هو، پر اسان جي هڪ مائٽ کي هن پنهنجي نياڻيءَ جو سنگ ڏنو هو، ان ڪري منهنجي به ساڻس راهه رسم قائم ٿي.

جڏهن پهريون دفعو مان هن جي اوطاق ۾ ويس، ۽ هن سان گفتگو ڪري رهيو هوس، تڏهن سلما، جا ان وقت ڇهن سالن جي هئي، اها به آئي. مون ڇڪي هن کي پنهنجي گود ۾ وهاريو. اوپرو ماڻهو ڏسي، پهرين ته هوءَ هٻڪي، ۽ پوءِ ڏانهن نهارڻ لڳي. منهنجي ڪنهن به سوال جو جواب نه ٿي ڏنائين، پر پوءِ آهستي آهستي ورلي ملي وئي.

هوءَ ڏاڍي پياري ۽ معصوم نينگري هئي. دل چاهيندي هئي ته هر وقت هن جون پياريون ٻوليون ٻڌجن. ان ڪري مان اڪثر مولويءَ جي اوطاق ۾ پيو ايندو ويندو هوس. سلما جو به مون سان بيحد انس ٿي ويو هو. مون کي ڏسي مون ڏانهن اڇل ڪائي ايندي هئي، ۽ خوشيءَ ۾ ڦولي نه سمائبي هئي. هوءَ مون کي "پاڻو" ڪري سڏيندي هئي، ۽ اهو لفظ مون کي ڏاڍو پيارو لڳندو هو.

مان جڏهن موڪل تي گوٺ ايندو هوس، تڏهن سلما واسطي رانديڪا ۽ مٺايون وٺي ايندو هوس. هن کي ننڍڙن ٻارن جي شڪل وارا جپاني رانديڪا ڏاڍو پسند هئا ۽ انهن جي گهر به ڪندي هئي. مگر مولوي اهي ڏسي، پاڻيءَ ڪان ٻاهر نڪري ويندو هو. هن جو چوڻ هو ته "اهي بت آهن، ۽ مان پنهنجي گهر ۾ رکڻ نه ڏيندس." ۽ سلما ڪان اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪسي، هن جي سامهون ٿي ٻچي چاڙهيندو هو، ۽ معصوم سلما سڏڪا ڀري رُئندي هئي.

ڳوٺ ڀهچڻ سان ڀهرين سلماڪي ڏسڻ ويندو هوس. هوءَ به منهنجو سڏ سڃاڻي ”ڀاڻو اچي ويو، ڀاڻو اچي ويو!“ چوندي، ڊوڙندي ٻاهر ايندي هئي، ۽ مونکي چنبڙي ويندي هئي. هينئر ته هوءَ گهڻو وقت منهنجي گهر مون وٽ گذاريندي هئي.

مونکي هن جي تعليم جو ڏاڍو اونو هو. مولويءَ جو ٽيان چڪايم. هو نئو اڪر واري ويٺو. چي: عورت لاءِ علم جي ڪا ضرورت ڪانهي، آءٌ سرڪاري اسڪول ۾ پنهنجي نياڻي موڪلي، پنهنجي قيامت ڪاري ڪرڻ نه ٿو چاهيان.

مولويءَ سان مٿو مارڻ فضول هو. سلماڪي مون پاڻ پڙهائڻ شروع ڪيو. هوءَ ذهين هئي، ۽ ڏاڍي شوق سان پڙهڻ لڳي. هن پهريون ڪتاب پورو ڪيو ۽ ٻيو به.

منهنجي شاديءَ جي موقعي تي، ننڍڙي سلما جهڙو خوش انسان شايد ئي ڪو هجي. هيءُ معصوم چهرو ڄڃ جي مونهن ۽ جان هو. هن ساهيڙين ۽ ٻين وڏين عورتن جي وچ ۾ وچي ٿي چيو: ”اچو ته حيدر ڀاڻوءَ جو لاڏو ڳايون.“ ۽ پوءِ هن جو سنهڙو ۽ مٺڙو آواز فضا ۾ گونجي ٿي اٿيو: ”اکيون ته ادل جون ٻرن مشعلا“ ۽ پوءِ ٻين ٻڌ هن سان سُرسَر ۾ ٿي ملايو ۽ ننڍڙي سلو جهمر هڻڻ ٿي لڳي.

-۳-

مونکي اهو وقعو چٽيءَ طرح ياد آهي. هڪڙا ڏينهن، ڏاڍا منجهند هئا، هاڻي هئا، گرمي پوندي چڙهندي ٿي هئي، ۽

پکي پرندا بہ پنھنجن آکيرن ۾ آرامي ھئا؛ ان وقت سلما جو ھڪ پاڙيسري ڇوڪرو، سھڪندو ۽ روئندو مون وٽ آيو ۽ چيائين:

”سلما گهر ٿي وٺي آھي. اسان سان گڏ پير جو ميلو ڏسڻ ھلي، پر اتان الائي ڪيڏانھن ھلي وئي. اسان گھڻوئي ڳوليو آھي، پر اھا ڪٿي ڪونہ ٿي.“

ڇوڪرو ڏڪساھيءَ سبب ڪجھہ چئي ويو ۽ ڏاڍو گھبرايل ٿي ڏٺو. منھنجي ھٿن مان ڄڻ ڪجھہ ڪري پيو، ڄڻ ڪنھن کي ھڪ ڏي سڪيلڌي پٽ جي ڪنھن حادثي ۾ اچي وڃڻ جو اطلاع مليو ھجي. پوءِ ته خبر ناھي تہ ڪيئن آءٌ اتان روانو ٿيس، ۽ ڪھڙي رفتار سان تتل ڏينھن ۾ اھو ميل پنڌ لتاڙي ميلي جي ميدان ۾ پھتس. اتي ھن کي ڳولڻ لڳس. آخر ھڪ وڻ ھيٺان آواز آيو ”پاڻو حيدر!“ ۽ سلما ڊوڙي اچي مون کي چنبڙي. مون زور سان ھن کي پنھنجي ڇاتيءَ سان لاتو، ۽ بي اختيار چمڻ لڳس. جذبات ڪري منھنجي اکين ۾ آنسو اچي ويا. سلما ڀڏايو تہ ھوءَ گھمي گھمي ٿڪي ھئي، ۽ اچي ٿڌي ڇانوَ ۾ ويٺي تہ اتي ننڊ اچي ويس.

-٣-

سلما ڏھن ٻارھن سالن جي اچي ٿي. پٽس ھن کي پردي ۾ وھاريو.

جيتوڻيڪ ھوءَ ساماڻي ڪونہ ھئي پر قد جي لحاظ کان مولويءَ جي اھائي فتوا ھئي. مگر مون سان ھوءَ دستور موجب ملندي ھئي.

مولويءَ پردي جي معاملي ۾ ڏاڍو سخت هو. هن جي گهر جي عورتن کي پنهنجي مڙس، پيءُ ۽ ڀائرن کانسواءِ ٻئي مرد جي منهن ڏسڻ جي هرگز اجازت نه هئي. نون ڏهن ورهين جي نينگريءَ تي پردو لازم ڪيو ويندو هو.

مان ڏهن مهنن بعد ڳوٺ اچي رهيو هوس. رستي تي سلما جي باري ۾ سوچڻ لڳس: هوءَ هاڻي وڏي ٿي وئي آهي. جلدئي هن جي شادي ٿيندي. مان پنهنجي پياري ڀيڻ جي شادي پنهنجي هٿن سان ڪرائيندس. ان موقعي تي هن سان چرچا ڪندس ۽ خوب چيڙائيندس. مون هن کي خوش ڏسڻ ٿي چاهيو، ۽ دلي دعا هئي ته جتي هجي، سکي ۽ آسودي هجي. اهو پڻ خيال پئي آيم ته شاديءَ کان اڳ هن کي ايترو پڙهائي ڇڏيان، جئن سنڌي سولائيءَ سان پڙهي لکي سگهي. عورت ته هن سماج ۾ ستايل آهي ئي، پر مولويءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيڻ ڪري، سلما جي حالت وڌيڪ بدتر قياس جوڳي هئي.

هميشه موجب مان سلما جن جي اوطاق ۾ ويس، ۽ وڃي سڏ ڪيم. مولوي نڪتو، ۽ سلما به ڊوڙندي ”ڀاڙو اچي ويو“ چوندي آئي. هاڻي هوءَ پوري جوانيءَ کي پهچي چڪي هئي. هوءَ شرميلي نگاهن سان مون ڏي نهاري رهي هئي. انهن نگاهن ۾ معصوميت ۽ مسرت هئي.

هن چيو ”ڀائو، ڏاڍا ڏينهن لاتو؟“

مون جواب ڏنو ”هائو سلو، نوڪري آهي. پر تون ته خوش چاق آهين نه؟“

هن ورائيو ”ها ڀائو!“

مولويءَ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو، هن جون ڦهڙ پيريل نگاهون مون کان لڪل رهي نه سگهيون. هن سلما کي ڪهري آواز ۾ چيو:

”ڇڳو ڇوڪري تون اندر هل.“

سلما هلي وئي. ٿورو رڪي مولوي به اندر ويو.

مون کي دل ۾ نئون ڪتڪو جاڳيو. مولوي سلما کي مون کان پردو ته نه ڪرائيندو؟ ان جو مطلب اهو ٿيندو ته آئينديءَ مان ڪڏهن به سلما کي ڏسي نه سگهندس! ان خيال اينديءَ ئي مون کي دلي صدمو رسيو. جنهن کي مون سالن جا سال پيءُ ڪري پاليو ۽ پيار ڪيو، تنهن لاءِ مان هڪدم ڏاريو بنجي ويس. نه فقط ڏاريو پر جهنگلي درندي وانگر خطرناڪ پڻ.

مون مولويءَ جا اهي لفظ ٻڌا. شايد هن ڏاڍيان ٿي انهيءَ ڪري ٿي ڳالهايو ته مان به ٻڌي سگهان. هو چئي رهيو هو:

”ڇوڪري! تون اجها ٻار ڪونه آهين. تون هاڻي جوان جماڻ ٿي آهين، تو کي غير مردن اڳيان اينديءَ شرم اچڻ گهرجي- اهو وڏو گناهه آهي.“

✱

واڻي پور، ٨ سيپٽمبر ١٩٥٧ع

مارڻي: ڊسمبر ١٩٥٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏولي جو ڏنگ

انسپيڪٽر مسعود دل ئي دل ۾ گذريل مهيني جي آمدنيءَ جو اندازو لڳائي رهيو هو. هو مشڪيو. ڪراچيءَ ۾ ڏوهن جي رفتار تيز ٿي وئي هئي، جيئن ته هن شهر ۾ ڏوهاري پيدا ڪرڻ خاطر خاص ڪارخانا کوليا ويا هئا. ٻه سال اڳ جي ڀيٽ ۾ هن کي هاڻي ٻيڻي ڇيڻي مٿين آمدني ٿيندي هئي.

فون جي ٽڻ،ٽڻ هن جي خيالن جي سلسلي ۾ خلل وڌو.

”هلو.... پوليس انسپيڪٽر مسعود!“

”انسپيڪٽر صاحب، مان خانبهادر رياض علي آهيان....“

ايترو ٻڌڻ تي مسعود پاڻ کي روڪي نه سگهيو ۽ هن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين:

”او سائين، توهين پاڻ آهيو. خوش آهيو چڱا ڀلا، اڄ ڪيئن مهرباني ڪري ياد فرمايو اٿو؟“

”ها، چڱو ٿيو جو توهين پاڻ ئي فون تي مليا. مهرباني ڪري هڪدم اسان جي بنگلي ڏانهن هليا اچو. اسان جي چوري ٿي آهي.“

”هان! ڇا چيو. توهان جي گهران چوري! بس مان اچان ٿو پهچان ٿو پوءِ ڏسان ٿو توهان جو ڪم.“

انسپيڪٽر ٽيليفون جو جهٽڪو زور سان سٽي رکيو، ۽ نفرت ۽ ڇتو سان چيائين: ”ها پوءِ ڏسان ٿو سوئر جو ڪم!“ ۽ دل ۾ چيائين: هنن وڏن ماڻهن مان اسان کي پائيءَ جي به اميد ڪانهي، ۽ وري محنت ۽ ڊڪ ڊوڙ به ڀي انتها ڪرڻي پوي، ۽ جي ڪاميابي حاصل نه ٿئي يا ڪجهه ڀيٽي

رهجي وڃي ته بالا عملدارن کي چٺي ڏيئي نالا ڪيرائيندا ، بدلي ڪرائيندا ، پروموشن بند ڪرائيندا . هي خانبهادر ته اسيمبليءَ جو ميمبر به آهي، سو جي چوري صحيح سلامت لهي نه سگهياسين ته اسيمبليءَ تائين خوار ڪندو، چڱو، ڪڏهن ڪڏهن بيگار به وهٽي پوي ٿي .

خانبهادر جي بيگم جو موتين جو هار چوري ٿي ويو هو. رات بيگم ڪنهن ڊنر پارٽيءَ تي ويل هئي. اتان هڪ بجي واپس آئي. موٽر ۾ فقط ڊرائيور ساڻ هوس. بيگم ان وقت گهڻو شراب پيئي ڪري، نشي ۾ هئي ۽ گهڻي رات گذرڻ ڪري ٿڪ ۽ ننڊ جو اثر به هوس. گهر جا هڙئي ڀاتي گهري ننڊ ۾ هئا. خانبهادر به سمهيو پيو هو. ان ڪري ڊرائيور ٿي بيگم کي سهارو ڏئي مٿي سندس ڪمري ۾ پهچايو . هوءَ پاڻمرادو ڏاڪڻ چڙهڻ جي حالت ۾ نه هئي .

بيگم جي خاص نوڪرياڻيءَ کي ان وقت جاڳيل رهڻ کپندو هو، پر هن کي انتظار ڪندي جهٽڪو اچي ويو هو.

بيگم پنهنجا زيور لاهي ، لباس مٽائڻ کان سواءِ ئي سمهي پئي. صبح جو يارهين بجي جاڳي. نيرن کائڻ کانپوءِ زيورن کي سانڍي رکڻ لاءِ اٿي . پر هن کان رڙ نڪري وئي ، ٻيا زيور ته موجود هئا ، ڪي وهاڻي هيٺان ڪي سينگار جي ميز تي ، پر موتين جو هار غائب هو. ڪمري کي ويهه ڀيرا جاچي ڏٺو ويو ، پر هار نه مليو . بيگم روئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي، جو پئرس مان آندل اهڙو قيمتي ڳهه چوري ٿي ويو. خانبهادر به ڏاڍو پريشان ٿيو. نوڪرن ۽ نوڪرياڻين کي خوب دڙڪا داب ڏنائين، پر ڪو ڪُڙ تيل ڪونه نڪتو.
آخر پوليس کي اطلاع ڏنائين.

مسعود به اهو احوال پڙهيو. جڏهن هن کي ٻڌايو ويو ته هار جي قيمت سٺ هزار آهي، تڏهن هن جو وات ڦاٽي ٿي ويو. هن جو عادي دماغ حساب ڪتاب ڪري هن فيصلي تي پهتو ته ان هار جي چور کان گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار رپين جو حصو آسانيءَ سان ملي سگهي ٿو، يعني ڊي-آءِ-جيءَ جي پارٽيءَ جو خرچ هڪ ڏڪ سان پاهر. ڊي-آءِ-جي جي پٽ جو طوهر ٿيڻو هو، جنهن ۾ وڏي دعوت ٿيڻي هئي، جنهن جي خرچ جو سمورو بار ڊي-آءِ-جيءَ هن انسپيڪٽر تي رکيو هو.

”خير ڏنو ويندو!“ هن دل ۾ چيو.

هن جاچ شروع ڪئي. گهر جو اڪيلو چوڪيدار هو. ڪوبه اهڙو سراغ نظر ڪونه آيو، جنهن مان انومان ڪجي ته ڪو ٻاهران گهر ۾ ٽپو ڏئي آيو آهي. نه ڪو ڪلف ڀڳل هو، نه ڪنهن در يا دريءَ جو شيشو ٽٽل. ان مان ظاهر هو ته چور هن بنگلي جي چوديواريءَ اندرئي رهندو آهي.

گهر جا ڀاتي فقط چار هئا: خانبهادر، بيگم ۽ سندن ٻه ننڍا پٽ. پنج ملازم هئا: چوڪيدار، ڊرائيور، ٻورچي، نوڪرياڻي ۽ ٻيو هڪ نوڪر.

مسعود انهن مان هر هڪ کي جدا جدا گهرائي پڇا ڳاڇا ڪئي

چوڪيدار ٻڌايو: ”رات جو جڏهن گهر جا ميمبر ٻاهر سمهي پوندا آهن، تڏهن ٻاهرين در کي تالو لڳائي ڇڏيندو آهيان. وري رات جو ٽي چار ڦيرا بنگلي جي چوڌاري چڪر لڳائيندو آهيان. گذريل رات به مان ان وقت تائين در وٽ انتظار ۾ ويٺو رهيس، جنهن وقت بيگم صاحبه موٽر ۾ آئي. موٽر ۾ فقط ڊرائيور ۽ بيگم صاحبه هئا. ان بعد نه ڪو شخص ٻاهران گهر ۾ آيو ۽ نه ڪو اندران ٻاهر نڪتو.“

ڊرائيور ٻڌايو: ”مان ڇهن مهنن کان خانبهادر جو ڊرائيور آهيان. رات جو هڪ بجي ڌاري بيگم صاحبه کي پارٽيءَ مان موٽر ۾ کڻي آيس. جڏهن ته ان وقت سڀ ننڊ ۾ هئا، ان ڪري مون بيگم صاحبه، جا نشي ۾ چور هئي، تنهن کي ٻانهن کان جهلي مٿي سندس ڪمري ۾ پهچائي آيس. اول به اهڙن موقعن تي ائين ئي ڪيو هو. بيگم کي پارٽيءَ مان نڪرڻ وقت به ڳلي ۾ هار هو ۽ ان وقت به جنهن وقت مون هن کي ڪمري ۾ پهچايو. ان کان پوء مان سڌو وڃي، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ سمهي پيس.“

نوڪرياڻيءَ بيان ڏنو: ”مان ويهن سالن کان هن گهر جي خدمت ڪري رهي آهيان. مان ئي بيگم صاحبه جي ڪمري جي سنڀال ڪندي آهيان. رات بيگم صاحبه کي موٽڻ ۾ گهڻي دير لڳي، تنهنڪري منهنجي اک لڳي وئي. اڌ رات جو مون کي جاڳ ٿي. ڏٺم ته بيگم صاحبه پلنگ تي سمهي چڪي هئي. آهستي سڏ ڪرڻ تي جواب ڪونه ڏنائين. هوء جنهن ساڙهيءَ ۾ وئي هئي، ان ۾ ئي ننڊ اچي

وٺي هئس، جنهنڪري ٻيٽ ۽ ڇنڪهون اکهاڙيون ٿي رهيون هئس. مون هن کي سڏ ڪري سمهاريو ۽ مٿان ڪنبل وجهي ڇڏيم ۽ پوءِ بتي وسائي، در ٻيڪڙي ٻاهر نڪري آيس ۽ وڃي سمهي پيس. صبح جو ٻه دفعا سماءَ تي ويس ته هوءَ اٿي آهي يا نه. ساري رات بيگم صاحبه جي ڪمري جو در ٻيڪڙيل رهيو هو، اندران بند ڪونه ڪيو ويو هو."

ٻين ملازمن ڪا خاص ڳالهه ڪانه ٻڌائي.

انسپيڪٽر پوءِ خانبهادر سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. خانبهادر جو ڪنهن به نوڪر ۾ شڪ نه هو. البت ايترو چيائين ته ڊرائيور اسان وٽ نئون ماڻهو آهي. مسعود جو ٽن ماڻهن ۾ شڪ ٿيو ٿي: چوڪيدار، ڊرائيور ۽ نوڪرياڻي

هن بيگم جي ڪمري جي چڪاس ۽ نوڪرن جي گهرن جي تلاشيءَ جو خيال ظاهر ڪيو. خانبهادر ان لاءِ هن کي اجازت ۽ سهوليت ڏني.

هن پهرين بيگم جو ڪمرو ڏٺو. خانبهادر هن کي تفصيل ٻڌائي رهيو هو ته فلاڻي هنڌ زيور رکيا هئا ۽ فلاڻي ڀاسي ڪمري جا دروازا کلن ٿا. مسعود ان هار جهڙو ڪو ٻيو هار ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. خانبهادر ٻڌايس ته اسان وٽ اهڙو صرف هڪ ٿي هو، باقي زيورن جي فهرست جي هڪڙي ڪتاب ۾ توهان کي ان جي تصوير ڏيکاري سگهان ٿو. خانبهادر ان ڪمري مان نڪري، ٻئي ڪمري ۾ اهو ڪتاب کڻڻ لاءِ ويو. مسعود ڪمري جي ڪنڊن ۽ پاسن کي جاچيندو رهيو ۽ فرنيچر ۽ پلنگ جي پٺيان تلاش ڪندو رهيو

جنهن وقت خانبهادر موٽيو، ان وقت هو پنهنجي ڪم ۾ رڌل هو. هن هار جي تصوير ڏٺي.

ان ڪمري جي تلاشي ختم ڪري، هن ٿاڻي تي فون ڪيو ته چار سپاهي موڪليا وڃن، جي اچي مون کي ڪم ۾ مدد ڪن. انهن جي پهچڻ کان پوءِ نوڪرن جي ڪمرن جي تلاشي ورتي وئي، پر ڪو سراغ ڪونه مليو.

انهن سپاهين مان هڪ سپاهيءَ انسپيڪٽر کي ڪن ۾ چيو: ”سائين، هي ڊرائيور ته سال کن اڳ هڪ چوريءَ جي ڪيس ۾ پڪڙيو ويو هو، جيتوڻيڪ ڪورٽ هن کي بيڏوهي سمجهي ڇڏي ڏنو هو.“

پوءِ مسعود خانبهادر کان اجازت گهري ته هو ڊرائيور چوڪيدار، ۽ نوڪرياڻيءَ ٿاڻي تي وٺي ويندا ۽ پنهنجي نموني هنن کان ڏوهه جي قبوليت وٺڻ جي ڪوشش ڪندا.

خانبهادر هو ته رحمدل ماڻهو ۽ نه ٿي چاهيائين ته هن جا پراڻا خدمتگار پوليس جا ظلم برداشت ڪن، پر ٻئي پاسي وري سٺ هزارن جو سوال هو. پوليس سان ساٿ ڏيڻ ضروري هو.

هنن کي ٿاڻي ۾ آندو ويو. مسعود سپاهين کي ٻڌي ڇڏيو ته پنهنجو ڪم جاري رکو. پوءِ ته هنن تي اهڙا موچڙي بازي ٿي، هنن کي اهڙا ايذاءَ ڏنا ويا، هنن تي اهڙي قسم جون سختيون ڪيون ويون، جن جو بيان ڪرڻ تي لڱ ڪانڊارجي وڃن. عورت کي به نه ڇڏيو ويو.

هو سڀ وڏا وڏا قسم کنيو وڃن، خدا جا واسطا پيا

وجهن، رحم جون درخواستون پيا ڪن، پر پوليس لاءِ تہ اهي رواجي ڳالهيون هيون. ٽئين ڏينهن تي چوڪيدار جو پاڻ ۽ نوڪرياڻيءَ جو مڙس بہ بہ سؤ ڏئي، هنن کي ڇڏرائي ويا.

باقي بچيو ڊرائيور. هن جا وارث بہ آيا، پر هن کي رها نہ ڪيو ويو. هن تي ظلم ۽ سختي جاري رهي. هن کي ماني ۽ پاڻي نہ ڏنو ويندو هو. هن کي اونڌو ڪري ٽنگيو ويندو هو. هن کي بيهاري، هن جي مٿي تي مٽين بار رکي ڇڏيندا هئا، ايستائين جيستائين هو بيهوش ٿي نہ ڪرندو هو. هن جي ننگي بدن تي چهبڪ وسايا ويندا هئا، هن کي اگهاڙو ڪري، ٽاڪ منجهند جو اس ۾ بيهاريو ويندو هو، هن جون رڙيون پري پري ٻڌبيون هيون. هن کي هيٺان مرچ وڌا ويا، پيشلب پياريو ويو. آخر هن جي پيءُ کي پڪڙي ٿاڻي ۾ آندائون ۽ هن جي سامهون ڪري هن کي للڪار ڪئي وئي تہ جي سچ نہ ڪندين تہ تنهنجي اڳو تنهنجي جوان پيءُ کي الف اگهاڙو ڪري بيهاريو ويندو.

اتي هن رڙ ڪري چيو ”اڙي ظالمو، ترسو. سڀ تہ ماڻ چئو ٿا اٿين ٿيندو.“

اٿين چئي هو وري بيهوش ٿي ويو. اهو ويهون ڏينهن هو. هن اقرار ڪيو. جڏهن هن کان پڇيو ويو تہ هار ڪٿي رکيو اٿئي تہ پهرين چيائين تہ گٽريج ۾ پوريو اٿم. پر اتي ڳولا ڪئي وئي. ڪونہ هو. پوءِ وري هن چيو ها، هاڻ ياد آيو مون اهو بنگلي جي باغيچي ۾ گلن جي ڪياري ۾ لڪايو آهي. اتي پڻ هنن کان ڪونہ لڌو.

انسپيڪٽر، خانبهادر کي فون تي تسلي ڏيندو رهندو هو. جڏهن خانبهادر کي اطلاع پهتو ته ڊرائيور باسيو آهي ۽ جن ٻن جڳهين جو هن نشان پتو ڏنو، اتي هار ڪونه لڌو نڌهن هو پاڻ ٺاٺي تي ويو.

پهرين ته هو پنهنجي ڊرائيور کي سڃاڻي ڪونه سگهيو. هن جو رنگ ڪارانجي ويو هو ۽ اهڙو ڪمزور ۽ سنهڙو ٿي نظر آيو جهڙو سالن جو سلهه جو مريض. هن کي پهرين ته ڇهو آيو. آخر ته هو سندس نوڪر ٿي رهيو هو.

هن کي شفقت سان چيائين ”بچا، تون هڏاهه ته ڪٿي رکيو اٿئي، مان توکي پڪ ٿو ڏيان ته هار ملڻ بعد تنهنجو وار به ونگو ڪونه ٿيندو. مان ڪيس ڪيرائي ڇڏيندس.“

ڊرائيور جواب ڏنو ”سائين، مون هار چورايو هجي ته هڏايان به. مون کي قسم آهي رب پاڪ جو ته مون هار کي هٿ به ڪونه لاتو آهي.“

هن جو ايترو چوڻ ۽ پرسان بيٺل سپاهيءَ ڇهڪ سان ستَ ستَ ڪرڻ هو وري دلخراش دانهون ڪري چوڻ لڳو: ”ها سائين، مان ڏوهي آهيان، مان هڏايان ٿو: جنهن وقت صبح جو پوليس انسپيڪٽر آيو هو، ان وقت پڪڙجڻ جي ڊپ کان، مون اهو اتر واري رستي تي اڇلي ڦٽو ڪيو هو.“

هار ڪونه مليو. ڪيس ڪورٽ ۾ چالان ڪيو ويو. ڪيترائي شاهد آڻي ڪورٽ ۾ موجود ڪيا ويا. انسپيڪٽر اهڙا به گواهه پيش ڪيا، جن چيو ته اسان ان رات ڊرائيور کي بنگلي جي ٻاهر پٽ مٿان ڪنهن شخص کي ڪا شيءِ

ڏينهدي ڏنو هو. چار مهنا ڪيس هلڻ کان پوءِ، ڊرائيور کي ٽي سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ملي. پر خانبهادر کي سٺ هزارن وارو هار موٽي ڪونه مليو.

هاڻي خانبهادر سڌو وڃي وڏي وزير وٽ شڪايت ڪئي. وڏي وزير هڪدم مسعود انسپيڪٽر کي سسپينڊ ڪيو ۽ پوليس کاتي جي قابل ترين آفيسر ڊي-ايس- پي طفيل کي ڪيس جي وري جاچ ڪرڻ ۽ هار هٿ ڪرڻ جي اسپيشل ڊيوٽيءَ تي مقرر ڪيو.

ڊپٽي طفيل اچي ڪيس جا سڀ فائيل اٿلايا. پوءِ جاچ ۽ پڇاڳاڇا شروع ڪيائين.

هن خانبهادر جي چوڪيدار، نوڪر، ٻورچي ۽ نوڪرياڻيءَ کي وري ٿاڻي تي آندو. چئني تي بي پناهه مار موچڙو شروع ٿيو. ڪجهه ڪڙ تيل ڪونه نڪتو. نيٺ هرهڪ کان پنج سؤ وٺي ، هنن کي ڇڏيو ويو. ڊرائيور کي جيل اندر نئين سر عذاب ڏنا ويا. پر ڪجهه پڙ ڪونه پيو. پوءِ شهر جي ڪن شودن ۽ گهٽن شريفن جي پڪڙ پڇاڙ شروع ڪيائين. واري واري تي هنن کي ٿاڻي تي پڇاڳاڇا لاءِ گهرائي بي عزتين ۽ عقوبتن جو وسڪارو لڳائي ڏنائين . پڇاڙيءَ ۾ ڪنهن کان هڪ هزار، ڪنهن کان ٻه هزار، ڪنهن کان ٽي هزار وٺي ڇڏيندو ويو. چور جو سراغ ملي ڪونه سگهيس.

نيٺ هو ان نتيجي تي پهتو ته انسپيڪٽر مسعود کي ان چوريءَ جي خبر ضرور آهي، پوءِ هو يا ته ان چوريءَ تائين پهچي نه سگهيو آهي يا ان چور وٽان سٺي رقم ملڻ ڪري چپ ڪري چپ کي چپو لڳائي ويٺو آهي.

هن ٻيهر ٻين مسعود کي ڳالهين ۾ پنهنجي اعتماد وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کي رازداني نموني چوڻ لڳو: ”ڪتو به ڪتي جو ماس نه کائيندو آهي. مان به پوليس جو ماڻهو آهيان ۽ تون به. اهو يقين رک ته مان توکي ڪنهن به صورت ۾ نقصان ڪونه رسائيندس. هر ڪنهن کي پنهنجي ٽولي جو ننگ ٿيندو آهي. پاڻ به ڪائو پنج وارا ۽ هڪ ئي ٽولي جا آهيون. ان ڪري هڪ ٻئي کان پري ڪونه وينداسين. وڏي ڳالهه ته پاڻ ٻئي هڪ ئي پرڳڻي جا آهيون ۽ هن پرڳڻي ۾ ڪمائڻ آيا آهيون ۽ جيترو گهڻو ڪمائي سگهون ٿا، اوترو گهڻو ڪمائيندا رهنداسين. هي سڀ ڪجهه منهنجي هٿ ۾ آهي. خانبهادر ٽوڙي وڏي وزير کي منهنجي رپورٽ تي اعتبار ڪرڻو پوندو، ۽ مان اهڙي رپورٽ ڏيندس جو نه رڳو تنهنجي نوڪري بحال ٿيندي، پر هار جي چوريءَ وارو معاملو به لٽي مٽي ٿي ويندو. تون رڳو مون کي حقيقت ٻڌاءِ. مان ڪجهه به وڌيڪ نه ٿو چاهيان. مان ڪنهن به ٻئي کي اها ڳالهه نه ٻڌائيندس.“

مسعود مرڪيو. چيائين: ”مون کي توهان تي پورو اعتبار آهي. اهو هار هن پرڳڻي کان ٻي ٻاهر پهچي چڪو آهي.“

”ڪٿي؟“

”پاڻ واري پرڳڻي ۾.“

”ڪيئن؟“

”حقيقت هيءَ آهي ته جنهن وقت مان بيگم جي ڪمري کي جاچي رهيو هوس، ان وقت خانبهادر زيورن

جي فهرست وارو ڪتاب ڪڍڻ لاءِ ٻئي پاسي ويو. اهو سارو وقت مان ڪمري ۾ اڪيلو هوس ۽ ڪو سراغ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪمري جا ٽپڙ هيٺ مٿي ڪري رهيو هوس . جنهن وقت مون بيگم جي پلنگ تي پيل ٻن وهاڻن مان هڪ وهاڻو مٿي ڪنيو ته ان جي ڇڙو جي اندران هار ڪري وچي پلنگ تي پيو. مان پهرين ته حيران ٿيس. پوءِ سوچڻ لڳس ته ڇا ڪرڻ گهرجي. مون ڪي ڪنهن به نه ڏنو هو. آخر ٿوري دير تائين پوءِ ، مون اهو هار پنهنجي سوٽ جي کيسي ۾ ڪري وڌو ...."

طفيل ، مسعود جي هٿ تي پنهنجو هٿ هڻي، تاڙي وڄائي، ٽهڪ ڏيندي چيو: "يار، استاد آهين!"

✵

رائي پور، ٩- سيپٽمبر ١٩٥٨ع
انسان : ٢٥- اپريل ١٩٦٠ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڙي سڙي ساڙي سارو ڏينهن

هن شهر ۾ مڪمل خاموشي ته ڪنهن به وقت ڪانه ٿيندي آهي. البت هينئر ڏينهن وارو شور غوغا ڪونه هو. ريڊين جا آواز بند ٿي ويا هئا. ٽرامن ۽ بسن جو گوڙ گهٽجي ويو هو. ڪنهن ڪنهن وقت ڪا موٽر يا رڪشا سرڙاٽ ڪندي لنگهي ٿي، يا ڪو سائيڪل سوار فلمي گيت ڳائيندو ٿي ويو.

پر وارن گهرن مان وقتي وقتي ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز ٿي آيو يا ڪنهن ٻوڙهي جي ڪنگهه، جي ڪنهون ڪنهون.

روشن آرا کي ننڊ اچڻ محال هئي. هن جو ننڍڙو پٽ بيمار هو. هو ڪنجهي رهيو هو. ڪنهن وقت ڪنگهه ٿي اٿيس ته ڪنهن وقت سور کان رنائڻ ٿي ۽ ڪنهن وقت پاڻي ٿي گهريائين. اوجاڳي ۽ ٿڪ، روشن آرا جي ڏٻري جسم کي چور چور ڪري ڇڏيو هو.

پر واري ڪمري مان هن جي خاوند جي کونگهرن جو گهرو آواز آيو ٿي. هن جي ٻارن مان به ڪن کونگهرا پئي هنيا ۽ ڪي ننڊ ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

اهڙي سمي، هن جي دماغ ۾ خيالن جي سمنڊ جي اٿل پٿل شروع ٿي ويندي هئي، هينئر به هن جي نگاهه پنهنجي ماضيءَ طرف مڙي وئي.

هوءَ پنهنجي حياتيءَ جي سفر کي ٻن حصن ۾ ورهائيندي هئي. پهرين حصي ۾ هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي ڪشتي، پنهنجي پيءُ جي نظرداريءَ هيٺ پاڻ هلائيندي هئي ان وقت سمنڊ سانتو هو، هوا سٺائي ۽ موسم خوشگوار. هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي معصوم زندگيءَ جا مسرت ڀريا نغما ڳائيندي اتي اچي پهتي، جتي هن جي حياتيءَ جي سفر جو ٻيو دور شروع ٿئي ٿو. ان ڪانپوءِ هن جي جيون جي ٻيڙي هلائيندڙ هن جو مڙس هو، ۽ سمنڊ ۾ طوفان ۽ انڌوڪار هو.

هن کي اهو زمانو ياد آيو جڏهن هن جي شاديءَ جون ڳالهيون هلي رهيون هيون. هن جي گهوٽ تي هن جا مڙئي ست مائٽ مطمئن هئا. عبدالقدوس هڪ ديندار ۽ نيڪ چوڪرو هو. هن جي مذهب جي پابنديءَ کان سڀ واقف هئا. هو پنهنجي محنت سان پنهنجي پيرن تي بيهي چڪو هو. هڪ جنرل اسٽور جو مالڪ هو، جنهن مان ڪافي آمدني ٿيندي هئس. رهڻي ڪرڻي ۽ منهن مهانڊي ۾ پڪو مسلمان هو. مٿي تي اڇي ڪپڙي جي ٽوپي، ڏگهو پهراڻ ۽ پيرن کان مٿي ڪانئچ. هن جي چهري تي گهاٽي چاپئين ڏاڙهي هئي ، جا هن جي سانوري رنگ ڪري ڪا چڱي ڪانه لڳندي هئي.

روشن آرا کي ياد آيو ته هن کي پنهنجي شاديءَ جو ٻڌي، ذرو به خوشي ڪانه ٿي هئي. عبدالقدوس جي ڪردار جون ڪهاڻيون ٻڌي چڪي هئي ، ۽ هن جي صورت پنهنجي اکين سان ڏٺي هئائين.

هن کي برقعو پهريون ڀيرو ان وقت پائڻو پيو جنهن وقت هوءَ پنهنجي ٻيءُ ماءُ جي گهران نڪري ، گهوٽ جي گهر وڃي رهي هئي. برقعو ڏسي هوءَ عجيب ڪشمڪش ۾ ... هن جو ساهه گهٽجڻ لڳو. ڪپڙا پگهر ۾

آلا ٿـي ويس ۔ ڪن ۾ بند ، جنهنڪري ٻاهريون آواز ڇٽو
ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيس۔ اکين آڏو اونداهہ، هلق ۾ ڏکيو ٿي لڳس۔
هڪ لڳا تہ خيال آيس تہ ھي لاھي، سيني جي سامهون ڪٽي
ڦٽو ڪريان ۽ چوان تہ ”مان ڪو پالتو پکي توروٽي آهيان
جو هينءَ پڃري ۾ بند ڪيو اٿو!“ پر پاڻ ۾ ايتري سگهہ
ڪانہ ساريائين۔

هوءَ سينگاريل ڪمري ۾ اڪيلي وهاري وئي۔ ڪجهہ
دير بعد هن جو گهوٽ گهڙيو۔ هو هن جي پرسان اچي ويٺو۔
روشن آرا محسوس ڪيو تہ هو ڪجهہ سس پس ڪري رهيو
آهي۔ هن گهونگهٽ مان اک ٽيٽ ڪري ڏٺو تہ هن جا
چپ چري رهيا هئا ۽ ڇپن سان ڏاڙهي بہ سات ڏئي هيٺ
مٿي ٿي رهي هئي۔ شايد ڪو وظيفو يا دعا پڙهي رهيو هو۔
اهو ڏسي روشن آرا، حالانڪ هوءَ ان وقت گهبرايل ۽ هيسيل
هئي، مشڪل سان پنهنجو ٽهڪ روڪي سگهي۔

عبدالقدوس هن جي رئي جو پاؤ پري ڪيو۔ ڇهري تي
نظر پوڻ سان هڪدم ”لاحول ولا ....“ ڪري پوٺتي هٽيو،
ڇو تہ ڪنهن نامحرم عورت تي نظر پئي هئس۔

”سوٽ، مان هي ڳالهيون برداشت ڪري نہ سگهندس۔
اڄ ڪانپوءِ جئن سان تنهنجي جسم تـي سرخي ۽ پائوڊر نـہ
ڏسان۔ سيائي ڪانئي اهي ڇيزون گٽر ۾ ڦٽيون ڪري ڇڏ!“
هڪ هڪ لفظ پستول جي گولي بنجي هن جي نازڪ سيني
۾ چڀي ويو۔

هوءَ هي نادري حڪم ٻڌي ڏاڍي حيران ٿي۔ هن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگ پيلو پئجي ويو . هوءَ محسوس ڪرڻ لڳي جڻ پيري بزار ۾ هن جا ڪپڙا لاهي هن کي ننگو ڪيو ويو هو.

ان رات تہ هن کي اهڙو خيال ڪونہ آيو هو، پر هينئر سوچي رهي هئي: هي مولانا عورتن لاءِ سرخي پائوڊر تہ حرام ٿا سمجهن، پر پاڻ اڇي ڏاڙهيءَ تي ڪيئن نہ مينديءَ جا تهہ ٿا چاڙهين ۽ اکين ۾ ڪيئن نہ ڏوئيءَ سان سرمون پائين.

هن جي هڪڙي ٻار سڏي چيو "اما! پاڻي." هن جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. اٿي هن کي پاڻي پياريائين بيمار پٽ رڙ لڳو. هن کي ٽيڪيون ڏئي مانڊ ڪرايائين.

روشن آرا کي برقعي پائڻ کان سخت بچان ٿي آئي، پر ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو. بي پرديگيءَ تي قدوس مرڻ مارائڻ کان بہ مڙڻ وارو ڪونہ هو. اهي سڀ شيون، قدوس جي قول موجب حرام هيون.

شاديءَ کان اڳ، هوءَ پنهنجي مائٽن سان گڏجي سئنيما تي ويندي هئي. ان ونڊر واسطي هينئر بہ هن جي دل چاهيندي هئي، پر قدوس ڪڏهن بہ اجازت ڏئي. ٻهرين پيري جڏهن ٻچندي ٻچندي هن کي چيائين تہ "ڪوڪيل تہ هلي ڏيکاريو" تڏهن اکيون ڦوٽاڙي، غصي سان جواب ڏنو هوس. "وري اهڙي بت پرستي جي گناهہ جو خيال بہ دل ۾ آندءِ تہ مون جهڙو ٻيو برو ڪونهي." هن شاديءَ کانپوءِ ڏهن سالن ۾ ڪابہ فلم نہ ڏٺي هئي.

سير يا تفريح واسطي تہ هوءَ ٻاهر نڪري نہ ٿي سگهي. هڪ تہ قدوس کي اهڙا ڳالهہ پسند نہ هئي ۽ ٻيو تہ برقعي

سان ٻاهر نڪرڻ ۾ تفريح ڳوڙ ٿيندي، مرگهوڻي ماڻهو تازي هوا کان به محروم رهندو.

هوءَ سوچڻ لڳي: نديڙي هوندي کيئن نه ريڊئي جا پروگرام ٻڌندي هئس : عورتن جو پروگرام ، توهان جي فرمائش، ڊراما ، ٻارن لاءِ آکاڻي، ريڊيو سلون جا گانا. پر منهنجي مڙس جو ارشاد آهي ته ساز ۽ گانو حرام آهن، ان ڪري هن گهر اندر ريڊئي لاءِ ڪا جڳهه ڪانهي.

هن کي رسالا ۽ ناول پڙهڻ جي به منع هئي ”اهي سڀ بد اخلاقي ۽ دهريت ڦهلائن ٿا.“ هن جي خاوند جو ارشاد هو. روشن پنهنجو اهو شوق به پورو ڪري نه سگهي هئي. گهر ۾ فقط دعائن جا ڪتاب هوندا هئا، جن سان نه هن جي دلچسپي هوندي هئي ۽ نه سمجهه ۾ ايندا هئس.

”هتي نه مرڪڻ به گناهه آهي ، هتي نه هرچيز حرام آهي. نظر نه ائين ٿو اچي ته هتي جيئڻ ئي گناهه آهي. آخر مان مئٽرڪ تائين تعليم ورتل آهيان، شهري ماحول ۾ پلي ۽ وڏي ٿي آهيان، هڪ حساس دل رکان ٿي، ڇا ڪو اهڙو آهي ئي ڪونه جو منهنجي احساسن ۽ امنگن کي سمجهي ۽ منهنجي حمايت ڪري؟“ اهو سوچيندي هن جي اکين مان آنسو ٽمڻ لڳا.

نديڙي کي کنگهه جو دورو اٿيو. هوءَ هن ڏانهن متوجهه ٿي.

عبدالقدوس جي نظر جي نقطي کان عورت هڪ ٻار پيدا ڪرڻ جي مشين هئي. روشن آرا کي ڏهن سالن جي عرصي ۾ اٺ ٻار ٿيا هئا، جن مان ست سلامت هئا . يعني ٻارهين

چوڏهين ٻهني هڪ ٻار، مڙس جي روش ته اول ئي هن جي زندگيءَ مان رس ڪڍي ڇڏيو هو، مٿان وري ڇهن ٻارن کي پيٽ ۾ سانڍڻ جون مصيبتون ۽ ڄڻڻ جي عذابن هنَ کي اڌ مئو ڪري وڌو هو. هن جي بدن ۾ رت ڄڻ هوئي ڪونه، رنگ هيڊ جهڙو، زندگيءَ جي حرارت ته هن ۾ ڪڏهن جي ختم ٿي چڪي هئي، هوءَ ته برف جو ٻوٽو هئي، سنهڙي جهڙي ڪانئي، چپاٽ ڪپڙي، مٿي ۾ اڇا هؤ چاليهن ورهين جي ٻڍي لڳندي هئي، حالانڪ هن جي حقيقي عمر ٽيهه سال هئي.

”منهنجي زندگي ته اڻ ڪٿندڙ عذاب آهي. شاديءَ کانپوءِ سون سک جي هڪ ساعت نه ڏني آهي.“ هن دل ۾ چيو.

ٻارن جو وار هجوم ڪري، هنن جو گذر سفر ته هاڻي تنگ ٿي پيو هو. نه چڱو کاڌو کائي ٿي سگهيا ۽ نه چڱو چوڙي ٿي سگهيا. هوءَ ويچارڻ لڳي: اسان جي ٻارن جو هجوم اڻين ٿو نظر اچي ڄڻ ته ڪنهن يتيم خاني ۾ پلجي رهيا آهن. هيتري ساري لشڪر جي ڪيئن سنڀال ڪري سگهي. ڏسو ته هڪ کي جتي ڪانهي، هڪ جو منهن ڌوتل ڪونهي ته ٻئي کي سلوار ڪانهي، ڪنهن جا ڪپڙا ميرا آهن ته ڪن جا وار ڪنيل ڪونهن. گهر کي خچر خانو بنائي ڇڏيو اٿن. ڪا چيز پنهنجي جاءِ تي ڪانه ٿي رهي سگهي. هر روز هڪڙو نه ٻيو زيان ڪيو ويٺا آهن. صفائيءَ جو ڪهڙو بيان ڪجي، بس هي گهر ميونسپالٽيءَ جو پبلڪ پيشاب گهر لڳو پيو آهي.

هن کي اهو ڏينهن ياد اچي ويو جڏهن هن پنهنجي مڙس کي التجا ڪئي هئي ته "گهڻائي ٻار ٿي چڪا آهن، هاڻي ته رحم ڪري ڄم تي روڪ وجهڻ جي تدبير سوچيو." ان تي ڪاوڙ مان جواب مليو هوس: "اهي ڪافرن وارا ڪم مون کان نه ٿيندا. مان قدرت ۾ هٿ وجهڻ نه ٿو چاهيان تنهن کان سواءِ ٻارن پيدا ڪرڻ ۾ ڪهڙي قباحت آهي؟"

اهو ٻڌي هن چاهيو هو ته اهڙو منهن ٽوڙ جواب ڏيانس جو عمر ڀر ياد ڪري، پر هوءَ ڪجهه چئي ڪونه سگهي هئي. اندرئي اندر سڙندي ۽ ٻڇرندي رهي.

هينئر هوءَ ويچارڻ لڳي: هي قدرت ۾ هٿ وجهڻ ڪهڙي بلا آهي؟ جهر جهنگ نه ڪپجن ها ته اناج جا فصل ڪٿي ٿين ها. مڇرن مکين ۽ بيمارين جي جيوڙن کي ناس نه ڪجي ها ته بيمارين تي فتح ڪيئن پائي سگهجي ها. قدرت ته انسان جي دشمن آهي ۽ انسان ان سان مقابلو ڪري ئي دنيا ۾ حسن، نفاست ۽ آسودگي پيدا ڪري سگهي ٿو.

قدوس تهجد جي نماز تي اٿيو. کنگهڪار ڪندو هن جي ڪمري ۾ آيو. روشن آرا هن کي ڏٺو، پر اکيون بند ڪري ڇڏيائين.... "اف! ڪهڙي نه مڪروهه صورت اٿس. بدن ٿلهو ۽ بي ڊولو، پيٽ حد کان وڌيڪ ٻاهر نڪتل ۽ لڙڪيل، ڇاتيءَ تي رڇ جهڙا وار، ڪارو رنگ، ڊگهي ڏاڙهي ۽ مٿو صفا ڪوڙيل. اف! هي ته ڀوت آهي ڀوت! ڪهڙي نه منحوس شڪل، ڪهڙو نه ڪراهت لائق انسان!"

ڏهه سال گذري ويا هئا، پر روشن آرا جي مڙس کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪار اچ ٻه تازي هئي: ”هن شخص منهنجي زندگي جهنم بڻائي آهي، منهنجي تمنائن جو خون ڪيو آهي، منهنجي خوشين کي برباد ڪيو آهي. مان پنهنجي اسڪول ۾ شوخ ۽ شرير مشهور هئس، مگر منهنجا اهي ٽهڪ ڪيڏانهن ويا، منهنجيون اهي شرارتون ڪٿي دفن ٿي ويون؟ ها، هن جلاد پهرين رات ئي منهنجي شوخي ۽ منهنجي زنده دليءَ جا پر ڪپي مون کي بيوس بڻائي ڇڏيو. هن ئي منهنجي حسن ۽ جوانيءَ کي، وقت کان اڳي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.“

هن جي اندر ۾ نفرت جو جوالا مکي جلي رهيو هو، پر هوءَ خود حيران هئي ته اڄ تائين اهو ڦاٽو ڇو نه هو. هن ڪيترن ئي موقعن تي سوچيو هو ته پنهنجي مڙس کي اهڙو جواب ڏئي، جو حياتيءَ ۾ وري ڪڏهن هن کي ”گناهه“ ۽ ”حرام“ جا لفظ استعمال ڪرڻ جي جرئت نه ٿئي.

قدوس ٻار جي نرڙ تي هٿ رکي بخار ڏٺو ۽ اتان وضو ڪرڻ لاءِ هليو ويو.

روشن آرا جي دل چاهيندي هئي ته پنهنجا ۽ ٻارن جا فوٽا ڪڍرائي. پر هن کي ڄاڻ هئي ته قدوس گهر ۾ ڪا تصوير ڏسي ته پاڻيءَ مان نڪريو وڃي ۽ ”حرام!“ ”حرام!“ جا واڪا ڪري، اپ آسمان ڦاڙيو ڇڏي.

اهڙي موقعي تي هن جي دل ٻه چوندي هئي ته سٽ سري ٻڌائيس ته ”اصل ۾ ته حرام تون آهين، تون ئي حرام جي پاڙ آهين.“ پر اڄ تائين هوءَ ائين ڇئي ڪرڻ سگهي هئي.

ڪيئي لڳا هن خيال ڪيو ته ماءُ سان پنهنجي مڙس جي

شڪايت ڪري، پر وري خود ئي سوچيائين: شڪايت ڇاجي ڪريان؟ ڇا اُين چوان ته منهنجو مڙس مون کي سئنيما تي وڃڻ نه ٿو ڏئي، يا ريڊيو ٻڌڻ کان روڪي ٿو، يا برٿ ڪنٽرول استعمال نه ٿو ڪري يا مون ڪمزور کي روزا رکڻ تي مجبور ٿو ڪري، يا رات جو ٻار پوري ننڊ ڪرڻ نه ٿا ڏين پر صبح جو سوير ئي جاڳائي زوريءَ نماز ٿو پڙهائي يا سرخي پائوڊر لڳائڻ کان منع ٿو ڪري، ياپردو ٿو ڪرائي.... ڪير انهن شڪايتن ۾ منهنجي پٺڀرائي ڪندو؟ هنن جي خيال موجب ته اهي سڀ ديني احڪام آهن.

انهيءَ ڪري هوءَ ڪنهن سان پنهنجو ڏکڙو به اوري ڪونه سگهي هئي. اندر جا طوفان ڇپن تائين اچي ڇپ ٿي ويندا هئا.

هوءَ سوچڻ لڳي: چوندا آهن ته صبر جو ڦل مٺو آهي پر اهو وڏو ڏڪو آهي. مون کي زندگيءَ جي تجربي سيکاريو آهي ته صبر جو ڦل ٿوهر کان وڌيڪ ڪوڙو آهي. صبر ڪرڻ ۾ مظلوم بنجي ڳوڙها وهائي، رحم طلب ڪرڻ سان عورت کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. هتي بغاوت ۽ جرئت درڪار آهي.

هن کي ننڊ اچي وئي، ڏاڍي گهري ننڊ. اها ننڊئي ته هئي جا ڪن ڪلاڪن لاءِ هن کي دکن جي دنيا مان دور ڪئي ويندي هئي. ڪلاڪ منو مس ننڊ ڪئي هونداڻين جو ڪڙڪيدار ۽ ڪئور آواز ڪنن ۾ پيئس: ”اٿي، اٿي، نماز جو وقت ٿي ويو آهي.“ هو هن کي ڌونڌاڙي به رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اڪيون کوليون: ”اف! هيڏو ظلم، ساري دنيا جي بادشاهي ملي ته به هن وقت بسترو نه ڇڏيان.“ هوءَ وري ننڊ جي گود ۾ پهچي وئي.

”ڀڄ ڪونه ڇا؟ نماز جو وقت قضا ٿي رهيو آهي. آت، آت!“ ۽ ٻانهون ڪان جهلي هن کي ٻه ٽي زور سان لوڏا ڏنائين.

روشن آرا جاڳي پئي ۽ نفرت وچان هن جي هٿ کي پري اڇلي، چيائين: ”نماز قضا ٿي وينديءَ ته ڪهڙو محل ڊهي پوندو، ڇا مان تنهنجي نماز ۽ مذهب کي ڌوئي پيئندس. تو انهيءَ خيالي جنت خاطر منهنجي زندگي جهنم بڻائي رکي آهي. نه پڙهندس مان نماز، نه پڙهندس، نه پڙهندس، نه پڙهندس!“ ائين چئي، هن چادر ڇڪي، چهرو ڍڪي ڇڏيو.

هن وقت روشن آرا جون ڏصي پريل اکيون ۽ چهرو ڏسي، عبدالقدوس به هيسجي ويو. وري هن کي هٿ لائڻ جي همت نه ٿيس، ۽ دل ۾ ”توبهه، توبهه استغفرالله“ چوندو واپس وڃي مصلي تي ويٺو.

★

راڻي پور، ٢٤- سيپٽمبر ١٩٥٨ع
روح رهاڻ: جنوري ١٩٦١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رقابت جا رنگ

هيءَ آهي اهو خط، جو منهنجي زال جي هٿ چڙهي ويو ۽ جنهن ڪري گهر ۾ ممڻ متو:

”منهنجا منهنجي پنهنجي زندگيءَ کان پيارا: تنهنجو خط مليو. مون کي جيڪڏهن خبر هجي ها ته هيءَ دعوت فقط مون کي جلائڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي ته شايد اتي قدم ئي نه رکان ها. توکي جي بيگم سان اچڻو هو ته پوءِ بيڪار مون کي اچڻ لاءِ چوڻ جي ضرورت ئي ڇو درپيش آئي. ڪن ۾ سور هجڻ ڪري اجازت نه ٿي ملي. پر ضد ڪرڻ سان مس مس بابو سائين راضي ٿيو. وڏن امنگن سان وقت کان گهڻو اڳ تيار ٿي ويئس. اها خوشي هئم ته اسين رات جو ايتري دير تائين هڪ ٻئي جي ويجهو ڪونه ويٺا آهيون، يا هڪ ٻئي کي نه ڏٺو اٿئون. اڄ ئي پهريون ڀيرو اهڙو موقعو ملي رهيو هو. پر سڀ اميدون ان وقت غصي ۾ تبديل ٿي ويون، جنهن وقت، مان رڪشا مان لهي رهي هئس ۽ توهان ٻئي دروازي ۾ داخل ٿي رهيا هئا. مان توکي ٻڌائي نه ٿي سگهان ته ان وقت منهنجي ڪهڙي حالت ٿي. مگر مان ڪري به ڇا ٿي سگهيس. هوءَ ته تنهنجي نڪاح ٻڌي زال آهي، مان هن جو مقابلو ڪٿي ڪري ٿي سگهان. مان ته پنهنجي محبوب جو رڳو نالو ٿي وٺان ته ٻانار ٿي ٿي وڃان. اسان جو سماج اهڙو آهي، جتي ڇوڪريءَ لاءِ پنهنجي مڙس کان سواءِ ٻئي مرد جو رڳو تصور ڪرڻ به پاپ آهي.

مون کي ته اهو خواب خيال به ڪونه، هو ته مان اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص کي پنهنجو ديوتا بڻائيندس، ۽ جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيندو ته سهڪو طعنو هڻندو ته هيءَ اهڙي مرد جي پوڄا ڪري ٿي، جنهن جي اول ڏي زال موجود آهي. ٿيو به ائين. ماڻهن کي پتو پئو سان، جو اسان جي باري ۾ گند اڇلايو ويو، سو توهان کان لڪل ڪونه آهي. پر اسان تڏهن به هڪ ٻئي سان ملڻ کان باز ڪونه آياسون، ۽ باز ڇو اچون. اسين ته صرف پيار ڪريون ٿا، اهڙو پيار جنهن تي فرشتا وفا، خلوص ۽ خوشيءَ جي گلن جي ورکا ڪندا رهن ٿا.

اڄ خبر ناهي ڇو منهنجي دل گهبرائي رهي آهي (تون ته منهنجو آهين نه!). پتو ناهي ڇو باربار تنهنجي شڪل منهنجي سامهون اچي رهي آهي. مان سڄي رات رُئندي رهيس ۽ توکي ياد ڪندي رهيس. هن وقت صفا اڪيلي پنهنجي ڪمري ۾ ويهي توکي هيءُ خط لکي رهي آهيان. خبر ائين هيءُ ڪهڙو وقت آهي؟ اهوئي اسان جي پيار جو وقت، يعني، ڏينهن جي روشنيءَ جي رات جي تاريڪيءَ ۾ گم ٿيڻ واري مهل. شروع ۾ ان سمي ئي ته مان توسان هر روز ملڻ ايندي هئس.

ڏس ڪيتري نه ياد اچي رهي آهي انهن پيار جي شامن جي. هيءَ ئي مند هئي. ياد ائين اها حسين شام، جڏهن مان صفا صحتياب ٿي تو وٽ آئي هئس ۽ ان ڏينهن کان اسان جي زندگي شروع ٿي (زنده ته اڳ به هئاسين).

تون ته خبر ناهي ڪڏهن کان منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هئين. توکي ته اهو به پتو نه پيو ته هن دنيا ۾ تنهنجو

ڪو چاهڻ وارو بہ پيدا ٿي چڪو آهي. مان تہ تنهنجي ساموهون ڳالهائيندي بہ ڊڄندي هئس تہ متان پنهنجي هيٺي دل هٿان مجبور ٿي، وات مان ڪا اهڙي ڳالهہ نہ نڪري وڃي ۽ منهنجو من جو مٺيو ڪاوڙجي نہ پوي تہ مان پرٽيل ۽ بارن ٻچن وارو آهيان ۽ هن احمق ڇوڪريءَ ڪي ايتري بہ ڄاڻ ڪانهي تہ منهنجي شادي ٿي چڪي آهي. حالانڪ منهنجا مٺڙا، مون ڪي اهي سڀ خبرون هيون.

پر ان ڏينهن مون ڪي ڇا ٿي ويو، ڪيئن شيشي پڳي ۽ بہ دليون ڳنڍجي ويون، مون ڪي ڪجهہ خبر ناهي. ان ڏينهن، ان گهڙيءَ واري ڪيفيت تہ مان شايد عمر پر وساري نہ سگهنديس. ڪاش! اهي پيار ۾ ٻڌل اکيون وري ڏسان. مان انهن اکين جي مالڪ جي قدمن ۾ پنهنجي پوري زندگي گذارڻ ٿي چاهيان.

مون تنهنجي تصور سان دل جي دنيا آباد ڪئي. ان ڪان اڳ مون ڪنهن بہ مرد جي راهہ نہ ڏٺي هئي. مان انهن ڇوڪرين مان هئس، جي سماج ۽ معاشري جو احترام ڪنديون آهن ۽ منهنجي لاءِ ماءُ پيءُ ڪان مقدم ڪا بہ چيز ڪانہ هئي. فقط اها دعا گهرندي هئس تہ منهنجو پاڻ اهڙي انسان سان اٽڪي، جو مون ڪي دل جان سان پنهنجو بڻائي. اها دعا قبول تہ پئي. تنهنجي خطن ۽ ڳالهين مان ظاهر آهي تہ تون صرف منهنجو آهين، صرف مون ڪي تنهنجو پيار حاصل آهي. مگر رات توهان ٻنهي ڪي گڏ ڏسي مون ڪي ڇا ٿي ويو، جو تنهنجو سارو پيار وساري تو ڪي الاهي گهٽ وڌ ڳالهايم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن مون کي اٿين ٿي جلائڻو هئي، ته مون کي سڏائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هاڻي مان ڪڏهن به تو کي پنهنجي شڪل نه ڏيکاريندس. ان وقت به اها ڪوشش ڪيم ته جيئن تنهنجي مون تي نظر نه پوي. اهائي تنهنجي لاءِ سزا هئي. هونءَ به مون ڪتاب ۾ هڏي ٻنجھ نه ٿي گھريو. ان ڪري اهڙي جڳهه وڃي والاريم، جتان مان ته توهان کي ڏسي ٿي سگهيس، پر توهين مون کي ڏسي نه ٿي سگهيا. مان سولائيءَ سان تنهنجي هر چرپر ڏسي رهي هئس. اهو به ڏسي رهي هئس ته تون ويٺي ويٺي، ڪنهن جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏاڍي بيچينيءَ سان نظرون ڦيرائي رهيو هئين. مزو ته ڏاڍو پئي آيم، پر غصي جو غلبو پڻ هو. واقعي تون شاندار قسمت جو مالڪ آهين. هڪڙي پهلوءَ ۾ ته ٻي تصور ۾. دنيا ۾ تمام ٿورن ماڻهن کي اهڙي قسمت ملي هوندي.

ها اهو به ٻڌائي ڇڏيانءِ ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ مان توسان ملڻ ايندس. توسان خوب لڙندس. پر مان ته تنهنجي سامهون اچڻ تي هر چيز ڀلائي ڇڏيندي آهيان. ڪاوڙ ڪافور ٿي ويندي آهي. پتو ناهي ڪهڙو جادو آهي، جو بي اختيار پيار اچي ويندو اٿم.

ٻيو ته ٻڌ، تو ڪنهن شئي لڳڻ ڪري ڇرڪ ڇو ڀريو؟ اڙي مان هئس، تنهنجي مومل. پورن اڌن آڌن جو نقصان ڪيم، يعني ڀهرين ته ٽماٽي ڀيسا اڇلايم، پر نشانو غلط ٿي ويو. ٻيو غصي ۾ اچي مون ٠٠ تنهنجي ساهيڙيءَ چوڙيون ڀڃي، انهن جا ٽڪرا هٿ ۾ جهلي، تو ڏانهن اڇلايا. واهه

جو تير نشان تي لڳو. هال ۾ اونده هئي . سيني جو ڏيان اسٽيج طرف هو. ڪنهن کي پئي آهي، جو ورائٽي شوجا مزا چڏي، هڪ پيار جي ديوانيءَ جون حرڪتون وبهي ڏسي. تو به ته پوئتي نهارڻ جي جرئت نه ساري. اُتم بم جو پرسان موجود هو. جي ڪا حرڪت ڏسي وئي ها ته باروت ڦاٽي پوي ها ۽ پوءِ ڪٿي رهي ها جناب جي عاشقي ۽ جناب جو پيار.

توهان اهو ظلم ڪيو جو پروگرام پورو ٿيڻ کان اڳ ئي هليا ويا. توهان جي وڃڻ بعد، منهنجي به ساري دلچسپي ختم ٿي وئي . منهنجيون دلچسپيون ته توسان ئي ڳنڍيل آهن، منهنجا سائين!

تنهنجي پنهنجي "مومل"

گهر ۾ مٿل ممڻ جي گهٽتا پوءِ ٿو لکان. پهرين هن خط ۾ آيل ڪن ڳالهين جي چٽائي ڪريان ٿو، جئن پڙهندڙ سچي ڳالهه سمجهي سگهي. شيشي ڀڃڻ جو واقعو هن ريت هو:

ان ڏينهن هوءَ دوا وٺڻ آئي. مان هن جي چڪاس ڪري، هن کي نسخو ڏنو. ان مهل ٻيو ڪو مريض ڪونه هو. هوءَ ڪمپائونڊر کان دوا وٺي، ٻاهر وڃڻ لاءِ، منهنجي ميز آڏو اچي لنگهي. هن برقعي جو نقاب اچا هيٺ ڪونه ڪيو هو، ان ڪري هن جو منهن ڪليل هو. جڏهن بنهه منهنجي سامهون آئي ته اوچتو ٺڪاءُ ٿيو . هن جي هٿ مان شيشي ڪري پئي هئي ۽ پرزا پرزا ٿي وئي. اهو ته ياد ڪونه اٿم ته ٺڪاءُ کان اول به ڪو منهنجو هن ڏي خاص توجهه هو، پر ٺڪاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ سان، منهنجون نظرون هن ڏي ڪجهي ويون. هؤ مرڪي رهي هئي، ۽ هن جي اها مرڪ هڪدم منهنجي من جي پاتار ۾ پهچي وئي. مون کي محسوس ٿيو ته اها رواجي مرڪ نه آهي. ان مرڪ ۾ پنهنجائي هئي. اها مرڪ خاص منهنجي لاءِ هئي. اها مرڪ، رڳو اها نه هئي جا اهڙي موقعي تي ماڻهو ڪڪو وڪر ٿيڻ ڪري، ظاهر ڪندو آهي. ان مرڪ ۾ شرميلپڻ ۽ حياءَ جي لهر هئي. ان مرڪ ۾ نياپو هو، ڪوٺ هئي. ان مرڪ ۾ شڪايت هئي. مون ڪڏهن اهڙي پياري مرڪ نه ڏٺي هئي. دنيا جا حسين ترين گل ٽڙي پيا.

منهنجي چپن تي پاڻ مرادو مرڪ جون لهرون مڙي آيون. منهنجي دل جا ڪنول کلي پيا. منهنجي جيون جي تارن ۾ جنبش پيدا ٿي. منهنجي من جي ماڻيٺي درياهه ۾ طوفان اٿيو.

منهنجي موٽ واري مرڪ ڏسي، هن جي مرڪ جو موتيو وڏيڪ ٽڙي پيو. حياءَ ڪان هن جي ڳلن جو ريشم ڳاڙهو ٿي ويو.

هن ڪجهه ڪونه ڪڇيو، پر مون چيو: ”پرواهه ناهي، ويهه ته ٻيءَ شيشيءَ ۾ توکي دوا ٿا ڏيون.“

اتي جڏهن ته هوءَ هوش ۾ آئي. هن جي چهري تي گهٻراهٽ جا پاڇولا نظر آيا. ٽڙڪندڙ آواز ۾ چوائين: ”نه نه، مان وڃي ٿي گهران ٻي شيشي موڪليان.“

مون کي هن جو آواز، سرندي مان نڪتل سُر محسوس ٿيو، جڏهن ته منهنجي ڪنن تائين هي آواز هوا جي لهرن تي نه پر ماڪيءَ جي لهرن تي پهتو هو.

هوءَ ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري وئي، جڏهن ته ڌپ هوس ته مٿان ان گهاريل گهڙيءَ جون خوشيون ڪو ڪسي نه وٺي .... ۽ مون چاهيو ٿي ته هوءَ ائين بيٺي رهي، ائين هن جي مسڪراهٽ جو ڦوهارو وسندو، منهنجي دل جي ٻٽڻ ڪي ٽير ڪندو رهي.

مان پاسو ورائي، هن کي گهٽيءَ مان ويندو ڏسندو رهيس. هن جي چال ڏاڍي پياري ۽ ڪشش واري محسوس ٿيم. هوءَ جڏهن ته وک وک سمجهي ۽ سوچي کڻي رهي هئي. هر وک تي هن جي جسم جو مٿيون حصو اڳتي ٿي لڏيو ۽ وري پوئتي ٿي آيو. پنيان، هن جي برقعي مان به اپريل ڏڏين جي لکن جي لوڏ، منهنجي اندر ۾ اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي.

مون کي اهو به محسوس ٿيو ته هن وقت هن جا قدم پختا نه هئا هن کي پڪ هئي ته ڪنهن جون بيقرار نگاهون سندس پيڇو ڪري رهيون آهن.

پوءِ ڪنڊ تي پهچي، هن پوئتي نهاريو. هن جي چهري تي وري مرڪ آئي، ۽ هوءَ هڪدم منهن ڦيرائي، گهٽي مٿي هلي وئي، جڏهن ته اوندهه ۾ پري پري، هڪڙو تارو ٽمڪيو ۽ گم ٿي ويو.

منهنجي من ۾ هن جي موهڻي مورت چانئجي ويئي. هوءَ قداور ۽ ڪڻڪ رنگي هئي. سنهي هئي، پر هن جي بدن جون سونهن واريون گولايون ۽ گولا پريل ۽ پرپور هئا. هن جو چهرو، هن جا چپ، هن جو نڪ، هن جا ڳل سڀ مسڪراهٽن جي لهرن جو سمنڊ هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماں ان ڏينهن جي ڪيفيت کي هنئين بيان ڪندو آهيان:
"انهيءَ ساعت، انهيءَ گهڙيءَ، انهيءَ لمحي، منهنجي احساسن ۾ محسوس ٿيندڙ طوفان آيا، زلزلا آيا، انقلاب آيا."

اها ساڳي ڇوڪري اڳ به مون وٽ آئي هئي، اڳ به هن کي ڏٺو هوم، پر منهنجي توجهه جو مرڪز نه بني هئي. پر اڄوڪي لمحي کانپوءِ هن جو سريرَ، هن جي مرڪ هن جو آواز، هن جي چال، هن جي هر شئي، دنيا جي هر چيز کان مٿاهين، نرالي ۽ پياري ۾ پياري محسوس ٿيڻ لڳي.

هوءَ وري ان لمحي کي هنن اکرن ۾ ياد ڪندي آهي:
"شيشي ٽڪرا ٽڪرا ٿي، ۽ به دليون گڏجي ويون."

هوءَ پندرهن سورهن سالن جي سهڻي ڇمار جي هئي ۽ مئٽرڪ جي شاگردياڻي. سندن گهر منهنجي اسپتال جي ويجهو هو. ان ڪري اڪيلي به ايندي هئي ته ماءُ يا ننڍڙي ڀيڻ سان پڻ.

ماءُ ... ڪوڙڪي ۾ ڦٿڪندو رهيس. هن جي ... ليڇو وڃايم. مون کي اميد هئي ته هوءَ ... ڪٿي ايندي. پر نه خود آئي ۽ نه ... ڪائين.

... هن کي ڏسندي ئي منهنجي دل ... کي چڪاسيندي ۽ لکندي ... ستوري دلچسپي قائم ڪونه ... ڏي هو. جنهن ڪري ... ڪونڙيءَ ۾ ڀريندي ...

ضاعفن کي ڏنم. پڇاڙيءَ ۾ هوءَ اڪيلي وڃي رهي. مان هن جي سامهون هوس.
هن مشڪيو- ون مشڪيو نه، مون مشڪيو هن مشڪيو
منهنجي من تان مڻين بار لهي ويو.
”صبح دوا ڪونه گهرائي؟“
هوءَ چپ. ڪنڌ هيٺ.
”ڀڄاءِ دوا ڇونه گهرائيم؟“
ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏي نهاريائين. هن جي اکڙين جا چنڊ ابريا، هن جي مرڪن جا تيزو تڙيا. وري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. ڇڻ ته نظرون ملائڻ چاهيائين ٿي، پر نه ٿي ملائي سگهي. هن جا چپ ٿورو چريا، ڄڻ ڪجهه چوڻ واري هئي، پر دل جي ڳالهه چپن جي چائنٺ اورانگهي ڪونه سگهي.
مان هن جي جهڪيل منهن ۽ مٿي کي ڪي گهڙيون گهوريندو رهيس. هوءَ مانت هئي.
ان وقت مون کي هن کي ڇهڻ جي بي انتها خواهش پيدا ٿي. پوءِ هن جي ٻانهن، پنهنجي هٿ ۾ ائين ورتم ڄڻ ته نبض ٿي ڏسان. هن جي ٻانهن ۾ ڏڪڻي هئي، منهنجي هٿ ۾ ڏڪڻي هئي. هن جو بدن، تپ نه هوندي به ڪوسو هو. هن جي نار، تپ نه هوندي به تکي هئي.
اتي ڪي بيمار عورتون ڪوٺڙيءَ ۾ گهڙيون. مون هن جو هٿ ڇڏي ڏنو. هن کي نسخو ڏنم ۽ هوءَ دوا وٺي هلي ويئي.

ٻئي ڏينهن هوءَ وري شام جو آئي. وري منهنجي دل ڌڙڪي، وري منهنجو چِٽُ بي چئنو ٿيو، وري هُن کي پچاڙيءَ ۾ ڏٺم، وري هن کي ڇهڻ واسطي نبض ڏسڻ جو نمونو اختيار ڪيم. هوءَ مرڪندي رهي، شرميلي نگاهن سان ڏسندي رهي. پوءِ هن جو هٿ، پنهنجي هڪڙي هٿ ۾ جهليو، ٻئي سان ان جي ترِي کوليم. هٿ وڏيا ته ڪونه ڄاڻان، پر هن جي هٿ جون ليڪون ڏسي، فقط ايترو چيم (جو اتفاق سان هئو به سچ) ته "تنهنجي هٿ ۾ هيءَ ليڪ اهڙي آهي، جهڙي منهنجي هٿ ۾ پڻ آهي."

"اها ڇاجي ليڪ آهي؟" هن جي چپن مان سرندو وڃيو.

" اها ته مون کي خبر ڪانهي، پر انهيءَ مان اشارو ته ڪنهن چڱي ڳالهه جو پيو ملي."

هن وري ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

مون هن جو هٿ ڪونه ڇڏيو. پر اهو هٿ هوريان مٿي پنهنجي چپن تي آڻي، ان کي هلڪي هلڪي، تمام هلڪي چمي ڏنم.

مون کي هن جي ناراضگيءَ جو انديشو جاڳيو.

پر موٽ ۾ هُن، منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ ڌيري ڌيري، پنهنجي چپن تي آڻي، ساڳئي نموني چميو.

منهنجي هٿن ۾ ڪنبڻي هئي، منهنجي چپن ۾ ڪنبڻي هئي هن جا هٿ ڏڪيا ٿي. هن جا چپ ڏڪيا ٿي، ڄڻ ته بسنت جي ٿڌيري پرهه جو، هلڪي هير ڪري، سهڻا سهڻا پنڄ سايون سايون ٿاريون جهولي رهيون هجن.

هن جي موت واريءَ ڇميءَ منهنجي لاءِ بهشت جا دروازا کولي ڇڏيا. مان خوشين جي آسمان تي پهچي ويس. منهنجي زندگيءَ جي پهاڙ مان پيار جا چشما ڦٽي نڪتا. منهنجي دنيا رنگا رنگي پوپٽن مان سينگار جي وئي.

انهن گهڙين جي حادثي ۾ گم سم، پتو نه اٿم ته باقي وقت ڪيئن اسپتال ۾ گذاريم ۽ ڪيئن گهر پهتس. اهو هوش نه هوم ته ڇا پيو کاوان، ڇا پيو پيان، ڇا پيو ڏسان، ڇا پيو ڪريان! دماغ، اهو تصورن‌جي وري پئي ڌهرائڻ چاهيو، ۽ دل، مستي ۽ عجيب خوشيءَ سان ڇلڪي رهي هئي. جي ننڊ ۾ هوس ته به خواب پئي ڏٺم، جي جاڳيس پئي ته به سهڻا سپنا سامهون هئم.

ٻئي ڏينهن، مان هن لاءِ ننهن‌کان چوٽيءَ تائين اوسيئڙو ڀنيو رهيس. دل به اوڏانهن اکيون به اوڏانهن، خيال به اوڏانهن، ذهن به اوڏانهن.

هوءَ ٽي ڏينهن ڪونه آئي. سون ڪي وهم ۽ انديشا ويڙهي ويا. ڪٿي ناراض ته نه ٿي وئي، ڪٿي پڇتايو ته نه اٿس، ڪنهن کي شڪ ته نه پيو آهي ۽ هن جي مائٽن کي ته نه ٻڌايو اٿس!

چوٿين ڏينهن هوءَ آئي. ٽلندي، ساهه سر صدقو ڪرڻ واريون وکون کڻندي. مان ته هاڻي هن کي برقعي ۾ ڍڪيل هوندي به سڃاڻي ٿي ويس. هن جي هلڻ ۾ رقص جو اڻ لکو رنگ رچيل هو.

ووي اڪيلائي ٿي. ميٽريون صديون (هئا ته ڇڙا ٽي ڏينهن) نه اچڻ جي شڪايت ڪيم. اڄ کلي طرح پيار جو اظهار ٿيو ۽ هڪ ٻئي کان شخصي خبرون چارون پڇيوسين.

اوچتو ڪنهن مائيءَ جي اچڻ جي آهٽ ٿي. ٽپ ٽپاسڻي جيا منهنجي هٿ ۾ هئي ، هڪدم ڪري هن جي وات ۾ وڌم، ڇو ته بخار ٿي ڏٺومانس. مائيءَ کي نه رڳو ڪِري پيئي هئي، سا پڇي موٽي وئي.

اهو ڪيئن ٿيو؟ ان لاءِ سوچيو ته ڪونه هوم. جئن ئي مائي ڪوٺڙيءَ مان نڪتي، مان مومل (اهو پيار جو نالو رکيو هومانس) جي وات مان ٽپ ٽپاسڻي ڪڍي، پنهي هٿن سان هن جو چهرو مٿي ڪري، هن جي چپن تي ڀرپور چمي ڏئي ورتي .

هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ خاموش رهي.

مان به ماٺ ۾ هن ڏي نهاريندو رهيس. منهنجي دل ۾ ڪجهه انديشا جاڳيا.

”ڇو ماٺ ٿي وئينءَ؟“ مون پڇيو .

”ڪير ڏسي وئي ها ته؟ هن چيو.

”اهڙو ڇريو مان به ڪونه آهيان.“

”ڪم ته ڇرين وارا پيا ڪريو . پلا هي تنهنجي هٿ وارو ٿرماميٽر پڇي پوي ها ته؟“

”واهه ، تو کي ٿرماميٽر پڇڻ جو ته اونو آهي ؛ پر منهنجي دل ٽٽڻ جو خيال ڪونه آئي .“

هن کليو، مون کليو، دنيا جي هر گل کليو، چنڊ کليو، تارن کليو ، ساري سنسار کليو . زمين کان آسمان تائين ؛ افق کان افق تائين گهنگهرو گونجڻ لڳا.

پوءِ پيار جو پودو وڌي وڻ ٿيو. ٽڙ مان تاريون ٿيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍين ڏي ڳوڙها ٽيا، ڳوڙهن مان پڻ ٽيا، پوءِ ٻُور ٿيو، ٻُور مان مکڙيون ٿيون، مکڙين مان گل ڦٽيا. ساوڪ ٿي، سونهن ٻهڪي، سرهاڻ ڦهلجي.

ڪٿي ۽ ڪيئن ملندا هئاسين، هن جي ڪهڙين ساهيڙين سان ڏنو يا منهنجا ڪهڙا دوست همراز هئا، سي ڳالهيون مان ظاهر ڪرڻ نه ٿو گهران، ۽ نه وري اهو تفصيل ڏيئي، ڏيکارڻ ڪرڻ درست آهي.

عام رواجي سماجي بندشون ته ضرور هيون، خوش قسمتي سان اسان جي پيار جي پڄري ۾ ڪنڊا ڪونه وڇايا ويا، اسان لاءِ پابندين جا پهاڙ کڙا ڪونه ٿيا، اسان کي وڇوڙي جي وڏين وادين ۾ ڀٽڪڻو ڪونه پيو، اسان جي وچ ۾ جدائيءَ جا ست سمنڊ حائل ڪونه ٿيا، اسان جي راهه ۾ خاص رڪاوٽون ديوار ڪونه بڻيون.

اسان جون ملاقاتون ٿوري گهٽي وڌيءَ سان جاري رهيون. انهيءَ خوش نصيبيءَ جا ڪي سبب هي هئا: هڪ ته هي وڏو شهر آهي، جتي ڪنهن واقفڪار جي نگاهن ۾ چڙهڻ ڪانسواءِ ملڻ جا هنڌ ملي سگهن ٿا. ٻيو ته ڊاڪٽر وٽ اچڻ سولو آهي، بيماريءَ جو بهانو هروقت ٺهي سگهي ٿو ۽ ڊاڪٽر کان پردو ڪونه ٿئي. ان ڪانسواءِ هوءَ شاگرديائي هئي، اسڪول مان ڪڏهن سوير موڪل ملندي هئس، ڪو جشن يا پڪنڪ هوندو هو، ته هوءَ اوڏنهن وچ بدران منهنجي دنيا اچي آباد ڪندي هئي. هوءَ گرل گائيڊس ۾ به هئي، ان جي سڪيا وارو وقت مون وٽ هلي ايندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هوءَ ڪاليج ۾ گهڙي ته پاڻ وٽ ڪيڏا موقعا ميسر ٿيا.

ڪي بدناميءَ جا وقت به آيا. هن جي ڪن مائٽن ڪي اسان جي ملاقاتن جي ڪڙڪ پئجي وئي. وڏاءُ ڪري هن جي ماءُ جا ڪن پريا ويا. پر ماءُ جو پنهنجي ڌيءُ ۾ پورو ڀروسو هو. هن ڪان پڇيائين ۽ سمجهايائين. ڳالهه اتي ئي درگذر ٿي وئي. مردن ناڻين معاملو ڪونه پهتو.

مون کي خيال ايندو هو ته هتي سماج جي بندشن ۽ پابندين ڪري، پيار ڪندڙن کي لڪ ڇپ ۾ اونداهين ڪرڻيون، ويران جڳهين ۽ بند دروازن پٺيان ملاقاتون ڪرڻيون پون ٿيون. ورنه پيار جهڙي عظيم، سچاويڪ ۽ نفيس جذبي جي خوشين ۾ چار چنڊ لڳي وڃن، جي پيار ڪندڙن کي آزاد ذهن ۽ هلڪي من سان دريائن، سمنڊن، باغيچن، گلن جهڙالن ڏينهن، برسني رت ۽ چانڊوڪين جي نظارن جي پس منظر ۾ ملڻ ۽ مائڻ تي پابنديون نه هجن.

هوءَ چوندي هئي "مان ته توهان کي ٻهرين پيري ڏسڻ سان ئي توهان ڪان متاثر ٿي هئس ۽ اهاني بهاني توهان جي درشن لاءِ توهان جي اسپتال ۾ ايندي هئس. پر توهان جي دل جي تارن کي ڇهي ڪونه سگهيس. پاڻ ٿمي شيشي پڇڻ جو، جو پاڳ کليو. اها به نوڪي ڏسڻ جي شوق، بيوسي ۽ گهبراهٽ ڪري هتي مان ڪسڪي وئي هئي."

مان وراڻيندو هوس: "مون کي ته ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ ته صدين کان منهنجو روح تنهنجي تلاش ۾ هو."

پر ڏينهن لاڳيتو نه ساڳيا هئاسين، ته اڳتري بيقراري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيندي هئي، جو خط ذريعي پنهنجي پيار جي اڻ ڳڻيا جذبن جو اظهار هڪ ٻئي کي لکي موڪليندا هئاسين. ڪڏهن ته ملڻ واري ڏينهن تي وري خط لکڻ جي ضرورت محسوس ڪندا هئاسين.

اسان ٻئي اڪيلا گڏ ڪڏهن به سئنيما تي نه وياسين. پر هميشه ڪندا هئاسين، جو سنئون سنئون ساڳيءَ قطار ۾ هوءَ پنهنجي ڀاءُ يا ڀيڻ سان ايندي هئي ۽ مان اڪيلو يا ڪنهن سنگتيءَ سان پهچندو هوس. اتي اندر هڪ ٻئي جي نظرن جي گهيري ۾ ئي وهندا هئاسين. الڳ الڳ ويٺل هوندي به، ساڳئي هال ۾ محبوب جي موجودگيءَ جو احساس هڪ عجيب آسيس ڏئي ڇڏيندو هو. ان ماحول ۾ محبوب جو ساهه ۽ هڳاءُ رچيل هوندو هو. ان هوا ۾ پرينءَ جو پيار سمايل هوندو هو.

منهنجي دل چاهيندي هئي ته هوءَ مون کي ”راڻو“ ڪري ڪوٺي. پر هوءَ چوندي هئي ته ”مون کي تنهنجو اصل نالو بيحد پسند آهي، ڊاڪٽر حبيب الله، ڊاڪٽر حبيب، تون منهنجو حبيب آهين، تون منهنجو ڊاڪٽر آهين.“

هن جي پيار مون کي نين خوشين ۽ نون جذبن سان روشناس ڪرايو. عورت ۽ مرد جي سنبنڌ جو مزو ئي تڏهن ٿو حاصل ٿئي، جڏهن ساٿي، جذبن جي موٽ جذبن سان ڏئي، هو ساٿيءَ جي هر خواهش ۾ خوشي ڏيکاري ۽ احساس پيدا ڪري ته هو ان ۾ پوري دلچسپي وٺي رهيو آهي ۽ لطف ماڻي رهيو آهي. اهڙو رد عمل فقط پيار جي حالت ۾ ممڪن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ منهنجي هر خواهش، هر فرمائش، هر امنگ هر تمنا جي اهڙي ته شوق سان پورائي ڪندي هئي ۽ ايتري ته خوشي حاصل ڪندي هئي ۽ اهو به محسوس ڪرائيندي هئي ته هوءَ خوشي حاصل ڪري رهي آهي، جو منهنجو لڱ لڱ ٺري پوندو هو، منهنجي روح جو ذرو ذرو راحت سان ٽمٽار ٿي ويندو هو، منهنجي رڳ رڳ ۾ رباب جي سُرن جون ڪتڪتايون ٿينديون هيون.

مان سوچيندو هوس ته ٻه انسان، جي هڪ ٻئي کي ايترو چاهين ٿا، هڪ ٻئي جي پيار ۾ ٻڏل آهن، هڪ ٻئي جي سات ۾ اڻ مئي خوشي محسوس ڪن ٿا، اهڙي خوشي جا هنن دنيا جي ڪنهن به ٻي چيز ۾ ماڻي نه هجي، انهن کي چونه هميشه لاءِ، يا جيستائين هو ٻئي چاهين، گڏگذارڻ ڏنو وڃي؟

منهنجي پيار جي ڪهاڻي اڌوري رهجي ويندي، جي مان هن جي جسم جي سڳنڌ جو ذڪر نه ڪندس. هن جي جسم ۾ اهڙي سرهاڻ هئي، اهڙو سڳنڌ هو جو فقط هن جي جسم ۾ هو، ۽ جو بيحد وڻندڙ، تازو ۽ مست ڪندڙ هو. پوڄاري، ديوين آڏو اگر بتيون ۽ ڪافور ٻاري خوشبوءِ ۽ واس ڪندا آهن، پر منهنجي مومل ته خودئي خوشبوءِ جي ديوي هئي، جنهن منهنجي دنيا، منهنجي حياتي، منهنجو سرير منهنجو ساهه، منهنجو روح خوشبوين سان ٻري ڇڏيو هو.

مان محسوس ٿو ڪريان ته هن ڪهاڻيءَ ۾ مان پنهنجي مومل جو ڪردار اُڀاري ڪونه سگهيو آهيان. ان لاءِ ننڍي ڪهاڻي ڪافي نه آهي، ان لاءِ مون کي ڊگهي ڪهاڻي لکڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندي، نه، ڏکهي ڪهاڻيءَ مان به ڪم نه ٿيندو، هن جو ڪردار پوري طرح پڌرو ڪرڻ واسطي، مان ناول لکندس.

پيار منهنجي دنيا بدلي ڇڏي هئي ۽ منهنجي حياتيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو هو. مان پنهنجو پاڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳو هوس. بدن جي چند ڦوڪ، هار سينگار، ڪپڙن لٽن ۽ فئشن جو پورو پورو خيال ڪرڻ لڳو هوس. هن جو سهڻو ساٿ ماڻ ڪانپوءِ، دنيا منهنجي لاءِ باغ باغ ٿي پئي ۽ منهنجي حياتي بهار ٿي بهار. گلن سان لڳاءُ وڌي ويو، چاندوڪيءَ ۾ نئون مزو اچڻ لڳو، پرهه ڦٽيءَ جي سونهن سرس نظر اچڻ لڳي، ۽ منهنجي ننڊ سندر سپنن سان سينگارجي وئي. اڄڪلهه مون ۾ هڪ نئين عادت پيدا ٿي : اها هئي ”پنهنجي منهن مرڪڻ“ جي. هلندي، وهندي، سمهندي، اڪيلائيءَ ۾، ڪچهريءَ ۾، مومل جي ڪا پياري حرڪت يا مزيدار گفتگو ياد اچي ويندو هو ته پاڻ مرادو مرڪڻ لڳندو هوس.

مان جو اڳ منجهيل ۽ ويڳاڻو رهندو هوس، سو هاڻي سرهو گذارڻ لڳس، دوستن وٽ وڃي ڪچهرين ۾ چاهه وٺڻ ۽ ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ ڏيڻ لڳس. دوست مون کي منهنجي ڇهري تي نئين رونق جي سوچنا ڏيڻ لڳا. مون کي دنيا جي هر شئي ۾ خوشي ۽ سونهن نظر اچڻ لڳي. هر انسان کي خوش ڏسڻ جو تمنائي ٿي پيس.

مان بيمارن کي به گهڻي چاهه ۽ همدرديءَ سان چڪاسڻ لڳو هوس. هنن کي پڻ منهنجي وهنوار ۾ وڌيڪ تسلي ٿيڻ لڳي هئي ، ۽ هنن جو تعداد وڌڻ لڳو هو . منهنجي آپت ۾ به خاصو واڌارو ٿي ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير خيرات ڏيڻ ۾ به منهنجو هٿ ڪليو ٿي ويو.

مان پنهنجي گهر واري ۽ ٻارن تي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻ لڳو هوس. منهنجو روح جو خوش هو ته سڀني واسطيدارن کي خوش ڪرڻ جا جتن ٿي ڪيم. ٻارن سان ته اول ڏي مون کي بيحد لڳاءُ هو، پر هاڻي هنن لاءِ ٽول، رانديڪا ۽ شيون، زال واسطي سوکڙيون، ڳهه ۽ لٽا ايترا آڻي ڏيڻ لڳس جيترا اڳ ڪڏهن به نه ورتا هئم. هنن کي خوش رکڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونه ڇڏيندو هوس. زال سان ناتن ۾ به گرمجوشي وڌي ويئي هئي. هن جو هر انگل، منهن ۾ گهنج وجهڻ بنا، پورو ڪندو هوس.

گهر جي ڏاهه ٺوهه جو به ڏاڍو شوق ٿيو. فرنيچر، پردا هنڌ، چادرون، ريڊيو، ٽيليويزن، تصويرن ۽ ٻئي سامان سان هر ڪمرو سينگاريو ويو.

اسان جي پيار ڪي خير جا ڇهه سال ٿي ويا.

پوءِ هڪ ڏينهن، منهنجي غفلت ڪري، مٿيون خط منهنجي زال جي هٿ اچي ويو، جنهن تتل تيل جي ڇنڊڻ وارو ڪم ڪيو.

هوءَ ڪروڌ ۾ ڀرجي ويئي ۽ رقابت هن کي انڌو ڪري وڌو. هوءَ چريـن وانگر ٻيچ ڏاهه ڪرڻ لڳي. فرنيچر، ٽيلويزن ڪيٽ، ٺارڻو (ريفريجيٽر) شيشا، ريڊيا، چيني ءَ جو سامان ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين. سڄو گهر ڏانوانڊول ڪري، وڃي مومل جي گهر رسي ۽ سڏو وڃي هن جي پيءُ کي اهو خط ڏيکاريائين. هو طيش ۾ اچي ويو ۽ سوٽي کڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي موڪل ڪي ورتائين، ۽ هن جا هڏ گڏ پڇي ورتائين. اها ڳالهه مون کي اسپتال ۾ ئي معلوم ٿي وئي.

مان جڏهن اسپتال مان گهر پهتس ته اتي پنهنجي بربادي جو نظارو ڏٺم.

منهنجي زال هڪڙي چٺي ڇڏي وئي هئي. ان ۾ لکيو هئائين: ”مان ڪا چٽي ۽ جاهل عورت ڪونه آهيان جو ڳچها ڳوڙها ڳاڙينديس، تنهنجي بدڪرداري صبر سان سهي وڃان. هاڻي تون ٻارن کان به سڪنديئن. وري ڪڏهن به هنن جو منهن ڏسي نه سگهندين. ٻي شاديءَ جي اجازت به ڪونه ملندءِ. جي مون کي طلاق ڏنئه تڏهن به مان توکي اهڙو خوار ڪندس جو ڪوبه توکي پنهنجي نماڻي ڏيڻ پسند ڪونه ڪندو. مان تنهنجا ڪرتوت وچي ٿي تنهنجي ان ڪميٽيءَ جي پيءُ کي ٻڌايان. ساري شهر ۾ خواري ٿي ڪيانءِ، ڪو تو وٽ علاج لاءِ ڪونه ايندو، توکي هي شهر ڇڏڻو پوندو، مان تنهنجي زندگي زهر بنائينديس.“

هوءِ ٻارن کي وٺي ٻئي شهر ۾ پنهنجي ڀيءُ ماءُ وٽ هلي ويئي هئي.

مان پنهنجي اونداهي آئيندي ۾ ڪنهن روشن ڪرڻي جي ذهني تلاش ڪرڻ لڳس.

★

حيدرآباد، ٢- ڊسمبر ١٩٧٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصلي نالا

هن جي ڪاوڙ جو سبب هن جي ذاتي نالي تي ٽيڪا ٽپڻي هو، يا عربيءَ تي اعتراض ، يا منهنجا ويچار، يا گهربل دوا جو نه ملڻ ، يا رت جو وڌيل داٻ (بلڊ پريشر)، سو توهين پاڻ هن ڪهاڻيءَ مان پروڙيو.

هن جي منهن مان ٿڪاوٽ ۽ بيوسي بکي رهي هئي. هو ڄڻ ته دنيا جهان کان بيزار هو. مون کي پڪ هئي ته بريل بادل اجهو ٿو گجڻ شروع ڪري ، اجهو ٿو وسڻ شروع ڪري.

آيو ته رڪشا ۾ هو ، پر اٿڻ پئي سهڪيو، ڄڻ ته ڊڪندو آيو هو ، يا چاڙهي چڙهي پهتو هو. هن جو ٻاهر نڪتل پيٽ، ڏونڌيءَ وانگي پئي سسيو ۽ ڦنڊيو.

مون کي بيمار کان فارغ ٿيندي ڏسي، چوڻ شروع ڪيائين:
”ميان صاحب! سڄو شهر نوسيو اٿم ، هڪ هڪ دڪان تي ويو آهيان، پر دوا اٿين ڪم ٿي وئي آهي ، جڻ گڏهه جي مٿي تان سڱ. ڀرين ته پنهنجي پٽ کي موڪليم. اهو رلي پني آيو. خيال ڪيم ته مٿان هن چڱيءَ طرح تلاش نه ڪئي هجي، ان ڪري مان پنهنجي سرڳولڻ نڪتس. قيمت کان وڌيڪ ڏوڪڙ به آڇيم، پر دوا نه ملي.“

ڍڪساهيءَ ڳالهائڻ ڪري، هن جو سهڪو وڌي ويو.
”چاچا، توهين دم پٽيو ته پوءِ ٿا ڳالهايون.“ مون چيو.
مون مريض کي سڏي هنئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چاچا، مون توهان کي ڪيترا ڀيرا ٻڌايو آهي ته هائي دوائن جا نالا بدلجي ويا آهن. دوا ساڳي هوندي، پر ٻئي نالي سان ملندي.“

”توڙ دوا ساڳي هوندي. تون ڏي ٻڌاءِ ته مان اهاڳالهه ڪيئن مڃان. پنجن سالن کان ويليم دوا کائي رهيو هوس. ان کائڻ سان منهنجي مٿي جي پنواتي لهي ويندي هئي، ذهني پريشاني ۾ گهٽتائي ٿيندي هئي، ننڊ گهڻي ۽ گهري ايندي هئم ۽ بلڊ پريشر به ٺيڪ رهندو هو. مطلب ته پاڻ کي نوبنو محسوس ڪندو هوس.... ۽ هائي هيءَ دوا، ڇا ٿا نالو وٺوس....“

”ڊايازيپام.“ مون چيو.

”ها، چئو ته ائين ٿا ته اها ساڳي ويليم آهي، رکو نالو بدليو اٿس؛ ان دوا جي ٽڪين جون به شيشيون ختم ڪري چڪو آهيان، ٻيڻو ٽيڻو وزن کاڌو اٿم، پر ذرو جيترو به اثر ڪونهي. سو مان ڪيئن مڃان ته دوا ساڳي آهي. هائي مون کي سمجهايو ته سڀني دوائن جي بدليل نالن، اصلي نالن، نقلي نالن جو قصو آهي ڪهڙو؟“

هي پيرسن مولانا، منهنجو پاڙيسري هو. مون کي ڏاڍو پائيندو هو، مون تي وڏڙن واري شفقت هئس، ۽ منهنجي ڪن ويچارن تي مون کي چنبڙيندو به هو. هو گهڻي وقت کان رت جي وڌيل داٻ جو مريض هو.

مون سندس سوال جي جواب ۾ ٿوري ۾ سمجهائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي:

”دوائن ۾ جيڪي ڪيميائي جزا آهن، انهن جو نالو، ان دوا جو اصلي نالو آهي. ان کي انگريزيءَ ۾ جنرڪ نيم چئجي. حقيقت ۾ جنرڪ جو مطلب آهي ’نسلي‘ ان ڪري ’اصلي نالي‘ بدران ’نسلي نالو‘ چوڻ صحيح آهي . دوائون ناهيندڙ ڪمپنيون ڇا ڪنديون آهن، جو دوا جو نسلي نالو لکڻ بدران، پنهنجو ڪو هٿراڌو نالو رکي، بزار ۾ ان دوا جو وڪرو ڪنديون هيون. ان کي ان دوا جو ’واپاري نالو‘ يا ’بزاري نالو‘ يا ٽريڊنيم چئبو آهي . هاڻي حڪومت انهن ڪمپنين کي حڪم ڪيو آهي ته دوا جو نقلي نموني وارو ’بزاري نالو‘ نه رکن، ۽ ’نسلي نالو‘ لکي، پوءِ بزار ۾ وڪري واسطي موڪلين .“

” پر ان اٿين ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟“ مولانا بي صبريءَ مان پڇيو.

”دوائن جي ’نسلي نالي‘ تي زور ڏيڻ جو اصل مقصد اهو هو ته دوائون سستيون ٿين . جڏهن نالي مان مريض ڏسندو ته دوا ته ساڳي آهي، پوءِ هڪڙي ڪمپني، ٻي ڪمپنيءَ جي پيٽ ۾، ان جو ملهه وڌيڪ وصول ڪري ٿي ، ته هو هرويرو مهانگي ڪمپنيءَ واري دوا نه وٺندو. ان ڪري سڀ ڪمپنيون، دوائن جون قيمتون مناسب سطح تي رکنديون. اڳي ساڳي دوا جي جدا جدا ’واپاري نالن‘ ڪري، عام ماڻهو ان ڳالهه کي سمجهي نه ٿي سگهيو.“

” اصولي طرح ته اها ڳالهه معقول ۽ مناسب پئي لڳي، پر هتي جو چور بازاري ڪندڙ ۽ ناجائز نفعو وٺندڙ واپاري

۽ رڳو تي ڪامورو به وڏو پلستر آهي . مون کي پنهنجي ٿي آزمودي مان خبر آهي ته دوائون نه رڳو سهانگيون ڪونه ٿيون آهن، پر انهن جو معيار به گهٽجي ويو آهي.“ مولانا چيو.

”بي ڳالهه به آهي. ڊاڪٽريءَ جي شاگردن کي ڪورس ۾ دوائن جا ’واپاري نالا‘ ڪونه پڙهايا يا سيکاريا ويندا آهن. هنن کي نسلي نالائي سيکاريا ويندا آهن. ان ڪري ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ، هنن کي ’واپاري نالا‘ ياد ڪرڻ لاءِ منٿو ڪونه مارڻو پوندو، جيئن هن کان اڳ ڪرڻو ٿي پيو. باقي اسان پيارا پراڻا ڊاڪٽر، جيڪي ورهين کان وٺي، دوائن جي بزاري نالن تي هري ويا آهيون، تن کي نئين سر دوائن جا نسلي نالا ياد ڪرڻ جي جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي.“

ان مهل هڪڙي پوڙهي مائي، پنهنجو پوٽو ڏيکارڻ آئي. مون هن کي چڪاسي، نسخو لکڻ لاءِ جڏهن مائيءَ کان ٻار جو نالو پڇيو، تڏهن مائي منجهي پئي ۽ چيائين:

”ابا مار پوين، اڄڪلهه الائي ڪهڙا نالا ٿا رکن. هي ٻارهن مهنن جو اڄي ٿيو آهي، پر مون کي ته هن جو نالو سمجهه ۾ نه ٿو اچي، الائي ڇا ٿا چونس....“

”اسلم.... اسلم.... اسلم پرويز!“ پوڙهيءَ سان گڏ آيل ڏهن سالن جي پوٽيءَ پنهنجي هوشياري ڏيکارڻ خاطر وچ ۾ ٽپي چيو.

”اسلم پرويز؟“ مون چيو.

”ها، ها، اسلم پرويز!“ ڇوڪريءَ به چيو.

پوڙهي هلي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي دل ۾ هڪ نئون ويچار آيريو.

”چاچا، منهنجو خيال آهي ته اسان کي به پنهنجا نالا، اصلي ۽ نسلي رکڻ کپن.“

هن مون ڏي ائين نهاريو ڄڻ ته ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه آيس.

”ميان صاحب، ڇا ٿو چوين؟“

”منهنجو مطلب آهي ته سنڌين کي پنهنجا نالا سنڌي رکڻ کپن. جي وڏا پنهنجا نالا مٽائي نه ٿا سگهن ته ڀلا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ڇمنڊڙ ٻارن جا نالا ته سنڌي رکون.“

”تنهنجيون ڳالهيون سمجهڻ سولو ناهي. وري الائي من ۾ ڇا اٿئي؟“

”چاچا سائين، جئن دوائن جي اصلي ۽ بزاري نالن جي باري ۾ ٻڌايو اٿم، تئن اسان سنڌي ماڻهن دودو، درياهه خان، سچو، سوڍو، تگيو، خميسو، سچل، سدورو، مصري ۽ سوني، سياڳي، ڪزبانو، مومل، پاڳل، ساران، نوري ۽ جهڙا اصلوڪا نالا ڇڏي؛ رشيد اختر، غالب، اقبال، اسلم پرويز، طارق عزيز ارشادالحق، جهانگير، اورنگزيب، سلطانه پروين، مسرت نذير، نيلو، رخسانا، ريحانا، ياسمين، نسرين جهڙا نالا پئي رکيا اٿئون، جي اسان سنڌين واسطي نقلي ۽ بزاري لڳن ٿا.“

هن جو وات ڦاٽي ويو. ڪا نئين يا حيرت واري ڳالهه ٻڌندو هو ته مولانا جو اکين ٻدران، وات ڦاٽي ويندو هو. ٻوڙهه هن جي چپن تي اڻ لکي دبل مرڪ پيدا ٿي. اها نشاني هئي ته نيٺ هن ڳالهه سمجهي ورتي آهي، پر ظاهر ظهور مرڪي، هو اها حقيقت ظاهر ڪرڻ نه ٿو گهري. ان ڪانپوءِ

ڀاڻ مرادو هن جو ساڃو همت، وات وٽان هاندو، ڏاڙهيءَ تي ڦرندو، آخر ۾ سٽ جي صورت ۾ ختم ٿيندو هو. شايد اهو عمل ڀڻ ڇهري تي ظاهر ٿيندڙ جذبن کي لڪائڻ لاءِ هو. پوءِ چيائين:

”يعني اسين سنڌي، نوان نوان ۽ اوپرا نالا رکڻ لڳا آهيون. آهي ته اهاڳالهه برابر، پر ائين ڇو ٿيو آهي؟“

”ان ڏس ۾ فلمن جو وڏو اثر آهي. ائڪٽر، ائڪٽريسن، هيرو ۽ هيروئنن جا نالا رکجڻ ۾ اچڻ لڳا. جهڙي ريت ڊوائن جو ملهه وڌائڻ واسطي انهن جو بزاري نالو رکيو ٿي ويو، اهڙي طرح اسان به بزاري جنس بڻجڻ، يعني ماڊرن ۽ فئشن وارا سڏجڻ لاءِ بزاري نالا رکيا. حالانڪ اهڙا نالا، اسان جي وڏڙن کي وڻڻ به ڪونه ٿا اچن. ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڀاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ بيعزتي يا جهو کو ٿي سمجهيو سين. يا سنڌي نالا ڇڙڪا ٿي ڀاسيا. يا غيرن ۾ مقبول ٿيڻ خاطر، پنهنجن نسلي نالن جي قرباني ڀڃي ڏني اٿئون. ٻيو ته ٺهيو، پر ڪيترا سنڌي اديب ۽ شاعر به پنهنجا ادبي نالا ۽ تخلص نقلي رکڻ کان دامن بچائي نه سگهيا. نالي ڀڃيان شهر جي لحاظ کان حيدرآبادي، مورائي، ناٿنشاهي، دادوي، سڄاولي‌ءَ جو پڇ ڳنڍڻ، ٻين جي انڌي نقل جو مثال آهي. يا پنهنجا اهڙا تخلص رکڻ، جي غير سنڌي لفظ هجن يا جن ۾ هلڪڙائي مايوسي، نا اميدي، بي عملي ۽ قدامت پرستيءَ جو تصور شامل هجي، جهڙوڪ: مخمور، خواب، مدهوش، ساقي، عاجز، مجروح، فاني وغيره. ٻيو ته ٻاهران آيل، صحيح يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلط راھون اختيار ڪري، اسان جي پيٺ ۾ اهڙي تڪڙي ترقي ڪري ويا، جو اسان ۾ ڪمتريءَ جو احساس پيدا ٿي ويو. اسين ھنن جي زبان ۽ عام تهذيب يعني نالا رکڻ، ڪپڙا پائڻ، پان کائڻ وغيره ۾ ھنن جو نقل ڪرڻ ۾ نڪ اوچو سمجهڻ لڳاسون. ان ڪري غير سنڌي شاعرن، غير سنڌي اڳواڻن ۽ غير سنڌي تاريخي هستين، ۽ عربي پارسي لفظن وارا نالا رکڻ لڳاسون. پنھنجي تاريخ ۽ تهذيب جي اهميت جي اڻ چاڻائيءَ به پنھنجن نالن کي نظرانداز ڪرڻ جو ڪارڻ بڻي.“

مولانا کي پنھنجي طرف متوجهه ڏٺم، ته وڌيڪ تقرير ڪرڻ جو شوق جاڳيم. چيم:

”سنڌي نالا رکڻ ڪري هڪ ته سڃاڻپ ۾ سولائي ٿيندي. ٻيو ته ان ڪري اسين پنھنجي اصل نسل ۽ سڀيتا ۾ فخر ڪرڻ محسوس ڪنداسين ۽ ڪمتريءَ جي احساس ۾ مبتلا نه ٿينداسين. نالي جو انسان جي نفسيات ۽ ڪردار تي به اثر پوي ٿو. مثال طور پنھنجي تاريخ جي سورمن جهڙوڪ دودو، دولهه دريا خان ۽ هوشوءَ جا نالا رکڻ ڪري اسان پاڻ ۾ اهو ڪردار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. سنڌي سورمن جا نالا، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي وڏائيءَ جي ياد ڏياريندا رهندا.“

”ها، واهه جو ياد آيو. اڳوڪي اردو اخبار پڙهي ڏاڍو کلياسين. اسان واري تڪ جي ميمبر، اسيمبليءَ ۾ ڪالهه تقرير ڪئي هئي. ان جو احوال ڏيندي، هن اخبار وڏيرو اگهڻ خان بدران لکيو هو ’وڏيرو اگهن خان‘ چو ته اردوءَ ۾

ڏنگ، ۽ ڦٽ ٿيڻ ٿي ڪرن. اسان ڪي ڪل آڌي اڳين لفظ تي."

"ها سائين اهو به هڪ نقطو آهي. هتي اهڙي زبان کي قومي زبان بڻايو ويو آهي، جنهن ۾ اسان مان گهڻا، پنهنجا اصلي نالا نه اچاري سگهون ٿا ۽ نه لکي سگهون ٿا. ان ڪري جي ان ٻوليءَ ۾ اسان کي پنهنجا نالا لکڻا يا وٺڻا پيا، تڏهن به اهي ڦريل هوندا، اسان جي اصلي نالن جي اصلي صورت ۽ صورتخطي قائم رهي ڪانه سگهندي. ساڳي ويڌن ٿيندي هتي جي گهڻن ڳوٺن ۽ تاريخي شهرن ۽ تاريخي جڳهين سان."

"اها ته وڏي مشڪل جي ڳالهه، جتي جو اهڙي ٻولي، قومي ٻولي بڻي آهي، جنهن ۾ هن ملڪ جا گهڻا رهاڪو پنهنجو نالو به لکي يا اچاري نه ٿا سگهن."

"دنيا جي اصلي نالن رائج ڪرڻ ۾ هتي جي حاڪمن، اڳواڻن ۽ ماهرن اهو اصول قبول ڪيو آهي ته اصل اصل آهي، ۽ بازاري، نقلي يا تحريف‌زديءَ وارو پهلو ترڪ ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري هتي جي اصل رهاڪن، ٻوليءَ، سڀيتا ۽ ادب ٻڙ مٿاهون مانُ لهڻو. انسانيت، انصاف ۽ تاريخ جي تقاضا آهي ته اصليت کي اوليت ۽ ترجيح ڏني وڃي."

"ميان صاحب، ڳالهيون ته گهڻيون ئي ڪرين، پر ڪجهه عمل به ڪيو اٿئي؟" مولانا دريافت ڪيو.

"مون پنهنجي ڌيءَ جو نالو ڪونج رکيو آهي.

"ڪهڙو نه وڻندڙ ۽ مٺڙو نالو!"

"منهنجي هڪڙي دوست پنهنجي ڪڪيءَ جو نالو سپي رکيو آهي ۽ پٽ جو نالو ڪوڏ. ٻي هڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهنديءَ پنهنجي ڌيءُ جو نالو ماڪ رکيو. ان تي ڪي ٽرڙا دوست کانئس ۾ چٿرون ڪرڻ لڳس. تنهن تي خبر اٿو هن ڪهڙو جواب ڏنو، هن چيو جي شبنم نالو رکان ها ته سڀ خوش ٿيو ها. ماڪ، غير سنڌي لفظ شبنم جو سنڌي هم معنيٰ لفظ آهي، پوءِ ان تي اعتراض ڇو؟ مون کي ته ماڪ، شبنم کان هزار ڀيرا وڌيڪ پيارو نالو لڳي ٿو.“

”پوءِ به ڪجهه ٻڌائڻو اٿئي؟“ مولانا چيو.

”ها، عربي نالا اسان وٽ ايترين صدين کان ۽ ايترو عام ٿي هلندا آيا آهن، جو اسان کي اوپرا ڪونه ٿا لڳن. پر مون کي اهي پڻ پسند ڪونه آهن. توهان ڏٺو هوندو ته ’غلام‘ ’عبد‘ اڪثر اسان جي نالن ۾ گهڻو ڪري عربي لفظن اڳيان ڪتب آندل آهن. مثال طور غلام الله ۽ عبدالنبي، عبدالصمد، غلام سڪينا وغيره.“

”ڇو، انهن ۾ ڪهڙي قباحت آهي؟“ هن ترشروئيءَ سان پڇيو.

”آزاد انسان ڪي نالي ۾ ٿي غلاميءَ جو گهٽ گهڙيءَ ۾ وجهي، هن جي نفسيات تي غير شعوري اثر وڌو وڃي ٿو. پيو عربي نالا لکڻ ڏکيا آهن. انهن جا ڪي حرف لکجڻ ۾ ته اچن ٿا، پر اچارجن ڪونه ٿا. وڏي ڳالهه ته انهن نالن ڪي ڇهتي پوڻ سان پڌرو ٿو ٿئي ته عرب، جي ڪنهن زماني ۾ اسان جا حاڪم هئا، تن جي اڃا تائين اسان ذهني غلامي ۽ محڪوميت قبول ڪريون ٿا. حالت اها آهي جو ڇڪي تاڻي، هر ڪو پنهنجو شجرو وڃيو عربن سان ملائيون. مثال طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهوڙو پاڻ کي عباسي پيو سڏائي، تيئن پاڻ کي قريشي پيو ڪوٺي، ۽ جوڻيجو پاڻ کي انصاري پيو ظاهر ڪري. اهي عادتون ڪمتريءَ جي احساس ۽ غلاميءَ جو يادگار آهن.“

هن جو منهن ڳاڙهو ٿي رهيو هو.

” تو ڪي عربيءَ کي لوڏڻ نه کپي. اسان واسطي اها سڳوري زبان آهي.“

” مان عربيءَ کي ڪونه ٿو لوڏيان. مان پنهنجن جي ذهنيت جي واڌويلا ٿو ڪريان. ڏسو نه اسان جي ڪٽنب جي ذات آهي ڪنيڙو. ڪهڙي نه وس جهڙي ذات ۽ وڻندڙ لفظ آهي. بابو سائين پاڻ کي ڪنيڙو سڏائيندو هو. پر ڪٿان پڌوسين ته ڪنيڙو، ڪلهوڙن جي آل آهي ۽ ڪلهوڙا عباسي آهن. ان ڪري اسين جو ٿورو وڏيڪ پڙهياسين ته پاڻ کي عباسي سڏائڻ لڳاسين. يا توهان جو پنهنجو مثال وٺو: توهان جي نالي ’مولانا الحاج حضرت سميع الله قريشي صوفي نقشبندي‘ بدران توهان جو ڪو اصلي سنڌي سادو نالو هجي ته ڪهڙو نه سهڻو لڳي ۽ دل کي وڻي ....“

مولانا وڏيڪ ٻڌي نه سگهيو ۽ رڙ ڪري چيائين:

” تون سنڌي ڪانڌي مٿي ڦريل آهين، بي ادب آهين!“

هو هڪدم اٿي هليو ويو.

☆

حيدرآباد، ١٣- ڊسمبر ١٩٧٣ع

عمر شاديءَ جي سزا

هن کي هٿ ۾ هڙ لوڏيندو ويندي ڏسي، هن حسرت مان ٿڌو شوڪارو ڀريو. هن کي نوڪرن جي نصيب تي ريس اچڻ لڳي.

ڪو زمانو هو، جڏهن هو اها اڻ پرڻيل هو، تڏهن دوستن جي وچ ۾ دهل تي ڏنڪو هڻي چوندو هو:

”اڙي، مان توهان جهڙو ٻُڌو ۽ ٻاڙيو ڪونه آهيان، جو بنا ڏسڻ ۽ بنا ڇنڊڪريءَ کي چڱيءَ ريت جاچڻ سمجهڻ جي، رڳو مائٽن جي حڪم يا خوشنوديءَ خاطر شادي ڪريان. مان ته ان خيال جو آهيان ته اهو ڇوڪرو ۽ اها ڇوڪري پاڻ ۾ شاديءَ جي رشتي ۾ ڳنڍجن، جن هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح توري تڪي ڏٺو آهي؛ هڪ ٻئي ڪان شخصي طرح واقف آهن، هڪ ٻئي جي ڪردار، هڪ ٻئي جي نظرين ۽ ويچارن کي ٻڌو، محسوس ڪيو ۽ پرکيو آهي. مان ته ايترو چوڻ ڪان به نه ٿو هٻڪان ته اسان جي سماج کي ايترو فراخدل ٿيڻ گهرجي، جو شاديءَ جو ارادو رکندڙ جوڙي کي گهڻن ناتن ۾ به هڪ ٻئي کي آزمائڻ جي اجازت هجي، جئن ان ميدان ۾ پڻ هو پنهنجي ڪن. اهڙي شادي ئي پڪي پختي، پائدار ۽ سياويڪ ثابت ٿيندي.“

پر هن کي اڻ ڏٺل، اڻ ٻڌل ۽ اڻ واقف ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻي پئي.

هن جي ارادن جي ڀيوار اهي ڀٽ تي پئي.

انهن نه هو، ته هو ان تي هرکيو جو ٻڌائين ته ڇوڪري پڙهيل ڳڙهيل صورت جي من موهڻي ۽ اوچي ۽ شاهوڪار گهر جي آهي. هن جي هن رشتي جي رسيءَ ۾ جڪڙجڻ جو هڪڙوئي ڪارڻ هو. هن کي پڪ ڏياري وئي ته پرڻجڻ کان پوءِ، هن کي ولايت وڃي وڌيڪ تعليم وٺڻ واسطي اسڪالرشپ ملندي. ڇوڪريءَ جو پيءُ ملندي ٻچندي وارو هو.

اسڪالرشپ واري مرحلي تائين پهچندي پهچندي، هن جي شاديءَ کي ٽي سال ٿي ويا ۽ هڪ ٻار جنم ورتو. جڏهن هن جي ولايت اسهڻ جون تياريون مڪمل ٿيڻ تي هيون، تڏهن اوچتو ئي اوچتو زال ضد ڪيو ته مان به مڙس سان گڏ ويندس. پهرين هن کي ان ارادي تان موڙڻ ۽ سمجهائڻ جا جتن ڪيا ويا. سڀ اجايا. پوءِ هن کي موڪلڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وئي. پر هن جي وڃڻ لاءِ حالتون سازگار ٿي ڪونه سگهيون.

پر هن پنهنجي ٻاري ڏني. چيائين: ”هي اتي وڃي عيش ڪندو ۽ ڪنهن ولايتي بيگم سان وهانءُ ڪندو. مان ائين پنهنجي حياتي روهڻ ٿيڻ نه ڏيندس.“

آخر اها به ڌمڪي ڏنائين ته: ”جي اڪيلو منهنجو مڙس ويندو ته مان پاڻ کي پورو ڪري ڇڏينديس.“

هو ولايت وڃي ڪونه سگهيو.

هن جي ارادن جي هيءَ ٻي پٽ به ڍهي پئي.

هيءُ هو مسٽر خدا ڏنو، جو شهر جي ڪاليج ۾ ليڪچرار هو. پرڻجي کان پوءِ ٻهريان ڪجهه مهنا سڪ، سانت ۽ سڪ ۾ گذريا، پوءِ هڪ ڀيري:

هڪ ٻيءِ رات جو دير سان گهر موٽيو. ٻئي ڏيئا ٻري رهيا هئا ۽ گهنڊيءَ وڄايائين. در کلڻ جو انتظار ڪيائين. ڪو نه کليو. وري گهنڊي وڄايائين. وري به زال جي اچڻ جي آهٽ جو پڙلاءُ ڪو نه پيس. تيون ڀيرو لاڳيتو چڱو وقت وڄايائين. وري به جواب ڪو نه. پوءِ هٿ جي مٺ بنائي زور سان دروازو ڪڙڪايائين، ڇو ته اهو پڇڻ جي ججهڪي آئي اٿس.

هاڻي اندران ڪنهن جي هلڻ جو آواز آيو. هو سڃاڻي ويو ته اها سندس زال نه، پر ماءُ آهي.

در کليو.

”ڇو اما، صنوبر ڪي ايڏي ننڊ اچي ويئي آهي ڇا؟“

”پٽ، ٿورو وقت ٿيو آهي جو ريڊئي جو آواز آيو پئي. مون سمجهيو ته جاڳندي هوندي ۽ اچي در کوليندي، پر شايد جهٽڪو اچي ويو اٿس.“

ماءُ پنهنجي ڪمري ۾ وئي. هو پنهنجي ڪمري ۾ اچي بتي ٻاري. زالس سمهي پئي هئي. اکيون ٻوٽيل هئس.

”صنوبر!“

”ڇا هي! ڪهڙا اچي نصيب ڦٽا آهن، جو ننڊ به پوري ڪرڻ نه ٿي ڏني وڃي.“

”ضروري ڪم هو، ان ڪري اڄ ايتري دير ٿي وئي.“

هن مسڪين صورت بنائي چيو.

”مون کي ڪهڙي خبر ته توهان جا روز روز ڪهڙا نوان ڪم اچيو ڦاسن. ماڻ نوڪرياڻي ٿورئي آهيان، جو ويٺي اوسيڙو ڪيان ۽ آرام ڦٽايان.“

"روز روز ڪٿي دير سان ايندو آهيان. ڪو ڇٽي ڇماهيءَ ڏي اڌين ٿيندو آهي."

صنوبر جو منهن سڄيل رهيو.

هن وڃي ڪپڙا بدلايا. واپس آيو. ڏٺائين ته دستور موجب صنوبر رڌڻي مان کاڌو ڪڍي ميز تي ڪونه رکيو آهي.

"اٿ پلا، ماني کڻي آءُ ته کائون."

"مان ماني کائي ڇڏي آهي. توکي کائڻي آهي ته بورچيخاني مان کڻي وڃي کاءُ."

هوءَ پاسو ورائي ليٽي رهي.

هو عجب ۽ بي اعتباريءَ سان هن ڏي نهاريندو رهيو.

هوءَ ڪونه اٿي.

نوڪر ماني پچائي هليو ويو هو.

هو رڌڻي ۾ ويو. هن جي بک ته مري وئي هئي، پر ٺريل کاڌي جا ٻه ٽي گرهه پيٽ ۾ لنگهايائين.

اڄ پهريون ڀيرو هو جو صنوبر هن جو ماني لاءِ انتظار نه ڪيو هو، ۽ جاڳيل هوندي به در کولڻ نه آئي هئي.

هن کي گهر اچڻ ۾ دير ان ڪري ٿي هئي، جو ڪن هنڌن تي ٽيوشن ملڻ جي آسري ۾ چڪر ڏيندو رهيو هو.

ماءُ ويچاري سڀ ڪجهه ٻڌندي ۽ سمجهندي به ڪن لاتار ڪندي، بي آراميءَ مان کٽ تي پاسا ورائيندي رهي.

ان کان پوءِ، هو جڏهن به دير سان آيو، هن سان ساڳي ويڌن ٿي. ان ڪري جي اتفاق سان دير ٿي ويندي هئس ته ڪم سان هجي يا دوستن جي ڪچهريءَ ۾، هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي آرام ٿيڻ لڳندو هو، ۽ ٻڄندو ٻڄندو گهر ايندو هو. اڪثر پنهنجا ضروري ڪم به اڌ ۾ ڇڏي، گهر موٽي ايندو هو. دوستن جي زور ڀرڻ يا ٽوڪبازيءَ جي باوجود گرم محفلون ۽ مٺل ميلو ڇڏي اٿندو هو: محض زال جي ڪاڪل، گهڻي ۽ بد مزاجيءَ کان بچڻ لاءِ.

ساڳئي وقت نوڪر کي به تاڪيد ڪري ڇڏيائين ته رات جو جيسين هو نه اچي تيسين نه وڃي، ۽ هن کي ماني ڪارائي پوءِ روانو ٿئي.

هڪ ڏينهن ڪاليج مان آيو ته ڏٺائين گهر اندر غيرمعمولي خاموشي آهي. رڌڻي ۾ بورچيءَ جي ڪنگهڪار، ٻوڙ جي هٻڪار ۽ ڳوهيل اٽي جو سڳند ڪونهي. ريڊيءَ جو آواز پڻ بند آهي.

هن جي ماءُ الڳ ڪمري ۾ هئي. پنهنجي ڪمري ۾ پهتو. صنوبر سمهي پئي هئي. هن جي کهڙڻ تي پاسو به ڪونه ورايائين. هن کي پڇڻو پيو:

”ڇو اڄ ماٺ لڳي پئي آهي؟“

بادل گرجيو:

”پاڻ کان پڇو!“

ڪجهه نه سمجهندي هو فقط نهاريندو رهيو.

صنوبر وري چيو:

”صبح جو پيسا گهريامانوَ، توهان انڪار ڪيو. مون کي ڪهڙا لک ڏئي ڇڏيا اٿو. ٿورڙا پيسا هئا، جي ڪنهن ساهيڙي يا پاڙيسرڻ جي اچڻ جي حالت ۾ چانهه پاڻيءَ لاءِ به پورا

ڪونه هئا ، ان ڪري مون ٻاهري ڪونه گهرائي ۽ ٻورچيءَ کي موڪل ڏئي ڇڏي. هاڻي سڀ لنگهڻ ڪيو.“

”صبح جو منهنجي کيسي ۾ ايترا پيسا هئا به ڪونه، تنهن ڪان سواءِ اڄا چوٿون ڏينهن توکي ٻه سؤ خرچ پکي لاءِ ڏنا هئم.“

”ٻه سؤ، ٻه سؤ .... رپيا ڏنا هئو ته ڪهڙو احسان ڪيو، مان ڪيترن ڏينهن ڪان هڪڙو نئين ڊزائين وارو جوڙو وٺڻ ٿي چاهيو، ڏيڍ سؤ ته رکيو ان تي لڳو.“

”توکي جوڙي وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. اول ته پيتيون ڪپڙن سان سٿيون پيون آهن. وڏي ڳالهه ته اسان جي ايتري گنجائش به ڪانهي.“

”گنجائش ، گنجائش. گهر ۾ جڏهن ٻيا ماڻهو وهاريو ويٺو آهين، جن کي پيٽ ڀرڻ ڪان سواءِ ڪپڙا لٽا،پاڙا پٽا ۽ ٻيا خرچ پکا پيا ملن ، تڏهن ته وڏي گنجائش آهي. باقي مان ٻن مهنن ڪان پوءِ مس مس ڪپڙو خريد ڪيو ته توهان واسطي گنجائش جو مسئلو کڙو ٿي ويو.“

هو سمجهي ويو ته اهو اشارو سندس پوڙهي ماءُ ڏي آهي. گهر ۾ اڪيلائي هجڻ ڪري ، هن کي ڳوٺان وٺي واسطي هتي آندو هئائين. هن کي احساس ٿيو ته هوءَ ٻئي ڪمري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌي رهي آهي.

هن وڌيڪ هڪ اکر نه ڪڇيو. پوئين پير موٽيو ۽ هوٽل مان وڃي سيني لاءِ ڪاڏو وٺي آيو.

هن جي ماءُ، نُنهن جي رَکي ، بي مهابي ۽ گستاخيءَ

واري وهنوار مان اول ٿي ڏکويل هئي. پٽ جي ڪري صبر سان پئي سٺائين خود پٽ جي بيوسي به ڏسندي پئي رهي. ننهن جا اچوڪا ميهڻا ٻڌي، هن پٽ کي واپس موڪلڻ لاء چيو. پٽ پڻ بهتري ان ۾ سمجهي.

ٻه ٽي ڏينهن گذريا ته صنوبر، مڙس سان شڪايت ڪئي:

”اڪيلائي ڪاڻ ٿي اچيم، بور ٿي ٿيان، ٻيو به ٽئيم ٿو. ٻيو نه ته مون کي ڪا مائي نوڪرياڻي رکي ڏيو.“

اتفاق سان پهرين تاريخ بورچي، پگهار وٺي جو نڪتو ته وري واپس نه آيو. پوء پتو پيو ته هو ٻئي هنڌ وڃي بيٺو آهي.

هڪ نوڪرياڻي ملي ويئي. هوء رڌپچاء جو ڪم به ڪندي هئي.

مهينو ڏيڍ گذريو ته صنوبر شڪايت ڪئي:

”هيء نوڪرياڻي ته چٽي آهي. ڪم چور به آهي ۽ هوندي به ٻه ڏٽي چور آهي. اٽو، بصر، پتالون نڳايو ڪنيو وڃي. مانيون ۽ ٻوڙ به ضرورت کان زيادهه پچائي ۽ پوء بچيل شين جو ڏڳ ٻڌي، پنهنجي گهر کنيو وڃي. ٻاهر جي ڪم لاء به ڪارگر ڪانهي. اٽي پيهائڻ وغيرهه لاء به ٻاڙي وارن جي نوڪر کي منٿ ڪرڻي ٿي پوي.“

وري مرد بورچي رکيو ويو.

آهستي آهستي هن کي سڌ پوڻ لڳي ته هن ۽ هن جي زال جون راهون الڳ الڳ آهن. ٻنهي جي لاڙن، دلچسپين نظرين ۽ ويچارن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هنن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيعتن ۾ باهہ ۽ پاڻيءَ وارو تفاوت هو. هوءَ باهہ وانگر سياءَ جي تيز هئي ۽ هي برفيلي پاڻيءَ وانگر ٿڌو.

خدا ڏني جي ڀڳهار چار سئوڪن هئي، جا ان زماني ۾ چڱي خاصي رقم هئي. ان کان سواءِ هن کي ٽيوشنن مان به سٺي اپت ٿيندي هئي، ۽ امتحانن جي مند ۾ به هن کي چڱو چوکو اجورو ملي ويندو هو. پر زال جي فضول خرچيءَ، ڪفايت نہ ڪرڻ، سگهڙ پڻ ۽ سليقو نہ هجڻ ڪري هنن جي پورت ڪانہ پوندي هئي. ان ڪري پڻ زال مڙس جي پاڻ ۾ چڪتاڻ رهندي هئي.

هاڻي تہ صنوبر جي سياءَ ۾ گهڻي تيزي اچي وئي هئي، جڻ تہ سدائين ڪاوڙيل ٿي رهي. در کڙڪڻ تي در کولڻ ايندي تہ بہ بڙ بڙ ڪندي ايندي ۽ ڪو اهڙو اڻنگو جملو چوندي جو اندر سڙيو وڃي. بعضي بعضي هن جي گهر اوير اچڻ ڪري، مڙس کان اجائي سجائي آڏي پڇا ڪري، پنهنجي شڪي طبيعت جو مظاهرو ڪندي هئي.

ماني مڙس کان اڳ کائي ڇڏيندي هئي. مڙس جي اچڻ تي، هن جي آڏو کاڌو رکي ويندي هئي. هو اڪيلو کائيندو هو. ڪڏهن جي هوءَ مانيءَ سان گڏ پاڻي نہ رکندي هئي يا رکڻ وسري ويندس هوس ۽ ضرورت پوڻ تي، هو سڏي پاڻيءَ جو گلاس آڻڻ لاءِ چوندو هوس تہ هوءَ غصي مان اهڙي ڇهڙ ڏيندي هئس ۽ ايترو بڙ بڙ ڪندي هئي جو خداڏني کي افسوس ٿيندو هو تہ اجايو پاڻي گهريم. پوءِ اڪثر ائين ٿيندو هو، جو ماني کائيندي، پاڻيءَ جي ضرورت پوڻ تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو نوڪر کي واڪا ڪري سڏيندو هو ۽ هن کي پاڻي آڻڻ لاءِ چوندو هو. جي نوڪر نه هوندو هو يا سڏ ڪونه ٻڌندو هو، ته هي پاڻ اڌ مانيءَ مان اٿي، گلاس کڻي وڃي دلي مان اوتي پيئندو هو ۽ ٻيو گلاس ڀري، پرسان اچي رکندو هو: زال جي ميڻ ميڻ کان بچڻ لاءِ هن جي بدمزاجيءَ کان بچڻ لاءِ، هن جون سٽ سريون ٻڌڻ کان بچڻ لاءِ.

خدا ڏني ڪيترائي لڳا زال سان شڪايت ڪئي ته مان جڏهن ڪاليج وڃڻ لاءِ تيار ٿي ڪپڙا پايان ٿو، تڏهن ڏسان ٿو ته قميص يا سوٽ جا ٻٽڻ ڇڳل آهن ۽ ان وقت ٻٽڻ ٽانڪجڻ ڪري مون کي دير ٿي ٿي وڃي. ان ڪري ڌوٻيءَ وٽان ڪپڙا اچڻ تي، چڪاسي ضرورت واريون ٻيڙيون ٽانڪي ڇڏيندي ڪر. پر ائين ڪڏهن ڪونه ٿيو. وڃڻ وقت جي هو ٻيڙيون هڻڻ لاءِ تڪڙ جون رڙيون ڪندو هو ته موٽ ۾ ٻڙ ٻڙ ۽ ڇڙٻون سهڻيون پونديون هئس.

ان ڪري ڪيترا ڀيرا زال جو مزاج مناسب نه ڏسي، ماٺ ماٺ ۾ بنا ٻٽڻ لڳرائڻ جي ڪپڙا پائي ويو؛ حالانڪ ان حالت ۾ ڪلاس آڏو اگهاڙپ ظاهر ٿيڻ جو هر ڪو امڪان هوندو هو.

ٻه چار ڀيرا هن سان گڏ ڪم ڪندڙ ڪي پروفيسريائيون ۽ هن جون ڪي شاگرديائيون هن سان گهر تي ملڻ آيون هو ڇا آيون، هن واسطي قيامت جو پيغام ڇڏي ويون!

هن کي صنوبر جي اهڙي سٽ سري ٻڌڻي پئي، جنهن جي ڪوڙين جو ذائقو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ به قائم رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هنن رنڍين کي هتي اچڻ جو ڪهڙو ضرور هو جي توسان رنگ رليون ڪرڻيون اٿن ته پيون جڳهيون ڪٿيون آهن. مان ته تهنجي پرڪارن کي سمجهيو ويٺي آهيان. هي جو تون گهر مان سچا سچا ڏينهن غائب ٿو رهين، يا مون کي پيسو ڏيڻ کان ڪيٻائين ٿو ، سو آخر ته ڪٿي خرچ ٿئي ٿو ....“

هن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن کي ڳالهائڻ جو ٿي ڏئي ، يا ٻڌي ڪٿي ٿي! هوءَ ته پنهنجي جوش ۾ الزامن جون ڪهاڙيون وهائيندي رهي. گهر جي ههڙي ماحول مان ايتري حد تائين بيزار ٿيو ، جو وقتي وقتي سنجيدگيءَ سان آتم هتيا ڪرڻ جو سوچيندو هو.

هاڻي گهر جي دوزخ کان دور گذارڻ لاءِ ٻاهريون دلچسپيون وڌائڻ لڳو. اهي هيون دوستن سان ڪچهريون ۽ ڊاڙا نڪاءَ، يا چانڊوڪين راتين ۽ قدرتي نظارن ۾ گهمڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وهڻ. ان ۾ به هو زال کان نرالو هو، جنهن جون دلچسپيون هيون فامون ڏسڻ، چسو ڪرڻ، بازار ۾ وڃي اجايون سجايون شيون خريد ڪري فضول خرچي ڪرڻ ۽ ساهيڙين ۽ پاڙيسرڻين جون چانهه جون پارٽيون ڪرڻ.

گهر کان پري رهڻ لاءِ ئي هن وت کان ٻاهر ٽيوشنون ڏيڻ شروع ڪيون. هڪ هندان ٻئي هنڌ ويندي ، هڪڙن سان مٿاماري ڪرڻ کان پوءِ وري ٻين شاگردن سان مٿي ماري ڪرڻ ۽ وري ٽين سان، وري چوٿين سان. ان طرح هن جو

وقت نہ گذري ويندو هو ، پر هن جو بدن ڇُور ڇُور ٿي پوندو هو.

هوءَ پنهنجا ماڻت ڏسي ٺري پوندي هئي، پر مڙس جي عزيزن اچڻ ڪري هن جو ٺڪر ٻچي پوندو هو ، ۽ منهن ٻڇڙو ٿي ويندو هوس. مڙس جا اهي عزيز به انڌا ڪونه هئا، ۽ ان ڪري وس پڄندي، هن گهر ۾ پير نه پريندا هئا.

ساهيڙين ۽ مائٽن وٽ ، پنهنجن ۽ پراون سان ، مڙس جون سدائين گلائون ۽ شڪايتون ڪرڻ ۾ هوءَ عادت کان مجبور ٿي ڏني :

”پورا پيسا نه ٿو ڏئي ، مائٽن جو پيٽ پيو ڀري، گهر ۾ سک ٿي نه ٿو اچيس ، ٻاهر جي دلچسپين ۾ پنهنجو گهر اجاڙي ڇڏيو اٿائين. مون کي نه ليکي ڪونه ٿو.“

زال ۽ مڙس ۾ ويڇو وڌندو ويو . هو هاڻي سمهندا به الڳ هئا. مڙس جون پيار جون تمنائون ، امنگ ۽ جذبا دم ٽوڙيندا رهيا. هن جي دل پيار جا ٻه چار ٻول ٻڌڻ واسطي آتي رهندي هئي . هو خود پيار جي اظهار ۾ ڪو رنگين جملو چوڻ چاهيندو هو ، پر چپن تي اچي نه سگهندو هو . گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ هئي.

هن جي دل چاهيندي هئي ته بستري تي هن جو پهلو اٿين خالي نه هجي ، هوءَ هجي ۽ هن جو ڇهاءُ سندس دل جي دنيا آباد رکندو اچي .

ڪم تان موٽڻ تي، خوشيءَ جي مرڪ ۽ پيار جي ٻول سان آجيان ٻڌران ، هن کي بد مزاج زال جي سخت سڀاءَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلاهہ سهڻا پوندا هئا ، ۽ گهر ۾ هوندا هئا ٻڙ ٻڙ، مڻ مڻ ، هٿڏين، چڙ ٻن، شڪايتن، الزامن ۽ ميهڻن جا ڪندا .

شاديءَ کان پوءِ ، جلدئي هنن محسوس ڪيو تہ هنن مان هرهڪ جي جنسياتي لاڙن ۾ پسند جدا جدا آهي. جنهن عمل ۾ هڪڙي کي لذت ٿي آئي ، تہ ٻئي کي ان ۾ ڪابہ دلچسپي محسوس نہ ٿي ڪئي. وري هنن جي ٻاهرين هلت ۾ نااتفاقي ۽ طبعتن ۾ تفاوت ، هنن جي جنسياتي جذبي تي اثر انداز ٿيا. هنن جا هي جذبا ٿڌا ٿي ويا، ۽ هنن جي هڪٻئي لاءِ جنسياتي ڪشش گهٽجي وئي .

هن گهر ۾ نوڪر جلدي جلدي مٽبا هئا. صنوبر جي نوڪرن سان اڍنگي هلت هوندي هئي. هنن تي اجائي ڦٽ لعنت ڪندي رهندي هئي ڳالهہ ڳالهہ تي هنن کي چڙٻون ڏيندي، چينهيندي، ڏوڪيندي ۽ بدزباني ڪندي هئي. اهڙي موقعي تي خدا ڏني جو شرم کان ڪنڌ هيٺ ٿي ويندو هو. ڪڏهن تہ نوڪر بہ ڏاڍو اڍنگو ۽ بدتميزيءَ وارو جواب ڏيندا هئس، جو ٻڌي خدا ڏني جو غصي ۽ شرم وچان منهن ڳاڙهو ٿي ويندو هو. صنوبر کي ڪڏهن ڪڏهن چوندو بہ هو تہ نوڪرن جي منهن نہ چڙهي ۽ هنن سان اهڙي سخت ڪلامي نہ ڪري، پر هوءَ هن کي دست اندازي ڪرڻ نہ ڏيندي هئي. وري جڏهن نوڪر نہ هوندو هو تہ ان لاءِ مڙس کي ذميوار ٺهرائيندي هئي ۽ هن واسطي ٻاهہ ٻاري ڏيندي هئي .

خدا ڏني کي اميد هئي تہ هي نا اتفاقيون ۽ غلط فهميون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقتي آهن، نيٺ ختم ٿي ويندبون، اسين هڪٻئي کي سمجهي ويندا سين ۽ وري ڪير ڪنهن ٿي ويندا سين. پر ائين ڪونه ٿيو. اڻبڻت جو درياهه، صبر ۽ سڪون جا بند ڪائيندو رهيو ، ۽ جهڳڙن جي اٿل ايندي رهي.

ٿي سگهي ٿو ته هن زال کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي. يا جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته سمجهي نه سگهيو هو. يا جي سمجهي سگهيو هو ته پاڻ کي ان مطابق موڙڻ ۽ انهيءَ قالب ۾ وجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. يا جي اهڙي ڪوشش ڪئي هئي ته ڪامياب نه ٿيو هو. يا اهڙي ڪوشش ڪرڻ جو منجهس ’للڻ‘ ڪونه هو. يا اهڙي ڪوشش هن جي وس کان ٻاهر هئي. يا اهڙي ڪوشش ۾ پڇي ڪونه سگهيو هو.

پوءِ هڪ ٻار ٿيو، ٻيو ٻار ٿيو، ٽيون ٻار ٿيو. گهر پرجي ويو. خدا ڏني جي دلچسپين جو مرڪز ٻار بنجي ويا. زال جي اڻ وڻندڙ روش جي ڪري، ٻارن جي معصوم ۽ مٺڙين ڳالهين ۽ شرارتن مان پوري ڪرڻ لڳو.

هو، جو زال جي بدمزاجيءَ کان بچڻ لاءِ گهر جي دوزخ کان دور رهڻ خاطر، گهر کان گهٽي کان گهڻو وقت ٻاهر گهارڻ لڳو هو، سو موٽي ماڳ اچڻ لڳو.

پر صنوبر جو وهنوار پنهنجا تير چٽيندو رهيو. زخمن مٿان زخم ٿيندا رهيا. اهي ناسور بنجندا ويا.

صنوبر جي چيڙاڪ طبيعت جو ٻار به شڪار ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن کي اهڙيون ڪچيون ڳاريون ڏينديون هئي، جو خدا ڏنو چاهيندو هو ته زمين جاءِ ڏئي ته ان ۾ پورجي وڃي. هنن کي اهڙو بي قياسيءَ سان ماريندي هئي، جو خدا ڏني کي خود رڙ اچي ويندو هو، ۽ هو لڪل ڳوڙها ڳاڙيندو هو. ان وقت هوءَ ماءُ نه، پر جلاد نظر ايندي هئي.

هٿي به دست اندازيءَ تي هن جي لاڪ لاٿي ويندي هئي. ان ڪري هي سور پڻ پي ويندو هو.

هڪڙو ڏينهن:

خدا ڏنو اخبار پڙهي رهيو آهي. گهر جي سانتيڪي فضا ۾ گجگوڙ اڀري ٿي:

”چوري، ڪاڏي وئي هئينءَ، تو کي هزار دفعا چيو اٿم ته ايترو ٻاهر نه رهندي ڪر....“

”اها.... مان عاشيءَ وٽ ڪيڏڻ وئي هئس.“ دٻپ ۾ پريل آواز لرزيو.

”ڪيڏڻ جي سڪي، حرامزادي، ڪميڻي، چڪلي جي رنڊي....“ ڳارين جي ڳٽر سان گڏ، ٺڦڙن جو وسڪارو ٿئي ٿو.

”ٻار کي ايڏو چو ٿي مارين!“ خدا ڏنو رڙ ڪري چوي ٿو.

”تون ماٺ ڪري ويهه!“

معصوم ليلائي:

”اما معافي!“

”اما معافي!“

”امان معافي!“

”امان معافي!“

فرشتن جي دل کي جهوبو اچي ٿو. هو اهو ڏيک ڏسي، ڳوڙها ڳاڙن ٿا.

خدا ڏني جون اکيون اخبار تي آهن، پر ان وقت هو ڪوبہ اکر ڏسي ڪونہ ٿو سگهي. سندس ڇهن سالن جي ابهم ڌيءَ جي معصوم ليلائڻ جون ڪيڪون، ڳگهريل شهو بڻجي، هن جي ڪنن کي جلائينديون ۽ هن جي دل ۾ جهير وجهنديون، هن جي نيڻن جي درياهہ جا بند ڀڃي، ڳلن کي ڳوڙهن جو ريج ڏين ٿيون.

هو ڳوڙها لڪائيندي، ٻاهر ورانڊي ۾ اچي ٿو.

”ڇڏي ڏي ٻار کي!“ هو سختيءَ سان چوي ٿو.

صنوبر ڪاٺي ويندڙ اکين سان هن ڏي ڏسي ٿي، پر ٻار تان هٿ هٽائي ٿي،

ڇوڪري ڊوڙي پيءُ ڏي اچي ٿي. هو هن کي کڻي، پنهنجي سيني سان لڳائي ٿو، ۽ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ کڻي اچي ٿو.

هوءَ سڏڪا ڀري رهي آهي. پيءُ جي نيڻن جو درياهہ جاري آهي. هن جي وات مان اچا ڪو دلداريءَ جو لفظ نڪري نہ ٿو سگهي. هو مشڪل سان پنهنجا سڏڪا روڪيو ويٺو آهي.

”بابا، امان مون کي ڏاڍو ماريو آهي. اڄهو هٿ ڏاڍو سور پيو ٿئي.“ هوءَ ٻنيءَ تي هٿ رکي ڏيکاري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي نڙيءَ مان اچا آواز نه ٿو نڪري. اچا گلو پريل آهي. هو پيار سان ڏيءُ جي ڏڪيل ٻانهيءَ تي هٿ ڦيري ٿو، ۽ هن جي مٿي ۽ نرڙ تي چمي ڏئي ٿو.

هن جو هٿ ڦرندو رهي ٿو. هن جي اکين مان ڳوڙهن جو درياهه وهندو رهي ٿو. ٻارڙي کي ننڊ وٺي وڃي ٿي. هن جون پريشانيون ۽ اندر جا گهاءَ جاڳي پون ٿا. هو، جو ڪلاس روم ۾ شاگردن کي زندگي سڌارڻ ۽ دنيا ۾ انقلاب آڻڻ جو سبق ڏيندو هو، سو خود ڪيڏو نه مجبور هو، ڪيڏو نه بيوس هو ۽ ڪيڏو نه ڪمزور هو، پنهنجي گهر جي ننڍڙي ۾ ننڍڙي دنيا ۾ به گهربل ڦيرو آڻي نه سگهيو هو، ان کي آباد ڪري نه سگهيو هو.

پوءِ صنوبر اچي ٿي ۽ خدا ڏني جي پاسي ۾ ستل ڌيءُ کي پيار مان کڻي، ڇاتيءَ سان لڳائيندي، هن جي چهري جي سڪل ڳوڙهن کي چمندي، پاڻهه مان چوي ٿي:

”مان مري وڃان، مون پنهنجي ٻچڙيءَ کي ايترو ماريو. مان صدقي وڃان، منهنجا هٿ ڀڄن. پر مون کي ڪاوڙ چڙهي آئي هئي. مان به ڇنڊي آهيان، ڪيترو نه ٿوري ٿوري ڳالهه تي ۽ جلدي جلدي پارو چڙهي ٿو وڃيم.“

خدا ڏني جي نيڻن مان وري لڙڪ لڙي ٿا پون. وري هن جي ويچارن ۾ اٿل پٿل ٿئي ٿي:

”نيٺ به ته هوءَ ايتري بري نه آهي. شايد هوءَ رڳو مون لاءِ بري آهي. شايد مان هن جي تصور جي معيار تي پورو نه ماپيو آهيان. شايد هن کي ٻين خوبين

واري مرد سان لائون لهڻ جا سپنا ڏٺا هئا. شايد زندگيءَ جي محرومين ۽ نراسائين هن جي طبيعت چڙچڙي بڻائي ڇڏي آهي. منهنجي باهه ۽ زماني جي باهه هوءَ ٻارن مان ڪڍي ٿي!"

صنوبر جي ٻه هڪ پسند هئي، هن جي ٻه هڪڙي منزل هئي. دل جو معاملو ڪونه هو، پر هوءَ انهن جي ٺٺ ٺانگر ۽ دولت کان متاثر هئي. هن پنهنجي جيجل ماءُ کي ان پسند ۽ ان منزل جو ٻڌايو هو، پر ڪن شخصي سببن ڪري هن جي پيءُ اهو سنگ قبول نه ڪيو هو.

هن سپنا ڏٺا هئا پنهنجي مائٽن کان وڏيڪ شاهوڪار گهر ۾ پرڻجڻ جا، پر هن جي شادي ٿي ڪانئن گهٽ دولت واري ڪٽنب ۾. مائٽن سوچيو ته هڪ تعليم يافتي ۽ روشن مستقبل واري سان ٿا ڏيءُ پرڻايائون.

هو درياهه جي پڪ تي ويٺو آهي. چانڊوڪي رات آهي. آسماني صاف آهي. نه ڪڪر نه ڪارڻ. رڳو نيراڻ ئي نيراڻ؛ سونهري نيراڻ، چمڪندڙ نيراڻ، دلڪش نيراڻ، نظر نواز نيراڻ. تارا، ٽمڪندڙ سون جا ٽڪرا لڳن ٿا. درياهه لٽل آهي ۽ ان جو پاڻي صاف ۽ شفاف. ان ۾ چنڊ جو اولڙو لڏي لمي رهيو آهي. پرئين ڪناري تي لڳل بجليءَ جي بلب جي روشنيءَ جي عڪس جي ليڪ پاڻيءَ ۾ لڙهي رهي آهي. هوا جي ڪري پاڻيءَ ۾ هلڪيون هلڪيون لهرون پيدا ٿين ٿيون. هن جي دماغ ۾ به خيالن جون هلڪيون هلڪيون لهرون اڀرن ٿيون. هن جي خيالن تي اڪثر هن جي بيگم سوار هوندي آهي.

هن گهڻو سوچيو هو . ڪلاڪن جا ڪلاڪ سوچيو هو. ڏينهن جا ڏينهن سوچيو هو، مهنن جا مهنا سوچيو هو . سالن جا سال سوچيو هو. هيئنر به هو سوچي ٿو:

” شادي ڇا ڪيم، مان ٿيهن ڪوڙن ۾ قيد ٿي ويس، مان پنجوڙ ۾ جڪڙجي ويس، مان ڏاوڻ ۾ سوگهو ٿي ويس پنهنجي حياتي پنهنجي نه رهي ، مان چرڻ پرڻ کان لاچار ٿي ويس، منهنجو ذهني سڪون ختم ٿي ويو، منهنجي آزادي ختم ٿي وئي .... منهنجي زندگي تباهه ٿي ، ٻارن جي به ؟ شايد زال جي به .... اها آهي شادي! پنهنجي خوشين، خواهشن اُمنگن، ارادن ۽ جيون جي قرباني، هڪ بي معنيٰ قرباني ، هڪ بي مقصد قرباني، هڪ بيڪار قرباني!“

هو صنوبر جو سياهه بدلائي ڪونه سگهيو. هن جي روش ۾ ڦيرو آڻي ڪونه سگهيو. هوءَ هن تي ڇانئجي وئي هئي . هوءَ هن تي حاوي ٿي وئي هئي.

هن هزارين لڳا طلاق جو سوچيو . پر ڪجهه ڪري ڪونه سگهيو. هو ڪمزور دل هو، هو ضعيف ذهن هو. هن کي احساس هو ته ” مان پنهنجو پاڻ پنهنجي لاءِ دوزخ بنايو ويٺو آهيان.“ پر هن کي ان دوزخ مان نڪرڻ لاءِ حوصلو ڪونه هو، همت ڪونه هئي، اٽڪل ڪانه هئي.

ٻار هن جي وڏي ڪمزوري هئا. سوچيندو هو طلاق ڏيندس ته ٻارڙن جو ڇا ٿيندو . هو رُلي ويندا، هو تباهه ٿي ويندا . مان خود ٻارن کان سواءِ دماغي توازن قائم رکي نه سگهندس .

هو يورپي مفڪرن جي ان خيال سان هم خيال نه هو ته ”زال ۽ مڙس جي اڻبڻت ۽ دائمي ڇڪتاڻ، طلاق جي حالت واري جدائيءَ کان، اولاد تي وڌيڪ برو اثر وجهي ٿي.“ يورپ جو ماحول ٻيو آهي، اتي جي ڪٽنبي حيثيت نرالي آهي.

هن جي ٻئي شهر ۾ بدلي ٿي هئي. هو ٻن سالن کان هتي هئا. زال مڙس جي ناتن ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آيو هو.

هنن ٻن سالن ۾ ٽَوَ نوڪر مٽيا هئا. ڪوبه نوڪر، ڪجهه ڏينهن يا ڪجهه هفتن، يا ڪجهه مهينن کان وڌيڪ نه ٿي ٽڪيو. بيگم جي بد مزاجي ۽ بدڪلامي هنن جي برداشت کان ٻاهر هوندي هئي. هو وڃي ٿي سگهيا، هو ڇڏي وڃي ٿي سگهيا، هو نوڪري ڇڏي وڃي ٿي سگهيا، هو ڪنهن ملان جي ٻن سٽن جا اسير نه هئا.

اڄ ڏهين نوڪر کي، نوڪري ڇڏي، هٿ ۾ هڙ لوڏيندو ويندي ڏسي، هن حسرت مان ٿڌو شوڪارو ڀريو. هن کي نوڪرن جي نصيب تي ريس اچڻ لڳي. هو آزاد هئا. هو جڏهن چاهين، گهر ۽ مالڪياڻي ڇڏي سگهن ٿا.

هن کي پنهنجي ان ويچار تي خود ئي کِل اچي وئي.

★

حيدرآباد: ١٦- ڊسمبر ١٩٤٣ع

سنڌ ۾ طوفان

سليم ڏاڍي بيقراريءَ سان، دريءَ مان ٻاهر نهاري رهيو هو. هر لنگهندڙ چوڪريءَ کي چتائي تي ڏٺائين ۽ هر رڪشا جي آواز تي اميد تي جاڳيس. هن ۽ انيلا هڪ هوٽل ۾ ملڻ جو سٿاءُ سٿيو هو.

سليم جي هيءَ سنگتياڻي، اَن آفيس ۾ ٽيليفون آپريٽر هئي، جتي هو آفيسر هو. اڄ سليم جو گهر صفا خالي هو. هن جا هڙئي ماڻهو، ڪجهه ڏينهن لاءِ، هن شهر کان ٻاهر ويل هئا. انيلا انجام ڪيو هوس ته اچوڪي، يعني آچر رات، آچر جو سڄو ڏينهن ۽ سومر رات، ساڻس گڏ، سندس بنگلي ۾ هلي گذاريندي. سٿاءُ موجب، رات جو ائين بجي هو هن هوٽل ۾ گڏجڻا هئا، ۽ اتان سليم . گهر وڃڻو هون

سليم ته ائين کان اڳ پهچي ويو هو . پر هينئر ساڍا اٺ ٿيا هئا، انيلا اچا ظاهر ڪونه ٿي هئي. سليم ان ڪري ٻه بي آرام ٿي رهيو هو، جو آسمان وسڻ جا ويس ڪيو بيٺو هو، ۽ ور ورڪڙ وڇون تڪڙو تڪڙو چمڪات ڪري رهيون هيون. هن چاهيو ٿي ته مينهن شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هو گهر پهچي وڃن. مينهن پوڻ جي حالت ۾، رستي تي ڦاسي پوڻ جو انديشو هو. هيءَ هوٽل تلڪ چاڙهيءَ تي هئي ۽ هن جو بنگلو هتان ٿي ميل پري لطيف آباد ۾ هو. جڏهن زوردار برسات پوندي هئي، تڏهن تلڪ چاڙهيءَ تان، آبشار جي رفتار واري تيزيءَ سان پاڻي هيٺ وهي لگندو هو، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪان هيٺيون رستو پاڻيءَ سان ڀرت ٿي تار ٿي ويندو هو، ۽ ٺٺن وارو ڏيک ڏيندو هو. سليم کي خبر هئي ته اهڙي وهڪري ۾ لاهيءَ تان موٽر هلائڻ مشڪل هو. هيٺ اسٽيشن روڊ تي ۽ گاڏي ڪاٽي ۾ مينهن جو پاڻي گڏ ٿيڻ وقت ٿي فوٽ کن ٿي ويندو هو. اهڙي حالت ۾ پاڻي موٽر جي انجڻ ۾ پهچي ڪري، گاڏي بند ٿي ويندي ۽ بيهي رهندي.

کنوڻ جي چمڪاٽ ۾ تيزي ايندي ٿي وئي. گجگوڙ به ٿيڻ لڳي ۽ هوا جي رفتار ۾ واڌارو اچي ويو هو. نيٺ نوين بجي ڌاري، هن انيلا کي وڪشا مان لهندي ڏٺو. هو تڪڙو ٻاهر نڪتو. ان وقت برسات شروع ٿي چڪي هئي. هن جلدي جلدي وچي پنهنجي موٽر کولي.

انيلا مرڪن جي بارش وسائيندي چيو:

”تون ته اهڙي تڪڙ ۾ پيو ڏسجين، ڄڻ ته گاڏي ڪسڻ جو انديشو آهي.“

”سگهو ٿي، اندر ويهه ڳالهيون پوءِ ڪجانءِ.“

”الا، ڪهڙي نه خوشگوار موسم آهي. اڄوڪي رات ته ڏاڍي رومانٽڪ ٿيندي“

هوءِ ٽهڪ ڏيندي موٽر ۾ ويٺي.

انيلا .... عمر پنجويهه سال، قد پورو پنو، رنگ پورو ۽ وارن جي ڪٽ مرداني، غرارو ۽ ڪلبل ڳچيءَ وارو چولو پهريل، پوتي سنهڙي ۽ شفاف، چانيءَ جا ڪنگرا، قد بت جي لحاظ کان وڏيڪ اپريل، چهري تي تمام گهڻي ميڪ اپ خوشبوين سان پريل، مسڪراهٽن جو مجسمو، هونءَ اداس اداس نظر ايندڙ، پر سليم سان اڪيلائيءَ وقت ڏاڍي چاولي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليم .... ٽيهن سالن جو اڻ پرنٽيل ڏاهوڪو جوان، قد ڊگهو، بدن تي ٽيٽران جو فل سوٽ ، وڏي ويڪري ٽاءِ ، وارن سان ڪيانڙي بہ ڏيکل، وات وڏو ، چپ ٿلهيرا ۽ دائمي مرڪندڙ، سگريٽ ڇڪڻ جو شوقين، اکين ۾ تيزي ۽ شرارت،ڏسندڙ کي ائين محسوس ٿيندو ڄڻ تہ چٽر پيو ڪري.

”ڏاڍي دير ڪيئي؟“ سليم موٽر ۾ وهندي پڇيو.

”وات تي ڪاليج آڏو شاگرد وڏي ميڙ جي صورت ۾ رستو روڪيو بيٺا هئا، ۽ جيئي سنڌ، سنڌو ديش ۽ سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ جا نعرا هڻي رهيا هئا . ان ڪري ويهہ پنجويهہ منٽ رڪشا واري کي رڪڻو پيو.“

ٿلڪ چاڙهيءَ ڪان هيٺ لٿا تہ وسڪاري ۾ ڏاڍي واڌ اچي وئي ، ۽ آنڌي ۽ مينهَ جو طوفان شروع ٿي ويو . شهر ۾ بجلي بند ٿي وئي . طوفان ۾ خطرناڪ تيزي اچي وئي . آوازن ڀيانڪ صورت اختيار ڪئي : گجگوڙ ، هوا جا سوسات، بارش جو ٿهہ ٿهہ ٿمڻ، نيسارن جو وهڻ، جڳهين جي درن ۽ درين جا ڪڙڪا ، رستي تي ڏاڪي جي بورڊن ، فلمن جي اشتهارن ۽ ٻين چيزن جو ڪرڻ.

فردوس سئنيما وٽ پهتو تہ هن ڏٺو تہ ڪي موٽر وارا بتيون روشن ڪري، رستي جي پاسي ۾ موٽرون روڪي ، بيهي رهيا هئا . هن بہ موٽر بيهارڻ ۾ سلامتي سمجهي . پر اجا بيٺو تہ موٽر جي ڇت مٿان شيشن ڪرڻ جا آواز ٿيا، جي پرو واري جڳهہ جي درين مان ڪريا هئا ، ۽ ڏسندي

ڏسندي پاسي وارن وڪيلن جي آفيسن ۽ دڪانن جا بورڊ ۽ تختا اڏامي اچي پرسان ڪريا. اتي ئي شور ۾ هڪڙو وڏو شور اڀريو . زبردست ڌماڪو ٿيو . شايد ڪا اوچي ماڙي ڪري هئي .

هن محسوس ڪيو ته هتي به خطرو آهي . ان ڪري موٽر اڳتي وڌايائين . ٻه ٽي موٽرون ۽ ٻه ٽي رڪشائون ، وچ رستي تي پاڻيءَ ۾ بيٺل ڏٺائين. اهي شايد انجڻ بند ٿيڻ ڪري بيهي رهيون هيون .

هن هنڌ ڪنهن پاڻيءَ جي نيڪال واسطي وڏيون پائيپون وجهڻ لاءِ رستي وچ ۾ وڏي کڏ کوٽيل هئي ، ڇهه ست فوٽ اونهي ۽ ڇهه ست فوٽ ويڪري. اها هاڻي پاڻيءَ سان پُرجي وڃڻ ڪري نظر نه ٿي آئي . هو ان رستي تان ايندڙ ويندڙ هو ، ان ڪري ان جي لاهين چاڙهين کان واقف هو . پر خطرو پنهنجي جڳهه تي موجود هو. جي موٽر ٿورو به هيڏي هوڏي ٿئي ته نه موٽر جو خير ۽ نه اُن ۾ ويٺلن جو .

موٽر ٻير ٻير ۾ ، جونئن واري رفتار هلي رهي هئي . هو پوري ڌيان ۽ خبرداريءَ کان ڪم وٺي رهيو هو .

موٽر قبرستان پرسان، کليل ميدان واري رستي تي پهتي. هتي ڪيتريون ئي موٽرون ۽ رڪشائون، قبرستان جي پٺت جي اوٽ ۾ بيهي رهيون هيون . ڇرندڙ گاڏي ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ٿي ڏٺي.

هو گاڏي هلائيندو رهيو . هن خيال ڪيو ته اهڙو تيز ۽ خطرناڪ طوفان آهي ، جو هتي بيهڻ به ڪو حادثو پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي سگھي ٿو، ۽ هو بهرحال هڪ ڏاري ڇوڪريءَ سان گڏ هو. ان ڪري ڏکيو سگھيو، جو ڪم ڪٿي به، هر حالت ۾ پنهنجي گھر پهچڻ ضروري سمجھيائين.

هن اهو به سوچيو ته به ڀيهي رهڻ جي حالت ۾ پتو ناهي طوفان هڪ ڪلاڪ هلي، ٻه ڪلاڪ هلي، چار ڪلاڪ هلي. پوءِ به رستا، وڻن يا بجليءَ جي ٿنڀن ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي جھجھائيءَ ڪري ايتري حد تائين بند ٿي سگھن ٿا، جو گاڏيءَ جو ڪاهي وڃڻ ناممڪن ٿي سگھي ٿو.

هن سامهون بيحد خطرا ٿي ڏٺا. هو من ئي من ۾ ڊڄي رهيو هو. پر پار پهچڻ جو پڪو پهه هوس. بجليءَ جون تارون ٽٽي موٽر مٿان ڪري ٿي سگھيون. ان جو مطلب هو موٽر ۾ ويٺلن جو موت. رستي جو ڪو وڻ پاڙان پٽجي مٿان ڪري ٿي سگھيو. طوفان ۾ ايڏي تڪائي هئي، جو گاڏي ڏڪجي، اونڌي ٿي ٿي سگھي. رستي جي پاڻي ۽ گپ ۾ گاڏي گسڪي، قبضي مان نڪري، رستي کان هيٺ ڪري ٿي سگھي. اونده ايڏي هئي، جو آمهون سامهون ايندڙ ويندڙ موٽر سان ٽڪر ٿي ٿي سگھيو. وڄ موٽر مٿان ڪري، ڀسم ڪري ٿي سگھي.

پر هو ماڳ پهچڻ جي ڌن ۾ موٽر ڪاهيندو هليو.

طوفان جي تيزيءَ ڪري گاڏي لُڏي رهي هئي. انديشو پئي ٿيو ته گاڏيءَ جا ڦيٿا زمين تان اکڙي ويندا، ۽ گاڏي بلاتيون کائي، ٽين جي خالي ڊٻي وانگر اڏامندي، الائي ڪٿي وڃي پهچندي. هو گاڏي پهرين يا ٻئي گيئر (گيئر)

۾ هلائي رهيو هو، جنهن گاڏيءَ جي زمين تي پڪڙ زياده کان زياده سوگهي رهي.

مينهن ايڏو زبردست ۽ ايڏي مقدار ۾ پئجي رهيو هو، ڄڻ ته آسمان جي درياهه جو بند ڀڄي پيو هو. پلر جي پالوٽ هئي، اوهيڙا ڪري ٿي اٿو.

روشنيءَ جي حالت اها هئي، جو موٽر جي آڏو ٻن گزن تائين به مشڪل نظر ٿي پئجي سگهي. ٻنهين جي شيشن تي پاڻي لڳي رهيو هو، وايو منڊل ۾ ڪارو نيار اڳو پيو هو. پاسي وارين درين مان ٻاهر ڪجهه نظر ڪونه ٿي آيو. فقط اونده ئي اونده هئي، ٻاٽ اونده، ڀيانڪ اونده. هن موٽر جي اندرين بتي ٻه ٻاري ڇڏي هئي، جنهن اڳيان يا پٺيان ايندڙ ڪنهن گاڏيءَ جي گهٽي کان گهٽي سوچنا ملي سگهي.

رستي جي ڇپي ڇپي سان واقفيت، هيانءَ جي سچائي ۽ وڄ جي واهر سان هو اڳتي وڌندو رهيو. پاسي کان ٻه ٽي رڪشائون ۽ رڪشا وارا نظر آيس. هرهڪ رڪشا وارو، رڪشا بيهاري؛ رڪشاڪي هٿن وسيلي زور سان زمين طرف پڪڙي ويٺو هو. شايد هو رڪشائن کي طوفان جي تيزيءَ ۾ اڏامڻ ۽ ٻلاٽيون کائڻ کان بچائڻ خاطر اهڙي نموني سوگهو جهلي ويٺا هئا.

هڪ هنڌ، هڪ موٽر رستي کان هيٺ اونڌي پيل ڏٺائين. شايد تيزي وچي اوڏانهن ڪري هئي. يا شايد ٻي ڪنهن گاڏيءَ سان ٽڪرجڻ ڪري اها گت ٿي هئس. انهن ۾

چڙهيلن جو ڪهڙو حشر ٿيو؟ پر اهڙي سمي، ڪنهن کي ايترو حوصلو يا ايتري همدردي هئي جو لهي وڃي جاچ جوچ ڪري ۽ ڪنهن انسان کي بچائڻ جو جتن ڪري.

هو رڙهندو هليو. صفا انڌن وانگر. آسپاس جو ڪو پتو ڪونه ٿي پيو. شور، گجگوڙ، سوسات، ڪڙڪات، ٺڪاءَ ٺماڪا، موٽر جي ڇت مٿان ڄڻ سوين هزارين ڍرم وڄي رهيا هئا. طوفان جو راڪاس ڦوڪون ڏيئي رهيو هو. وڄون نه هيون، باهه جا نانگ هئا.

هاڻ وقت هن کي اندازو ٿي ڪونه هو ته اهڙو خوفناڪ طوفان ايندو.

ويلوي ڦاٽڪ وٽ پهتو. اتي جي خطري واري ڳاڙهي بتي ٻري رهي هئي. پر ڦاٽڪ ڪليل هو. هو ڦاٽڪ اڪري، لطيف آباد ۾ گهڙيو ۽ ٻئو رستو ورتائين.

اوچتو هن هڪ هنڌ روڪڻي (بريڪ) لڳائي. موٽر ذري گهٽ رستي جي وچ ۾ ڪريل وڻ مٿان چڙهي وئي هئي. گاڏي پوئتي ڪري، وري پاسي کان اڳتي وڌايائين.

ٿورو اڳيرو سامهون ايندڙ رڪشا ان وقت نظر آيس، جڏهن صفا اچي ٽڪريس. پر بچاءُ ٿي ويو. رڪشا، موٽر جي پاسي کي رهڙيندي هلي وئي. نه رڪشا وارو بيٺو ۽ نه هن موٽر روڪڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. رڳو ٻڙ ٻڙ ڪري چيائين: ”هي ڪمبخت رڪشا وارا ههڙي سمي به صحيح پاسي نه ٿا هلن.“ ڇو ته هي ’هڪ طرفو‘ رستو هو ۽ رڪشا وارو غلط اچي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انيلا چيس: ”پرواهه ناهي، خير ٿي ويو.“

هي سارو وقت ڇوڪري چپ ۽ گنڀير رهي هئي. فقط ڪڏهن ڪڏهن سليم کي چيائين ٿي: ”سنڀالجانءِ، سامهون گاڏي آهي.“ يا ”سنڀالجانءِ، هتي گهڻو پاڻي ٿو ڏسجي.“

انيلا ڪاٻه گهٻراهٽ ڪانه ٿي ڏيکاري، ۽ نه ڊپ يا پريشانيءَ وارو آواز ٿي ڪڍيائين.

اهو پرکڻ خاطر ته انيلا ڊنل آهي يا نه، سليم، موٽر جي اندر واري روشنيءَ ۾ به ٿي گهمرا هن ڏي نهاريو. پر هن جي چهري تي ڪوبه خوف ۽ هراس جو اهڃاڻ نظر ڪونه آيس. شايد ڇوڪريءَ پنهنجي گهٻراهٽ ڏيکاري، اهڙي وقت سليم کي وڌيڪ پريشان ڪرڻ نه ٿي چاهيو.

هڪ هنڌ ڇوڪريءَ کان پڇيائين:

” ڊڄين ته ڪونه ٿي؟“

” مان اهڙا ڪيئي طوفان ڏسي چڪي آهيان. مان ڪونه ٿي گهٻرايان.“

سليم ته ڏاڍو گهٻرايل هو، پر ٻاهريون پنو رکندو ٿي آيو. هو پنهنجيون پوريون قوتون گاڏي سنڀالڻ ۾ خرچ ڪري رهيو هو. ان ڪري هن وقت هن جي دماغ ۾ ٻين خيالن اچڻ لاءِ خال ڪونه هو. پر تنهن هوندي به موت جو ويچار آيس ٿي. حالتون اهڙيون هيون، جو ڪنهن به وقت ڪجهه ٿي ٿي سگهيو. هيڪر اهو خيال به آيس ته هن حالت ۾ موت ٿيو ۽ منهنجو لاش هن ڇوڪريءَ سان گڏ ڏٺو ويو ته ماڻهن جي به بدنامي ٿيندي، ۽ منهنجي لاءِ واقفڪارن ۾ ڪو همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪونه ٿيندو.

رستي وارا بجليءَ جا هڙئي ٽنيا گهٽو ڪري جهڪي پيا هئا؛ ڪي ٽورو ، ڪي گهٽو ۽ ڪي ته زمين جي صفا ويجهو هئا. سليم انهن ڪان به بچندو آيو.

رستي جي موڙن جي به خبر نه ٿي پئي. جتي هن کي مڙڻو هو، اتي اندازي تي بيهي ٿي رهيو ۽ ڪنوڻ جي چمڪي ۾ اتي جا نشان ۽ پارپتا چڱيءَ طرح چڪاسي، پوءِ ٿي گاڏي موڙيائين. هڪ موڙ تي ٽوهه ونڻ ۽ خاطري ڪرڻ لاءِ هن کي پورا ڏهه منٽ ، وڄ جي روشنيءَ ۾ آسپاس جي جاچ ڪرڻي پئي.

رواجي طرح هي ٽي ميل ڏهن منٽن ۾ طئہ ٿيندا آهن ، پر طوفان ڪري، چاليهه منٽ لڳي ويا. هن سفر جي پوئين ميل ۾ هن کي ڪابہ هلندڙ گاڏي ڪانہ گڏي. سڀ اڻ مڃي بيهي رهيا هئا.

بنگلي ۾ نوڪر موجود هو. هن سليم کي سلامت ڏسي چيو :

”خدا جو شڪر آهي، توهين خير سان پهتا. منهنجو تہ ساهہ سڪي ويو هو. هي طوفان تہ ڪو خدائي غضب آهي. منهنجي به هيءَ ڄمار اچي ٿي آهي، پر ههڙو طوفان نه ڏٺو سين نه ٻڌو سين.“

گهر ۾ گهڙڻ سان سليم اطمينان جو ساهہ کنيو ، ۽ انيلا جي اليلائي موٽي آئي.

”مون کان وڌيڪ تہ تون ڊنل هئين. مان ڏسي رهي هئس تہ تنهنجو منهن هيڏڙو ٿي ويو هو.“ انيلا هڪ هٿ

جون آگريون ملائي چيو ۽ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي ”پر مان تنهنجي بلند حوصلي ۽ همت کي مڃان ٿي.“
پنهي جا گڏيل ٺهڪ گونجيا.

بجلي بند هئي . نوڪر لالٽين پاري ڪمري ۾ رکي ڇڏيا هئا . هو انيلا کي ڇپاهه ۾ هٿ وجهي ، پنهنجي ڪمري ۾ پهتو. ڪمري ۾ اچي هن پنهنجي ”آواز بند“ (ٽيپ رڪارڊ) جو بٽڻ دٻايو. ان تي ان وقت ڪو سنڌي گيت لڳل هو، جو وڄڻ لڳو .

هو ڪپڙا بدلائڻ لڳو. انيلا پرپرو ميز وٽ ويٺي هئي . ميز تي هڪ سنڌي اخبار ڏٺائين. سنڌي اخبار ڏسي ۽ سنڌي گيت جي گونج ٻڌي، هن کي ڪلاڪن اڳ ٻڌل سنڌي شاگردن جا نعرا دل تي تري آيا، ۽ هوءَ ڪن خيالن ۾ گم ٿي وئي.
اوچتو سليم چيو :
” ڏسجي ٿو ته سنڌ ۾ به بنگال وارا طوفان شروع ٿي ويا آهن.“

انيلا جيڪا بهارڻ هئي، بنگلا ديش جو انقلابي طوفان ڏسي ، ان ۾ پنس جي ڪوڙن ڪليمن ذريعي هٿ ڪيل لکن جي ملڪيت کان محروم ٿي ، پنهنجي پيءُ ۽ جوان ڀائرن کي پنهنجي اکين آڏو قتل ٿيندي ڏسي ، انهي اردوءَ کي دفن ٿيندي ڏسي ، بنگلا ديش جي خيراتي ڪئمپن ۾ ٻه سال پيڙجي ۽ ڏکيا ڏينهن ڪاٽي ، ڏاڍي مشڪل سان ٽازو هتي پهتي هئي .... ۽ جنهن هتي اچي، هتي جي ڏيهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جون به بنگالين جهڙيون
ڀڏيون هيون ، ۽ پيٽين تي ”بهار ...
هئا، جنهن کي پنهنجي سنڌي يار ...
ٿورو گهڻو حوصلو ڏيکارڻ به هن کي ... هو ،
۽ جا هينئر ميز تي سنڌي اخبار ڏس... ...ڌي گيت
پڙهي ، ڪلاڪ کن اڳ پڙهل سنڌي شاگردن جا نعرا ياد
ڪري خيالن ۾ ٻڏل هئي .... تنهن پنهنجي ذهن جي لڪل
پريشانيءَ ۾ سمجهيو ته سليم چوي ٿو ته هتي پڻ بنگال
وارو انقلابي طوفان شروع ٿي ويو آهي .

هن خالي خالي ، مرجهايل ۽ ڊپ ۾ ڀريل نظرن سان
سليم ڏي نهاريو .

انيلا جو چهرو پيلو پئجي ويو هو. ڀڳريون پيرو هن جي
مرڪندڙ ڀڪندڙ ۽ چلولي چهري تي چنتا، خوف ۽ هراس
جا بادل ڇرجي آيا.

★

حيدرآباد : ٢٨- مئي ١٩٧٤ع
سنڌ رنگ : نومبر ١٩٧٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپور شهر جي تاريخ

ليکڪ: لکـمـيـرام آڏارام ملڪاڻي

شروعات کان وٺي ورهاڱي تائين حوالن سميت

قيمت ۰۰- ۱۸ روپيا

عڪسي ڇپائي آڇو پنو ۴۸۰ صفحا

(۱) ادب ۽ تنقيد	ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل
(۲) سنڌ ٻولي جو بڻ بنياد	ڊاڪٽر غلام علي الانا
(۳) خواب نامو	پروفيسر غلام حسين جلباڻي
(۵) غريبن جو وارث (ناول)	اين-ايم ٻمياڻي
(۴) وڇون وسڻ آئيون	شيخ اياز
(٦) عبرت ڪده ڀاڱو ٻيون	ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل
سٿر ڏهر	(پريس ۾)
سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ	(پريس ۾)
سنڌي نثر جي تاريخ	(پريس ۾)

زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورِي پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڳڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book